دنيا دورنگي

غلام نبي خان "آغا"

دنيا دورنگي

از

غلام نبي خان "آغا"

سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد / ڄامشورو سنڌ
۱۴۱۳/۱۹۹۲ع

پهريون ايڊيشن	١٩٦٠	تعداد ٢٠٠٠
ٻيو ايڊيشن	١٩٧٧	″ ٢٠٠٠
ٽيون ايڊيشن	١٩٩٢	″ ٢٠٠٠

[سڀ حق ۽ واسطا قائم]

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.
(جنرل پوسٽ آفيس، باڪس نمبر ١٢)

هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس
ڄام شورو، سنڌ ۾ مئنيجر ميان الله بچائي يوسف زئي
ڇپيو ۽ سيد امداد حسيني، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ
ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

ناشر طرفان ٻه لفظ

ڪتابي ادب جي حفاظت ۽ بقاءَ جو دارومدار ڪتابن جي عام موجودگيءَ تي آهي. ڪي ڪي مذهبي ڪتاب برزبان ياد به ڪرايا ويندا آهن، ۽ انهن جي بروقت حفاظت جو اهو به هڪ طريقو آهي — پر ڪتاب مذهبي هجن يا خالص علمي ۽ ادبي، هڪ دفعو جيڪڏهين ڇپيا ۽ پوءِ ائين گم ٿي ويا، جو عام پڙهندڙن کي وقت سر انهن جو ملڻ ناممڪن ٿي پوي، ته ڄڻبو ته آهي ڪتاب ۽ منجهن جيڪو ادبي سرمايو موجود هو، سو هميشه لاءِ ڄڻ فنا ٿي ويو.

زنده ٻولين پنهنجي ادبي سرمايي کي ڪڏهين به ائين بيدرديءَ سان فنا ٿيڻ نه ڏنو آهي — سندن ادبي شاهڪارن جا ڇاپا نوان نوان ڇاپا باقاعدگيءَ سان نهايت آب تاب سان هميشه نڪرندا ئي رهندا آهن.

افسوس آهي، جو اسان جي سنڌي عالمن ۽ اديبن، ادبي جماعتن ۽ علمي ادارن، اڄ تائين ان طرف ايترو ڌيان نه ڏنو آهي، جيترو ڪين ڏيڻ گهربو هو: نتيجو هي نڪتو آهي، جو اڄ سوين اهڙن بي مثل سنڌي ڪتابن جا نالا وٺي سگهجن ٿا، جيڪي ڪنهن به قيمت تي پڙهندڙن

کي هٿ نہ ٿا اچي سگهن، ۽ اِئين پڻ ڀانئجي، ته اهي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪڏهين لکيا ئي ڪونه ويا هئا — ظاهر آهي ته پنهنجي ادبي ورثي ڏانهن ايتري سرد مهريءَ ۽ اُن ڪان ايتري غفلت ۽ لاپرواهي نه ڪڏهين معافيءَ لائق ٿي سگهي ٿي، ۽ نه وري اُن جي ڪڏهين ڪا مناسب ڀرپائي ئي اسان ڪان ٿي سگهندي. پنهنجن وڏن جي ميڙيل چونڊيل املهه ماڻڪن کي ائين هٿن جي وٿين مان واريءَ وانگر جيڪڏهن هميشه وڃائيندا ئي رهنداسين ته آخر ۾ سواءِ خالي هٿن جي باقي اسان وٽ ڇا وڃي بچندو، سا ڳالهه سيڪو سمجهي ٿو.

سنڌي ادبي بورڊ، انهن ڳالهين کي محسوس ڪندي، هڪ بنيادي مقصد پنهنجي سامهون هيءَ به رکيو آهي، ته ٻوليءَ جا پراڻا ڇپيل ڪتاب جنهن عزت ۽ احترام جي لائق آهن، تنهن عزت ۽ احترام سان ٻيهر ڇپائي شايع ڪيا وڃن، ته جيئن سنڌي ادب ۾ انهن ڪتابن جي هڪ دائمي حيثيت باقي رهي سگهي. انهيءَ مقصد جي پورائيءَ ۾ بورڊ طوفان اوڏٿيهه ڪتاب: گُل شڪر، حيات النبيﷺ، سير ڪوهستان، بلو کوکر، گُل قُل، جهان آرا، سون ورنيون ڏ ليون، راسيلاس، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، هدايت الانشا، گُل، ايسپ جون آکاڻيون، زينت، سيا جيو سينگار، خود ياوري، دلارام، مقالات الحڪمت، تحفة النسوان، شاه ايليا، فيروز دل افروز، نيڪي بدي، سچي محبت، ڳالن جي نوڪري، ٽي گهر، گليور جو سير ۽ سفر، تنلسمن عرف غازي صلاح الدين، دلپسند قصا، بعاغ ۽ باغباني،

۽ حسنا دلدار، اڳي ئي ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن، ۽ هاڻي ساڳئي سلسلي جو هي ٽيهون ڪتاب خدمت ۾ پيش ڪجي رهيو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ هن پنهنجي خاص اشاعتي پروگرام جو هڪ شعبو خاص اهڙن معياري مگر ناياب ڪتابن جي از سر نو طباعت ۽ اشاعت ۾ مصروف رکيو آهي.

نهايت خوشي جي ڳالهه آهي، ته انهيءَ پروگرام ماتحت ڇپيل ڪتابن مان ڪن جا ته ٻيا ۽ ٽيان ايڊيشن به بورڊ کي سال ٻن جي عرصي ۾ وري وري شايع ڪرڻا پيا آهن، جنهن مان عوام طرفان بورڊ جي هن ڪوشش جي قدردانيءَ جو ثبوت ملي ٿو.

مناسب سمجهجي ٿو، ته هتي بورڊ جي انهيءَ پروگرام جي سلسلي ۾ هڪ خاص چيز جو ذڪر ڪجي: بورڊ اهي ناياب ڪتاب محض جيئن جو تيئن ڇپائي ڪونه ٿو پڌرا ڪري، بلڪ انهن کي لائق اديبن هٿان نئين سر سنواري، طباعت ۽ ڪتابي اشاعت جي جديد تقاضائن موجب حتي الامڪان ڳاهي سينگاري، پوءِ شايع ڪري ٿو ڪري — ايتريقدر، جو ڪتابن جي هنن نون ڇاپن جي افاديت ۽ اهميت ئي خاص پنهنجي ٿيو وڃي ٿي.

بورڊ جو هي پروگرام ڪافي وسيع آهي، ۽ ان ماتحت سردست اڪثر به سؤ قديم خواه جديد — مگر ناياب ٿيل — ڪتاب شايع ڪرڻا آهن. اميد آهي ته سنڌي ادب جا

ڀي خواهش، بورڊ جي هن ڪوشش کي همٿائيندا، ۽ هن نيڪ مقصد جي تڪميل لاءِ بورڊ کي پنهنجي گرانقدر مشورن سان هميشه نوازيندا رهندا.

حيدرآباد سنڌ
٢٦ آگسٽ ١٩٦٠ع

محمد ابراهيم جويو،
سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ

ڇپائيندڙ پاران

هاڻي گهڻو ڪجهه بدلجي ويو آهي. ٻولي Diction صنفون حالتون ... "دنيا دورنگي" بہ ادب جي هڪ صنف آهي: ناٽڪ. ناٽڪ، جيڪو اسٽيج لاءِ لکيو ويو آهي. اهو ناٽڪ ڪڏهن اسٽيج بہ ٿي سگهيو يا نہ؟ تہ اهڙي پڪ ڪانهي، ڇاڪاڻ تہ ڪتاب جي ٻهرين ڇاپن ۾ اهڙي ڪابہ ڄاڻ ڏنل نہ آهي. سواءِ ان جي تہ هن ڪتاب کي ناياب ۽ معياري ڪتابن جي ڪاتي ۾ ڇپيو ويو آهي.

دراصل اسان وٽ ڪابہ ريت ـ روايت يا تہ جُڙي ئي نہ آهي، يا تہ وري اُپڙي نہ سگهي آهي. اسٽيج ـ ناٽڪ سان بہ اسان وٽ ساڳي ڪار ٿي آهي ـ ۽ اسان سمورا اسٽيج ٻين لاءِ خالي ڇڏي ڏنا آهن. اهو بي حسيءَ ۽ بي رحميءَ وارو رويو اسان زندگيءَ جي هر شعبي ۾ قائم ۽ دائم رکندا اچون. اسان جي انهن پرڪارن جي ڪارڻ ئي "اسٽيج ـ ناٽڪ"، جيڪو زندگيءَ کي سيني صنفن کان وڌيڪ ويجهو آهي، اسان وٽ ترقي نہ ڪري سگهيو آهي.

اُسريل دنيا ۾ ڪتابن جي ڇپائي هڪ صنعت جو درجو ماڻي چڪي آهي. پاڪستان هڪ اُسرندڙ ملڪ آهي ۽ سنڌ انهيءَ اُسرندڙ ملڪ جو هڪ پوئتي پيل صوبو آهي ـ جنهن ۾ خواندگيءَ جي شرح توڙي تعليمي معيار تهائين گهٽ آهي. ان سڄي صورتحال ۾ سنڌي ادبي بورڊ جون ذميواريون اڃا بہ وڌي وڃن ٿيون. ان ڏس ۾ سنڌي ادبي بورڊ گهڻو ڪجهه ڪري سگهي ٿو ۽ ان لاءِ سچائي، ايمانداري، ڄاڻ، تجربو، اهليت ۽ پاڻ ارپڻ وارو جذبو بنيادي

حيثيت رکي ٿو. ان لاءِ مدي خارج ۽ اڏوهي ڪاڌل ريت - روايت جو خاتمو آڻڻو پوندو. نااهليت ۽ بد عنوانين کي ڪني آگر وانگر وڍي اُڇلائڻو پوندو.

سڀ ڪان بنيادي ڳالهه اها آهي، ته سنڌي ٻولي جيڪا ١٩٤٧ کان اڳي اُسريل ٻولين جي سٽ ۾ شامل ٿي رهي هئي، اُها انهيءَ ڊوڙ ۾ پوئتي ڪيئن رهجي وئي! ڪٿي ان جو ڪارڻ اسان جي ذاتي انا يا ذاتي مفاد ته نه هو؟ يا اسان ۾ پاڻ ارپڻ وارو جذبو نه رهيو هو! يا انهيءَ مامري ۽ مونجهاري کي سمجهائڻ ۽ نبيرڻ جا اسين اهل ئي نه هئاسين؟

اهي سمورا سوال اسان سيني جي آڏو آهن ۽ جواب طلب آهن. جيڪڏهن اسين پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائينداسين ته انهن سوالن جا جواب لهي سگهنداسين ۽ ائين اسين مايوسين جي اوڙاهه ۾ ڪِرڻ کان بچي سگهنداسين ۽ اڳتي وک وڌائي سگهنداسين.

ٿورڙو پير کي اُچت ڪڻ تون،
ٿـورڙو وِکَ کـي وڌائي رک.

ڏينهن آهي هتان ٻه ميل پري،
اکـڙين جـا ڏيا جـلائي رک.

سيد امداد حسيني
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ.

۵- نومبر ١٩٩٢ع
ڄام شورو، سنڌ

باب پهريون

پردو پهريون

باغ

* تون مالڪ جڳ، خالق، پريو تون آهين سرجڻهار،
تنهنجو آڌار، اي ڪرتار!
ڏوتي نثار لک لک ڀار، ڪرم ڌرم رک تون شرم جڳ
۾ ستار،
وه واه پياري گلزاري، قدرت جي گلڪاري، عجب اسرار
تنهنجا غفار!
پانيون تا هرچمن ۾، هر بن ۾، هرمن ۾ ڏون آن پريو پالڻهار!
رت آئي چمن ۾ باد بهاري آ، واه واه، واه وا،
واه وا، واه وا، واه وا!
۱- سوسن، سنبل، گل لالان، چمن ۾ محفل سينگاري آ،
واه وا!
۲- چمپا، چنبيلي، آ نرگس اڪيلي، آ گل گل گلڪاري آ،
واه وا!
۳- رنج و الم ويو "آغا" خوشيءَ جي هي تازي تياري آ،
واه وا،

---

* گانو: سهيليون، طرز: "تون داتا جڳ داتا".
گانو: مولقا، طرز: "دن آيا بهار کا".

*گل لالان چمن ۾ ڏيسو گلبو دل ساري سگهي ٿي بهار کي،
ٻڌن جواني - لاڏماني ٻڌن ڏيان سگهي ٿا ۽ سينگار کي،
بلبل ٻولي پيار جواني، اٿي بخشي آ،
دل گهبرائي، پيا بن "آغا" ساري منهنجو ڏيو پيار کي!

مهلقا : اي زرينا، اڄ باغ ته ڏس ڪهڙو نه پر بهار آهي، هر ڏنل گل ۾ صنعت پروردگار آهي، هڪ طرف نرگس خبردار آهي.

ٻي طرف موتي جي مهڪار آهي.
وه واه ڪهڙي اڄ باغ ۾ باد بهار آ،
لالا ڪري ٿي لاڏ، ڪڙيو ڪنڌار آ،
بلبل کي لات وات آ، رعنا جي رات ڏينهن،
هي صحن سڄو زعفران ڪيو زرنگار آ.

زرينا : خوشي کان عندليب خوشنوا ڪجهه ٿي چوي بانو،
گلن کي گوش ۾ باد صبا ڪجهه ٿي چوي بانو.

مهلقا : اي ڪمبختو، ٻڌايو ته اڄ منهنجي حسن و جمال جو ڪهڙو خيال آهي؟

زرينا : سارام، تنهنجي حسن جي، انسان چا ڪندو!
نينن جي اڳيان جلوه غزالان چا ڪندو!
قد تنهنجي اڳيان، آهي سرو حيا ۾،
لب لعل اڳيان، لعل بدخشان چا ڪندو!

حسينا : توکي حسن خدا آ ڏنو، اهڙو ته دلربا:
لالا ٻي آهي خجل اڳيان تنهنجي مهلقا!

گلنار : بلبل چمن ۾ روز شب، آ مست ثنا ۾،

---

* ڳائو مهلقا، طرز: "جها ترسے بد ريا برسے سکهي".

شمشاد آهي شرم ۾ ۽ سرو حيا ۾.

گلزار: مهتاب اگر رخ اڄي تو سان ملائيندو،
پانڌو يقين ڄاڻ ته آهو منهن جي کائيندو!

مهلقا: اي گلزار وڃ سون لاءِ ڪو عشق پيچ جو گل چني آءُ.

گلزار: حاضر بندي تيار آهي، رڳو حڪم جو انتظار آهي.
(اندر شمشاد ۽ سندس ٽمبڪٽو غلام)

شمشاد: وه خوب خاصو خوشنما گلزار ٿو ڏسان،
گل ڪان سواءِ نه باغ ۾ ڪو خار ٿو ڏسان،
بلبل جي عجب رقص ۽ رفتار ٿو ڏسان،
سنبل کي مثل ڪاڪل خمدار ٿو ڏسان.

آ، ها — سڀڪو پڪي خدا جي ياد ۾ المست آهي، وه واه جو باغ جو بندوبست آهي، مگر اي ٽمبڪٽو مهربان انسان جو پتو نه نشان، نه مالهي نه دربان.
(نظر پوڻ مهلقا تي)

وه واه هي ڪير ڪا حور آهي يا نار آهي يا پرين جي سردار آهي، جواني جي نشي ۾ سرشار آهي — حسن جي دماغ کان مغرور ٿي ڏسجي، البت عشق محبت ۾ چڪنا چور ٿي ڏسجي. اي عزيز ٽمبڪٽو، منهنجي عقل جو دفتر اڄ ناس ٿيو، دل کي وسواس ٿيو، عشق عقل تي غالب ٿيو، بلبل گل جو طالب ٿيو.

بيت

يا الهي نور آ، يا ماه پاره يا پري،
آ حسينن پار "آغا" دل اسان جي کئي چري،

گفتگو ۾ گلبدن جي آ سحر ڪو سامري،
آ نگهه دلدار جي، تلوار خنجر يا ڇري.

ٽمبڪٽو: (الڳ ٿي) اڄو سائين، امان جو ميان آقا صاحب گهڙيءَ جو گهڙيءَ ۾ ميان ڇيريئو سرڪاري، انڊو بن فصل آلو جو پٽو بنجي پيو.

(شمشاد) سان) جناب عالي، وه واه اوهان جو خاندان پاندان — هڪ ڇنولي ڪتولي پراڻي واٽ تي، وڃايو شان مان — هي ته اوهان جي سونهي امان ڄان اي مهربان.

شمشاد: چپ ره نابڪار!

ٽمبڪٽو: حاضر سرڪار!

شمشاد: شڪر آ، اڪ تہ ملي ويئي خدا قادر آ، دل ملي ويندي.

گلزار: (مهلقا سان) هَي هَي بانو، هتي هڪڙو مٺو ڇڪاءِ، ڇڙو رسالي جو گهوڙو، ڏندومشٽنڊو، ڪتو آلوءَ جو پلو بيٺو آهي!

* تون ڪير ڪير ڪير ڪير؟
تون ڪير، بشر هت آئين ڪٿان آئين،
چاهي تنهنجو نام، چاهي تنهنجو نام؟

شمشاد: (انتره) بلبل بيمار هان، طالب د يدار هان،
گلشن ۾ گل گل بي خار هان!

سهيليون: تون ڪير ڪير ڪير......

* گانو سهيلون طرز: ”تو لا لا لا لا تو پر جام پلا.“

بيت

مهمان مڪري مون کي قضا آندو آ افسوس،
بلبل کي چمن ۾ رضا آندو آ افسوس!

ٽمبڪٽو : (سهڪنديءَ سان) اڙي او لنڪا جي لنگور بيشعور، تنهنجو نالي سان چا ضرور، اهو آهي خلاف دستور، مهمان کي بي عزت ڪرڻ آهي منصفي کان دور. او سيني زور، ٿا سمجهو ٿي اسان کي چور، جو ڪرين ٿي شور.

زرينا : (تال طبله) اڙي پنگي بد افعال، تنهنجو آهي آ زوال، نڪر ٻاهر بد خصال، جو آئين گلزار ۾.

حسينا : (تال طبله) چل چهڙا چمار، هتي کائيندين مار، تو قريا آهن ٻار ڪي ڦوڙو بزار ۾.

ٽمبڪٽو : (تال طبله) واه شيطان جي خالو، تنهنجي نخري ۾ مصالح، تنهنجو هر هالو منهن ڪالو آهي ساري دربار ۾.

گلزار : (زباني) سر تي جناب جي تہ دستار ڀاري آ، پر پيٽ تہ مٺي جو ڪتبخاني جي الماري آهي.

گلزار : نہ نہ ڪا عورت پيٽ واري آ، پا ڪا جلندر جي بيماري آ.

ٽمبڪٽو : توبهہ توبهہ الله زاري آ، رکو لعنت ۽ خواري آ. اي ميان جناب عالي، اوهان چيو تہ نہ دربان نہ مالهي آهي، پر هتي تہ نڪري آئي سؤ سالي آ.

عشق نہ شد — چني شد — عشق ڪيو اوهان موچڙا کائي ٺمبڪنو، قلم ويهون ٿيو گهر سان لاڳو، چور چئي ويو ڀاڳيو قابو۔
مهلقا: (شمشاد سان) اوهان جو نالو مبارڪ اي زيشان۔
شمشاد: بلبل مستان — حسن پرست انسان۔
مهلقا: مڪان۔
شمشاد: ڪوه ۽ بيابان۔
مهلقا: وه واه، ڇا صاحب تجمل آهيو، مگر ڪهڙيءَ شاخ جا گل، ۽ ڪهڙي باغ جا بلبل آهيو؟
شمشاد: نہ صاحب تجمل، نہ گل نہ، صياد هان مون، صرف اوهان جي حسن جي باغ جو بلبل ناشاد نالي شمشاد هان مون۔
ٺمبڪنو: (مخاطب پبلڪ) نہ باندر نہ پولو نہ هاٿي نہ گهوڙو، نہ ڪرتي ذ گدرو نہ عاقل نہ پاگل — عجب طرح جو انسان آهين تون! بس يارو اسان جي تہ شعر شاعري جي جنگشن اسٽيشن اچي ويئي۔
(شمشاد سان) ليڪن ڪنهن ڏيکاريو اوهان کي حسن انجمن جو رستو؟
شمشاد: ڪير ڏيکاري ٿو بلبل کي چمن جو رستو؟
مهلقا: اوهان جو زنانخاني ۾ اچڻ جو ڪهڙو ڪم؟
شمشاد: سڌ سر سبز سينگار جي حيران ڪان گهرجي پڇڻ، ڪل ڪاڪل خمدار جي مستان کان گهرجي پڇڻ!
مهلقا: مان نہ بلبل هان نہ مون کي گلستان جو هوس، مان نہ يوسف هان نہ مون کي زندان جو هوس،

مان ئي، مجنون هان نه مون کي بيابان جو هوس،
مان دل ۾ انهيءَ عشق جي تمنا نٿي رکان،
يوسف به اگر اچي ته پرواهه نٿي رکان.
شمشاد: جنهن چاه ۾ پاڻي نه آ، سو خوف جوڳي چا ڏيو،
بي فيض اگر يوسف ثاني ڏيو ته ڇا ڏيو.
جو بغير عشق جي انسان آهي، سو انسان ڇا بلڪ حيوان آهي.
زرينا: اي ميان مرد نيڪ نام، بندي کي اهو هار ڪر انعام، ته ڪم ٿئي تمام.
شمشاد: ڇا انجام؟
زرينا: انجام ڇا، سچو ڪلام.
ٽمبڪٽو: (مخاطب ٿي پبلڪ) بيشڪ گهر جو ڏواي،
گهر جو حجام، شاباس اي نيڪ نام، نمڪ حرام، شاباس!
شمشاد: آ — هان — هار ڇا سر قربان آ.
ٽمبڪٽو: (مخاطب پبلڪ) هان هان ڏنهنجي ٻيءَ جو ڪهڙو نقصان آ، ڏاڏي سائين جي فاتح حلوائي جو دڪان آ. بيشڪ لٽيو اتي ته سيکجهه ڪرو، مگر ويچاري ٽمبڪٽو کي ڏين مهل سو ڏيئڙ ۾ ڀرو.
مهلقا: (شمشاد مان) هن حسن جو اگهي ڇو خريدار ڪونه هو؟
شمشاد: هن عشق جو اگهي پرين آزار ڪونه هو!
مهلقا: هن ناز جو جهان ۾ طلبگار ڪونه هو؟
شمشاد: هي سينڌ سرمون جان من سينگار ڪونه هو!
مهلقا: بلبل به اگر هوئي اگهي گلزار ڪونه هو؟

شمشاد: جي هو حڪيم ڪو، وري بيمار ڪونه هوا

(انڊر مشتري)

مشتري: اگر هتي ڪا گهر ڏيڻاڻي آهي ته، ان کي بدي جو سلام آهي.

زرينا: آخر ڪهڙو ڪلام آهي يا رڳو سلام آهي.

مشتري: هي عشق وارن جو پيغام آهي، يعني هي رومال بي مثال ۾ هي هار مهلقا جي عاشق زار دلفگار، محرم راز ممتاز ڏنو آهي، قبول ٿئي ناقبوليءَ سان دل ملول نه ٿئي.

ٺمبڪٺو: (مخاطب پبلڪ) اڇهو، جناب مون ته اڳي ئي چيو ته هڪڙا خيال ۾، ٻيا پراڻي اسپتال ۾، (شمشاد سان) جناب اعليٰ، هينئر اوهان خيـر سان وڃي ابابيلن وانگر هوا سان پيٺ پريو يا جلد اپيل ڪريو نه ته ڪيس ڪمٽ ٿو ٿئي.

مهلقا: قاصدا ڏي ڪا خبر اج دلربا دلدار جي،
ڪر حقيقت جلد ڪا ممتاز محرم يار جي،
درد ۾ دانهون ڪندي آغا گذاري رات آ،
جلد جانا لهه خبر ٻهر خدا بيمار جي.

هاءِ، هن پنهنجي لعل جي رومال کي دل سان لڳايان، اکين ۾ وچايان، (روئندي) مون ته اصل کان پياري ممتاز تي حيران آهيان، مثل بلبل جڻن مستان آهيان.

* اي باد صبا، جلد چؤ دلدار ڪٿي آ،
پيغام آ جنهن يار جو، سو يار ڪٿي آ؟

---

*ڳائڻو مهلقا. طرز: "الفت ڪو بڙا ڪرڪي گهٽانا نهين اچا"

هردم تون مون کي ياد آن، منهنجي به خبر ڪا،
غمخوار تو لئي ته هي بيمار ڪٿي آ؟
قاصد سکهو قريب جي ڪر ڪا ته خبر تون،
مون کي ٻڌاءِ منهنجو وفادار ڪٿي آ؟
قاتل مون ڪهٽيءَ د ير ڪان گردن آ جهڪائي،
مشتاق جي سا قتل جي تلوار ڪٿي آ؟
”آغا“ بغير بلبل بباغ سخن اندر،
اهڙن گلن جو ڪوئي خريدار ڪٿي آ؟

شمشاد: ا ها الاهي هي ڪهڙي راز فاش، شيشو پاش پاش ٿي پيو، ڇا اها ڳالهه اوهان کي منظور آهي، شايد اهو ئي اوهان جو دستور آهي. اول هو انجام، هيئنر هي ڪلام. افسوس!

بيت

مزو ويو ملڪ مان يارو وفائي وٺي هلي ساري،
محبت ناهه ماڻهن ۾ رهي ناهي وفاداري!

مهلقا: حسينن ۾ ڪر بيوفائي نه هجي ها،
برائي نه هجي ها ڀلائي نه هجي ها،
دنيا ۾ اگر پارسائي نه هجي ها،
ته هرگز خدا جي خدائي نه هجي ها.

شمشاد: جنين کي درد دلبر جو انهن جي دل ولڻ گهرجي،
جنين سر ساهه ڪيو صدقي انهن سان ڇا ڇنڻ گهرجي!

مهلقا: محبت ناهه جنهن معشوق کي مشتاق پنهنجي سان،
انهيءَ جو خيال اي نادان نه دلبر ڪو ڪرڻ گهرجي.

شمشاد: خدا جي واسطي هرگز نه ٿي دلدار پٿر دل،

جڏهن ”آغا“ ڪري آزي، تڏهن تو کي ڪاڻ گهرجي.

مهلقا : هي گفتگو بيڪار آه،

شمشاد : انڪار ڇڏ،

مهلقا : تڪرار ڇڏ،

شمشاد : دل شاد ڪر،

مهلقا : آزاد ڪر.

شمشاد : دلفگار آن،

مهلقا : تون بدڪار آن.

شمشاد : اءِ پياري،

مهلقا : ڇڏ مڪاري.

شمشاد : ڇيو مچ ڪٺي،

مهلقا : ٻاهر وڃ ڪٺي.

شمشاد : ڇو فضول ڳالهين کي ڏين ٿي طول، منهنجو وصل ڪر قبول. جواب ڏي، شتاب ڏي نہ دل کي پيچ و تاب ڏي، نہ رنج بي حساب ڏي، نہ مون کي اضطراب ڏي.

مهلقا : اهوئي جواب آ ـــ جو سڀ کان نيڪ جواب آهي، گرچہ عشق جي هان ستائي، مگر معشوق هان پرائي.

شمشاد : عذر ۾ عذاب آهي، جواب لاجواب آهي جو ڪجهہ تنهنجو خيال آهي، سو خيال ئي محال آه.

شمشاد : محال جا ڪمال آهي، ڪمال لازوال آهي، واه، عجب بيوفا زن آهين تون،

مهلقا : نهايت مرد بدچلن آهين تون.

شمشاد : اي پياري اگر مون سان واصل ٿيندينءَ تہ

منهنجي تمام دولت توکي حاصل ٿيندي .
مهلقا: قارون کان زياده منهنجي خزاني ۾ مال آهه،
هي تمام مڪان منهنجو زر و جواهر کان مالا مال آهه.
حال ڇا آخر ٿيو هن بد افعال جو،
عيش ڇا قارون ڏٺو پنهنجي مال جو.
شمشاد: ڀلا ٻڌاءِ ته فائدو ڇا اهڙي ناداني ۾،
مهلقا: پيش اچي ٿو آهو جو ڪه نوشته آهي پيشانيءَ ۾،
شمشاد: طالب وصل هان يوسف مثل انڪار نه ڪر-
آهه زليخا جو قسم!
مج مجنون جو چيو، حجت و تڪرار نه ڪر، توکي
ليلا جو قسم!
شمشاد: هن دل کي مصيبت ۾ ڦاسائڻ نه چڱو آهه،
ڪنهن بيوفا سان عشق لڳائڻ نه چڱو آهه.
مون سان رکين ٿي رنج ڪرين پيار ٻئن کي،
هن ريت ڦٽيل دل کي ستائڻ نه چڱو آهه.
هروقت مون کي ڏس نه پياري تون رنج مان،
زخمي جگر کي پيار ڏکائڻ نه چڱو آهه.
اي دوستو هيئن لڪجو سنگ لحد ٿي،
آهه موت چڱو دل جو لڳائڻ نه چڱو آهه.
رهه رمز سان اي ”آغا“ تون يار دنيا ۾:
هن عشق جو قصو ڪو ٻڌائڻ نه چڱو آهه.
مهلقا: هن لعنتي تي قهر خدا يا شتاب ڪر،
يا آتش غضب کان جلائي ڪباب ڪر.
ناپاڪ ڇڏ، نه دامن عصمت کي تون وري،

ظالم ذرا تون دل ۾ خدا جو حجاب ڪر،
ممتاز دلنواز جي هان باغ جي بلبل،
مادر هان تنهنجي مون کي نه ظالم خراب ڪر.
مولا اچي بچاءِ تون ظالم جي ظلم کان،
مشڪل ۾ مدد ڪر خدا بوتراب ڪر.

مهلقا: (زباني) اي لعنتي مردود عزت کان بي زار، ذلت جا خريدارا ڇا آءٌ پنهنجي پياري ممتاز دلنواز سان بيوفائي ڪندس ۽ تو سان قسمت آزمائي ڪندس؟ نه نه، هرگز نه!

شمشاد: ڇا، ممتاز بد ذات منهنجو رقيب. آف! غضب، پڪ ڄاڻ ته اهڙي دشمن جي منهنجي دست کان هينئر رهائي نه ٿيندي.

مهلقا: جو ڏيندو اذيت ته پائيندو ذلت،
ٻرائي ۾ هرگز ڀلائي نه ٿيندي!

شمشاد: صياد عنادل کي جو آزار ڏي ٿو،
مون کي به لاءِ گل جي ڪنهن خار ڏي ٿو.
هن روسيه رقيب تي خنجر وهائيندس،
خوراڪ ڪائيندس جڏهن دشمن کپائيندس.
(ايگزٽ)

پردو پهرو

مڪان ٺمبڪٽو

(ٺمبڪٽو کي منڌس ٻيبي مارينڌي ٿي اچي)

تال طبلہ

دلربا: منا آلو ٻيحيا، تنهنجا آئي آهہ قضا،
مار يا مار ڪائيند ين، پنگي ذلت پائيند ين،
هٽ حرامي، مرئي ماهي!

ٺمبڪٽو: مرئي امان جان!

دلربا: هل هل، ڪوہلا منا پلا، موذي بي ايمان!

ٺمبڪٽو: ڪيان تنهنجو جان،

دلربا: ذڪر اي شيطان!

ٺمبڪٽو: يا رب هي رنگ نرالو، ڪڙڙ لڳي ڪهنالو،
شيطان جي آهہ خالو، ڪمبخت جو منهن ڪالو،
رنڊي آ مشٽنڊي آ، يا حلوي جي ڪا هنڊي آ،
يا ڦاٽڪ جي ڪا جهنڊي آ، چا ڪٽ پٽ آ،
چا مٽ پٽ آ،
چا ڪڙپڙ آ، چا سڙپڙ آ، چا رکڙو جهگڙو ننڌو آ.

ٺمبڪٽو: (مخاطب پبلڪ) اي يارو، وات نہ ڦاڙ يو، اوهان
تي بہ شال خدا صاحب اهڙا اوچتا موچڙا نازل ڪندو،
پوءِ قدر پوندو — آمين!

سچ آ، دل ذہن اچ زال کي آهي ائين،
اٿي هتان ذاڙهي پٽائڻ آهہ جيئين.

(دلربا سان) اي ٻيبي ٻڪوڙي، تنهنجي نڪ ۾ نوڙي، تو ته منهنجي نڪ موچڙن سان ٽوڙي، گردن مروڙي، مگر............

دلربا: بس، اگر مگر او بي خبر، ٻي ڳالهه نه ڪر، جالد ايڊورڊ شاهي ڪرڙڪاء، پوءِ وڃي ڏوڙ منهن ۾ پاءِ.

ٽمبڪٽو: اي گل رعنائي، تنهنجي اها ڳٽر مٽر شٽر ته منهنجي عقل ۾ نه آئي.

دلربا: نه آئي ته پاءِ منهن ۾ ڇائي، ڪا ادائي، مٺا موتا، ڏنڊا ڏوتا، پنڪ کهوڙن جا موتا، گهر ۾ نه اڪڙي نه لٽو، نه جانور نه اٽو، نه ڪاٺ لاءِ رڪابي نه وڏو- تون آلو جو پٽوا رکو آڪڙ باز خان، نه مان جي نه شان جي، ڇپان زمين جي، ته پڌائين آسمان جي (ٻاهر ٿي هڏيس).

ٽمبڪٽو: اي ٻيبي، بعضي عورتن جو پير منحوس ٿئي ٿو، يعني جيڪا بد بخت عورت گهر ۾ آئي ته سڀ ڪمائي ويئي اجائي، گهر ۾ الله جو نالو صفا صفائي، يعني بالڪل نپٽ، اڳيون پويون مال صفا چٽ.

دلربا: ڇا مٺا، آءٌ منحوس، يا تون ڪنجوس!

ٽمبڪٽو: بس، بس، ٻيبي، غصو معاف ڪر، دل صاف ڪر، اي پياري جان تنهنجو الله نگهبان- اڄ ڪالهه، ڏڪار جا ڏينهن آهن، وڏا وڏا زميندار، جاگيردار، خاندان، ماندان پراڻي ڪٽ جا واڻ ٻه، پنهنجا پراوا گڏ هيون گهوڙا- رليون ڏوڙا وڪڻي گذران ٿا ڪن، پوءِ ڇو ته اسان غريبن جو ڪيئن گذران ٿيندو.

دلربا: مٺا، اهي ڪاغذ جون ڪنيون گهڻا ڏينهن

چاڙهيون اٿئي، هتي خرچ ڪيل، نه ته اڄها ڏي ڪوپري ۾ مان ڪجهه ڪيان ٿي.

ٺمڪڙو: ٻيهي آهي ته آهيان مرد سپاهي، خرچان نه هڪ پائي، ڪڻڪ دال زري گهرائي، هڪ روٽي به پچائي ٻئي ته بچائي، نه ته سڀ وڃان کائي.

چا آهي ڪمائي ڪري نٽو سگهان؟ ٻر ٻياري (امان جان) توبهه توبهه، پياري جان چا ڪيان! توکي اڪيلو ڪيئن ڇڏي وڃان، دل نه ٿي گهري، مٿان منهنجي ٻر پٽ ڪو مٺو ملعون توکي مٺو محبت جو معجون کارائي، ڪم به ڪڙ مڙ شڙ وڃي نه ڇڏي، مگر في الحال ته گهر جو سڀ سامان پياري جان ڪيون ٿا چٽ نيلام، پوءِ به آن که باشد ديده شود.

دلربا: مٺا مشغلا، چڪر ڏنڊا، گهر ۾ سامان وري ڪٿان آيو؟

ٺمڪڙو: اڙي، واه ڙي واه ڏاڏي جي ڏاڏي، ٽون ته ڏاڏي هوشيار خبردار آهين، پر ٻيهي مون به آدمي چوڙو، مگر وڏو احمق عقل جو موٽو، صفا سوٽو، ٻنگ جو لوٽو آهيان، مون کي ساري خبر آهي، ساري عمر جي ڪمائي سا ڪٿي ڇپائي، پلا اڄهو مان آئي ٿو ڏ ٻڪاريان ٿي.

(ايڪزٽ)

(وري طبلو، سارنگي، رليون گود ڙيون ۾ هڪ ڪٽو به آئي ٿو)

(تال طبلو) (دلربا ماريس ٿي، هو ڪٽي جهڙو ٽڙو ٿو چڪي)

دلربا: مٺا، پاڙيا بدڪار، مون کي اچي خار،
چئو ڏيانءِ مار، يا کهانءِ تلوار مان؟

ٺمڪڻو: اڙي توبهه، منهنجي مائي! پٽ ڏاڙهي نه اجائي، تون ڏکڻ آءِ تپائي؛ منهنجي موڇڙن جي مار سان، پياري دلربا هي سامان ته گهر ۾ پئي پئي خراب ٿو ٿئي، بندي جي مرضي آهي ته سارنگي، طبلو، وغيره، وغيره، سڀ سيٺ سيتل رام جي دڪان تي وڃي ڏوگروي رکان، يا ٻيهي ڏهه در تي لکي تين وار جو واڪ ڏيان؛ پوءِ خدا مالڪ آهي کهٽائي شوقين، وڪيل وڙا هي پڙڙيون پڙڙا ولي ويندا. پوءِ ٻيهي خوب ۾ چار ڏينهن پنگ پڳڙا، رڱڙا شڱڙا ڪندا سون، ها ني، ٻيهي؟

دلربا: ليڪن ميان هي ڪتو وري ڪهڙو وبال آئي وڌءِ.

ٺمڪڻو: هه هه، هه هه— پياري هي وبال ناهي؛ منهنجو هنر پوال آهي، مان نه هجان ني ٻيهي، ته هي اوهان جو ني مال آهي. مگر اي جان سن هاڻي جلد ڏي هي سامان ڪڻ ته لکيدر تي هلون.

دلربا: ميان مون کي بکن ۾ مرڻ منظور آهي،
مگر سامان کڻڻ کان نهڪر ضرور آهي.

ٺمڪڻو: توبهه، توبهه، چا ٻيهي، مون کي وري ڪو خراساني گڏهه لڌو ائني! چگو ڀلا پياري هي رليون بغليون مان ڏوکڻانءِ؛ هي طبلو سارنگي تون پنهنجيءَ تي سٽ. مگر ٻيهي رستي ۾ مدد ڪرائنجانءِ، نه، ته، سڀ سامان سنڌ بازار ۾ ڦٽي ڪندو وسانءِ.

(ڳائو ٽمبڪٽو ۽ دلربا)

دلربا : ڇو ٿو ناحق ڪرين تون ڀهانا،
توکي نـاهي شرم ڪو ديوانا!
زلف سينگاريا پنهنجا مشڪ ختن سان،
سيج سنواريان پنهنجي پيا جي گلن سان.

ٽمبڪٽو : جاني جاني تـون ديـوانـي، ڇڏ مستاني ـــ هي ناداني.

دلربا : هل هل تون مٺا مستانا، ڇو ٿو ناحق ......

ٽمبڪٽو : پياري آءٌ تون، گلي لاءِ مون،
ڏي ڪو ڀوسو ڀياري جان،
صدقي تـوتـان ديـن ايمان،
سون تـي ٿـي تـون مـهربـان،
تـون آن گـل، مان باغبان.

دلربا : نه، ناحق ستاءِ اي شيطان!

پردو ڇھون

باغ

(ڳائو سهيليون ناچ سان)

گلشن جوڀن تي آ وه واه سنيان چوم چنانا نا چوم چنانا نا، وه واه سنيان گلشن شاد شاد و جهوم جهوم جهوم وه واه سنيان.

چوم چنا نانا چوم چنا نانا وه واه سنيان گلشن ۾ مچايون جان ڌوم،
ڌوم وه واه سنيان چوم چنا نا نا، چوم چنا نا نا وه واه سنيان.

گلشن تي چمن تي آ وه واه سبزي ڇائي آئي بلبل،
هر گل تي ڦري جهوم جهوم، وا گلزاري هي ساري،
آ پياري آ ڦلواري دلداري گلڪاري آ نياري،
واه چنپا چنبيلي البيلي ڪلي وه واه نرگس و سوسن،
آ شاد و خندان آها ها ها وه واه واه.

چوم چوم چوم چوم چوم چوم چوم چوم چوم چوم،
وه واه سنيان چوم چنا نا نا چوم چنا نانا.

گانو مهلقا: گل آ مثال خار هي منظار گر نہ آ،
هي لطف آ بهار سڀلو بهار گر نہ آ،
مينا شراب ساغر و ساقي بہ آ تيار،
بي آب هيءَ محفل آ غمخوار گر نہ آ.
بي ڪار لاڙ لالا ۽ نرگس جو نساز آ،
بلبل جي رمز رقص ۽ رفتار گر نہ آ.
هي باغ و چمن بلبل بن يار جا ڪيا؟
ساجن جسي انهيءَ صحن ۾ گفتار گر نہ آ.
بي بوسہ و ڪنار اي "آغا" نہ آ مزو،
بي چين دل آ پهلو ۾ دلدار گر نہ آ.

مهلقا: پياري زرينا جنهن گل کي ڏسان ٿي سو پنهنجي رنگ ۾ قدرتي نمائش جو جلوو ڏيکاري ٿو، ڪجهہ اشارن سان سيکاري ٿو) جا تازي ۽ شاداب ڪاي

آ، صنعت صانع ازلي آ، جو آغوش شاخ گل ۾ پلي آ.
صبا جي هير ٻنن کي ڦڙڪائي ٿي، بهار جي واءُ ٺارين کي ته ڏس ڪيئن ڪڙڪائي ٿي.

زرينا: بيشڪ هي هوا خفقان عشق جي دوا آهي، سچ هي چمن زار آهي يا ڪو قدرتي اسرار آهي، جنهن ريت هي ڪارخانو ڪندڙ آهي، تنهن ريت بانو زماني جو ڪاروبار آهي.

گلنار: يعني جتي گل آ اتي بلبل مستان آ، جتي شمع اتي پروان آ، پر جي حياتي باقي آ، ته بهار اوطاقي آ.

مهلقا: افسوس آهو ساغر، آهو ساقي آ، مگر پيارو ممتاز باقي آ.

گلزار: اي پياري، سون صدقي سون واري، بيشڪ هي بيقراري بي وصل اصل ڪم نه ٿيندي، مگر:

بيت

عشق ۾ گهرجي صبر نه بيقرار ٿي،
اميد رک الله ۾ اميدوار ٿي.

(اندر ممتاز)

ممتاز: تنهنجي هن چاهه جي صدقي تنهنجي ارمان جي صدقي، صنم آءٌ هان فدا تو تان، خدا جي شان جي صدقي.

مهلقا: وڃي شل جان منهنجي هي اوهان جي جان جي صدقي.

(پاڪر پائن ٿا)

* هاءِ واري وڃان مون تو تان ساري ستايو نه دل سنئيان،
آءُ جاني، يوسف ثاني، ڪنعاني.
اي جاني هان مستاني، مستاني هان مون جاني،
ديواني هان مون جاني، بلبل مان ٻي گل هان پياري.
هاءِ واري ....

مون کي ناز تنھنجي جوقسم تنھنجو ڏينان ليل و نهار آ،
منھنجي جاءِ پياري جان من يا ڪوچ، تو يا مزار آ،
جيئو عندليب خوشنوا، ڏيان آگ گلشن کي صدا،
بلبل کي اڄ گل کان سواءِ گلزار مثل خار آ.
آ گل کي غيرت دلربا، تنھنجي حسن تي اي مھلقا،
ڪٿ گل پررنگ وبوءِ آ، تنھنجو گل کان سھڻو عذار آ.
هي ابرو تنھنجا اي پري، تلوار خنجر يا ڇري،
اي ماه طلعت مشتري، تنھنجو سڀ کان سرس سينگار آ.
تنھنجا نين نرگس جان من، تنھنجا زلف مٿ مشڪ ختن.
"آغا" جيئو تي هٿن گلن، تنھنجي رخ کان تازه بھار آ.

(دور شراب)

مھلقا: جلد ساقي ڪر عطا ساغر صنم جي واسطي،
ساقيا مون شوق ذاهي جام و جم جي واسطي.
ممتاز: دام دهرا تن وجهي دلدار دل کي قيد ڪيو،
زلف زنگي جي ڇڏيا تو پيچ و خم جي واسطي.

* گانو مھلقا: طرز: "هاءِ سنئيان پڙون مين تيري پنئيان"
گانو ممتاز: طرز: "تيري ذات پاڪ هي اي خدا تيري شان جل جلاله"

(جام ولي) ڏي پيالو پُر ڪري اڄ يار ساقي جلد ڪر،
شوق ڏي دل ٿي گهُري اڄ يار ساقي جلد ڪر.
گلزار: مست سرو و مست ڪرنو مست لالا باغ ۾،
مست بلبل ٿي ڦري اڄ يار ساقي جلد ڪر.
ممتاز: مست بلبل مست گلگل مست ”آغا“ باغ ۾،
مست ساغر ڏي ڀري اڄ يار ساقي جلد ڪر.
مهلقا: بهار آئي دل غمگين ڪيو اڄ سڀر گلشن جو،
صنوبر سرور عنا جو سنبل لالا ۽ سوسن جو.
ممتاز: ڏ، هڪجو هان نڪي اُن جو، هنن سينن جو هان عاشق
نزاڪت جو، ۽ نخري جو ۽ رخسار حسينن جو.
(جام نوش جان ڪرڻ)
ممتاز: عمر ساري رهيو دل ۾ هنن جو شوق اي پياري،
سخن جو، شعر جو، گل جو، سدا معشوق گلبن جو.
گلزار: اصل ڪان عشق سهڻن جو، هنن سينن جو آ دشمن،
جگر جو جان دل جو عقل جو ۽ بدن تن جو.
ممتاز: ڏسي محبوب کي مون سان ٿيو رنگ زرد اي ”آغا“،
مڪارن جو، حسودن جو، ۽ دشمن جو رقيبن جو.
لمبڪنو: (ونگ سان) مٺو معشوق نشون منهنجو
هنن سينن ۾ آ قابل،
ڏڪڻجو راڳ باجي جو ادا سرتار ٽن ٽن جو.
ممتاز: رکيج لاج جڳ ۾ اي باري امان جي،
آ دشمن کي گهر انتظاري اسان جي.
امن ۾ الاهي تہ ”آغا“ کي رک تون،
بچي آبرو شل پياري امان جي.

مهلقا: اي منهنجي گلستان جا گل، بوستان جا بلبل هي ڪهڙو خيال پرملال دل تي آيو، جنهن هن ميش ۾ اوهان جي رخ جو رنگ ڦيرايو، بندي جي جان حيران، دل پريشان ٿي ٿئي، براءِ خدا جلد بيان ڪر ته دل بيقرار قرار پائي.

ممتاز: ڪنهن طرح بيان ڪري هي دل ويچاري جان من،
ڇا چوان مون دل سندي اڄ بيقراري جان من.
ڏوه منهنجو ناه پياري قسم آ الله جو،
دل ڪنهنڊي تو ساڻ بيوس دوستدار ي جان من.

مهلقا: عشق کان خالي نه آهي ڪو به پيارا آدمي،
عشق ۾ ڪهڙي پوءِ آهي شرمساري جان من.

ممتاز: اي باغ حسن جا شاداب گل، ڇا تو کي خبر ناهي ته هي بدبخت شمشاد ناشاد ڪم اصيل اسان کي ذليل ۽ برباد ڪرڻ ٿو چاهي. خير فڪر نه آهي، شايد هو جلد ڪو مڪر جو جار پکيڙيندو، اسان جو ترت تڏو ويڙهيندو ۽ ضرور فتنه فريب جا ڳانئيندو، اسان کي مصيبت ۾ ڦسائيندو خير، گرچ هو اسان جي تمنائن تي خنجر وهائڻ لاءِ ڪوشان آهي، ته اسان جو به مولا نگهبان آهي.

عدو گر لک برو چاهي، مگر پرواه ڪا ناهي،
ٿئي آخر آهو ٿو جو ڪ منظور خدا آهي!

مهلقا: ليڪن خصومت جو سبب ڪهڙو؟

ممتاز: عشق ۽ محبت تي جهيڙو.

مهلقا: ڇيو سبب؟

ممتاز : ڇاڏي ڏو رب.
مهلقا : آخر حقيقت ماري؟
ممتاز : عياري، مڪاري، بدڪاري.
مهلقا : پوءِ ڇا خيال آ؟
ممتاز : مدد ذوالجلال آ.
ممتاز : خداوند مددگار آ، تہ ٻيڙو پار آ، دشمن خوار آ. دشمن چہ ڪند چون مهربان باشد دوست.
ٽمبڪٽو : (ونگ مان) هان، هان! ترڪش چہ ڪند چون مهربان باشد روس.
ممتاز : (پاڪر پائي) خدا يا تو هجين هردم محب، منثار جو حافظ،

سنور مهاقا محبوب منهنجي يار جو حافظ.
متان دشمن دغاڪن ڪاڻي پرتوپرين منهنجو،
عجيبن جي الاهي تون هجين هروار جو حافظ.
(ممتاز ايگزٽ)

مهلقا : الله نگهبان تنهنجو اي دل جاني،
هر جا گل بهار هجين يوسف ثاني!

پردو چوٿون

مڪان شمشاد

(انٽر شمشاد ۽ ٽمبڪٽو)

شمشاد : تون ڪشتي راحت تہ، آءُ طوفان بلا هان،
تون عيش جي دنيا آهين، آءُ ڏهن ۽ وبا هان.

تون حرص جي دنيا آهين، آءٌ دوزخ جي هوا هان،
تون خرمن عشرت تہ آءٌ برق قضا هان.
هاءِ جڏهن هو گل غير جي گلي جو هار آهي،
تڏهن هن بلبل جو جئڻ دشوار آهي.

شمشاد: اي ٽمبڪٽو؟

ٽمبڪٽو: جيءُ حضورا.

شمشاد: افسوس!

ٽمبڪٽو: صد هزار افسوس!

شمشاد: چا ٿيوان؟

ٽمبڪٽو: ڪجهہ نہ ٿيو.

شمشاد: چا ڪرڻ گهرجي؟

ٽمبڪٽو: منهن ڪارو ڪرڻ گهرجي.

شمشاد: دل کي وسواس آ،

ٽمبڪٽو: حضور جي ستياناس آ.

شمشاد: چو بد افعال ٿئين ٿو،

ٽمبڪٽو: جناب جو عشق جي جنجال ۾ ڦاٿي لڳو، تنهن جو اهو ئي حال ٿئي ٿو.

شمشاد: تو کي منهنجي حال تي رحم اچي ٿو،

ٽمبڪٽو: بيشڪ نهايت سخت رحم اچي ٿو.

(علحيده) ڪهڙي مردود کي رحم اچي ٿو،
بندو تہ رڳو پيسن جي ڏونءِ تي نچي ٿو.

شمشاد: ڪوئي علاج بيان ڪر،

ٽمبڪٽو: وڃ ٻڏي پاڻي سان شنان ڪر.

شمشاد: انهي سان چا ٿيندو؟

ٺمبڪنو: مرض سان گڏ مريض به غڙپ ٿي ويندو!

شمشاد: چپ رهه نا معقول...

ٺمبڪنو: (علحده) بيشڪ، جي نوڪر نامعقول، ته مالڪ اسٽوپڊ فول! (شمشاد سان) داروں ته آمون وٽ، هن درد سور جو، سمجهو غلام آهي مطلب حضور جو.

گرچ هي پوشيده سوال آ، مگر حضور جو خام خيال آ. چا هي ڪم بندي جي اڳيان محال، ؟ هرگز نه — وليڪن ذرا ايڊورڊ شاهي کي ڪڙنگا شڙنگا ٿڙنگا فرمايو، ته اهڙي وجي ٿو گٽر مٽر شٽر لڏايان، جو سيڻي کي هن فصل آلو جو پٽو ٿو بٽايان. پوءِ دريا هه لعل ڪندو بيڙو پار آ، بندو به تيار آ. نه ته وجي ادا بيلن وانگر، هوا سان پيٽ پريو — چئو ڪهڙو خيال ڏا ڪريو — آيا خيال شريف ۾؟

شمشاد: اي عزيز ٺمبڪنو، ذرا ٻي ڳالهه ته ٻڌ...

ٺمبڪنو: نه نه جناب، ٻيءَ ڳالهه ٻولهه جو ضرور پرور ڪونهي. جي رپين جي گفتار آهي ته بندو به ٻڌڻ لاءِ تيار اهي؛ نه ته ڏٻري سٻري ڳالهه بندو هڪ ڪن کان سٽي، ٻئي کن کان ڪٽي وي. پي. آنپيڊ پارسل ڪري ڇڏيندو!

شمشاد: تڏهن تون رڳو رپين جو بکيو آهين؟

ٺمبڪنو: چا، تڏهن دلالي ڪرڻ ڪا سولي آهي؟ هي سڀ پيٽ جي هچا آهي، جو اسان جهڙا ڪيئي خاندان ماندان چڪلن ۾ ٿا ڪن سلام! هاءِ پيٽ، واءِ پيٽ!

يارو هي پيٽ آهي يا ماڻ ٻيلي جو پيٽ آهي!

شمشاد: چڱو اي نيڪنام، انجام آهي؟

ٿمبڪو: انجام خام آهي، ڪوڙو ڪلام آهي. ڏاڍ هڄ سنب هڄ، آڏارهڄ فسادهڄ. ذرا ڳڙتڙي جو منهن کوليو، ٻيو ٻول نه ٻوليو. اڳيئي گهر ۾ ٻيبي ڪالهوڪر موچڙن سان ٻندي جو تارون تري ڪري ڇڏيو آهي. جي هن دفعي ڪيسي خالي، لا آبالي ويٺاسون، ته ڏاڙهيءَ سونهاريءَ جو خدا حافظ هوندو!

شمشاد: اي نمڪ حلال، في الحال نقد پيسو ڪونهي.

ٿمبڪو: جناب اعليٰ — جي ڏيوالو ڪڍيو اٿو، ته اها توبي ۽ ڪوٽ ڪٿي عنايت فرمايو!

شمشاد: اهي تنهنجي ڪهڙي ڪم جا ٿيندا؟

ٿمبڪو: واه صاحب، لسڪيدر تي ٻيبي نيلام ڪندس! جي ڪنهن نه ورتا ته، ٻيبي مياري جو چلهه تي ٿورو تڪورو ڪندي آهي، آهو ٻائخانو ڪٿي هنن سان صاف ڪندس!

(شمشاد پيسا ڏئيس ٿو)

ٿمبڪو: هه، هه، هه، ٻندي جو ته هردم جناب جي اڳيان نياز جو سلام آهي — ٻندو ته حضور جي ٻيءَ، ڏاڏي، ٻڙ ڏاڏي، تڙ ڏاڏي ٻلڪ ساڍن ستن پيڙهين جو غلام آهي. هينئر اهڙو ٿو سيٺي جي اکين ۾ گتر مٽر شتر جو مصالح پيهين ٻرڪيان، ۽ اهڙو ٿو گهر ۾ گڙ ٻڙ گهوڙالو وجي وجهان، جو سيٺي کي صفا چٽ آلو، عقل

جو سالو بي تالو نه ٻڌايم ته ٻنڌي جو ذمو!

شمشاد: آفرين، اي عزيز ٽمبڪٽو آفرين! مون کي هينئر رخصت آهي ۽ اوهان جي خدمت آهي. (پيسا ڏئي ٿو) (ايگزٽ)

ٽمبڪٽو: يارو عشق وه چيز هي جو پٿر کو آب کري،
لڳتا هي اسکو، جسکو خدا خراب کري!
خير اسان جو ڇا؟ سوال ندارد، جواب ندارد، فتوا فيصلو في الحال ندارد. (ويهي ٿو)

(در جو کڙڪو)

آواز: جناب اعليٰ دروازو کوليو!

ٽمبڪٽو: اڃهو، وري ڪا بي مصيبت نازل ٿي- فقير صاحب، معاف ڪيو... پيسو پڪل ڪونهي.

آواز: فقير ڪين آهيون. دروازو لاهيو...

ٽمبڪٽو: فقير ڪين آهيو، تڏهن اسان جا ڪُٺ پير آهيو؟ اي ميان، ڪو جن آهين يا انسان، يا ڪو مٺو شيطان؟ اول ذالو مبارڪ ڇاڏي ڇڏيو، ته پوءِ دروازو کوليون؛ حُرن جو ملڪ ۾ هَل آهي!

آواز: آهوئي اوهان جو جهونو دوست!

ٽمبڪٽو: (علحده) خدايا، هي وري جهونو دوست کهڙي جهنگل جي سوراخ مان نڪري آيو! اڙي دوسته، خدا جي فضل سان هٽ سپ صحيح سلامت جيئرا جاڳندا آهيون؛ ڪو مٺو ڪونه آهي — نه ڪاندي ٿا ڪارايون، جو اوهان به دعوت جو ٻڌي تبخ چٽي آيا آهيو! (علحده) واه، چڙهيون چلهيون چڪاسي، چور يا ٻلو!

آواز: اول دروازو کوليو، پوءِ احوال بيان ڪبو.
ٿمبڪٿو: (ايگزٽ ــ در لاهڻ)
(انٽر جميل)
جميل: السلام عليڪم اي مهربان.
ٿمبڪٿو: وعليڪم السلام، خاندان، پاندان، بي نام و نشان، هيئنئر ته ڀلا ٻڌايو ته ڪهڙي طبيلي جي رهڻ وارا آهيو؟
جميل: اي ٿمبڪٿو اصيل، بندي کي سڏيندا آهن جميل، ابن خليل.
ٿمبڪٿو: اڙي يار معاف ڪجو، مون کي البت ٻري ڪان سنئون سڌو انسان به اٿو شيطان نظر ايندو آهي!
جميل: تڏهن ته ميان ڪا پٽڙ جي نيلامي عينڪ ڏاريو!
ٿمبڪٿو: جناب اعليٰ ڳالهه ئي نه پڇو، بندي به ٻين عينڪي اڏن جي ريس تي هڪ سونن مگن سان عينڪ ڏاري هئي؛ پر يار، گهر جو وڃان ته ماءُ، ڀيڻ، زال سڀ هڪ جهڙيون نظر پيئون اچن!
جميل: ليڪن اي نيڪ نام مهربان، شمشاد جو ڪو پتو نشان؛ مون کي سندن ملاقات جو خيال آهي، اهو منهنجو احوال آهي.
ٿمبڪٿو: جيئي، جناب جن جو اهو خيال آهي، ته بندي کي ڪهڙي مجال آهي؟ اجهو ٿو ڪين حاضر ڪيان. هيئنئر اوهان جون اکيون، اسان جون لتون، هيءَ جاءِ پنهنجي چاڙهو، مگر جي گهرندؤ آب داڙهو ته حضور پاڻ آهه سياڙهو، ڦيندڪيو خاٽو، ته سارو لاڙڪاڻو اوهان جي ٻلي!

جميل: نه نه، رڳو دوست جي ملاقات جي آرزو اٿم.
ٽمبڪنو: (علحدو) سچن پڇيو بڪين کان ته عيد ڪڏهن ٿيندي! هت ته جيڪو اچي منو مڪڙ، سو روز ازل کان ڦانڪ ڦڪڙ، نه سارنگي نه ڏڪڙ، رڳو اچا ڪپڙا ڪيسا خالي، لا ابالي، ماڻهن جي ليکي ملڪ جو والي.
(جميل اتي ترسي ٿو) (ٽمبڪنو ايگزٽ)

پردو پنجون

رسٽو

ڳائڻو — شمشاد:

بيوفا هڪ يار جي هان مون طلبگار منجهان،
سنگدل صياد هان مون نؤ گرفتارن منجهان.
تو ڪئي ڪم يار الفت، مون وڌائي دمبدم،
بيوفا ٿئين تون منا، ۽ مون وفادارن منجهان.
يوسف ڪنعان کي ڪيو جيئن زليخان هو خريد،
تيئن منا تنهنجي مون آهيان، خود خريدارن منجهان.
شربت ديدار کان مون کي نه رک محروم تون،
اي مسيحا عشق جي هان مون به بيمارن منجهان.
جام الفت جو پيارج، يار ساقي جلد ڪر،
ساقيا هڪ مان به آهيان تنهنجي هي خوارن منجهان.
پارسا مون يار ناهيان پاڪ زاهد مستقي،

يار جي هان مون مگر هڪ ناز برداري منجهان.
عشق جا انجام "آغا" مان تون ڀاڄ، اي پرين،
ڏون نه ڏس تنهن جي خطا، آه هو خطاوار منجهان.
زباني: آه و فغان کان ڀاره ٿا منهنجو جگر ٿيو،
اي سنگدل توتي نه مگر ڪوبه اثر ٿيو.
هي لاش بيڪسي جو ڏسي، بعد فنا ٿيو،
ڪنهن بيوفا جي عشق "آغا" جو سفر ٿيو.
(اندر تمبڪنو)

تمبڪنو: (علحدو) هنن کي ڪَن نه جَن، ادي کي عشق انڌو ڪيو. (شمشاد سان) حضور فيض گنجور، انبي لنبي کجور، سلام.

شمشاد: سلام اي نيڪنام، ڪهڙو آ ڪلام؟

تمبڪنو: ڪلام پلام سڀ ڪيو لڪيدر تي نيلام، هينئر رڳو تشريف جي ٽوڪري کي مال گاڏي ۾ کڻائي، پنهنجي مڪان تي قدم رنج فرمايو، جو هڪ جميل نالي مهمان آهي آيو!

شمشاد: ڇا، جميل! جميل، پياري مهلقا جو ڀاءُ جميل! واه واه، گهر ويٺي خضر مليو، ته پنهنجا ٻارهن. هينئر عمدو موقعو آهي، دشمن سوگهو آهي. هن موذي ممتاز بد ذات منهنجو خانو برباد ڪيو، پر پاڻ اچا آباد رهيو؛ مون کي ذليل ڪيائين، پر سندس بنياد رهيو، هينئر وجي اهڙو پارٿ پارجي، جنهن کان دل ٺارجي، دشمن به مارجي، سندس خون زمين تي هارجي، تڏهن ڪاڏو حلال آهي. اگرچ ڪم محال آهي، مگر في الحال منهنجو خيال آهي

۽ اھڙو ڪو فريب جو دام ڦھلايان، ڇو اھو ڪم جميل کان سر انجام ڪرايان ۽ پاڻ تي بہ الزام نہ ڊرايان.

بيت

الستي آه جي ذڪي اي سهڻا ڪا مڙي تن جي،
جلائي دل ڇڏ ينديي سا صفا ڏو بت برهمن جي.
(نيئي ايگزٽ)

پردو ڇھون

مڪان شمشاد

(انٽر ٽمبڪٽو) (جميل اڳي ئي ويٺو آهي)

جميل: مهربان ٽمبڪٽو، جناب شمشاد جن آيا؟

ٽمبڪٽو: جي هان جناب جن اجهو پوسٽ باڪس ۾ بوڪ پوسٽ ٿي ڏنا اچن!

(انٽر شمشاد)

شمشاد: السلام عليڪم، پيارا جميل!

جميل: وعليڪم السلام، دوست اصيل!

شمشاد: شڪر الحمد لله! اڄ هن مسڪين بيتسڪين جي ويرانيءَ کي مبارڪ قدمن سان آباد فرمايو اٿو - دل صاف ڪجو، تڪليف معاف ڪجو!

جميل: جناب اعلي، تڪليف ڇا، بلڪ تفريح آهي!

شمشاد: اي ٺمبڪنو، ڳائي وڄائي واري طائفہ حاضر دربار آهي؟
ٺمبڪنو: حضور، طبلہ سارنگي سڀ ڪجهہ تيار آهي، فقط حڪم جو انتظار آهي!
شمشاد: ڇوءِ دير ڇالاءِ آهي، حڪم ڏجي ٿو، ڳائو شروع ٿئي!
ساز وارا: سلام، سلام، سلام، سلام.
ٺمبڪنو: اڙي ميان لمليٽ خان، اي سوڊا واٽر خان – اڙي اڙي ڪيڏانهن هليا آهيو، جهنگ ۾ گهڙيا آهيو ڇا؟ (ساز واري سان) ڏسجانءِ ميان چيز گهنو خان سر، ڪن سان ڪن، چپ سان چپ، نڪ سان ملائي خوب چٽائي پڙنڪجو، ۽ هن مس راسبري جان جا فُل نخرا ۽ چڪرا ڏيکارجو. هان! اگر هي حلوي جي هنڊي، چڪر ڏئي ڏاڍاس ٿي تہ سمجهو تہ اوهان جي ستياناس ٿي!
طوائف: اڙي ميان منڪرمان، تون ڳائڻ وڄائڻ جي باريڪ ڪم مان ڇا ڄاڻين؟
ٺمبڪنو: واه ڙي واه، مس نارنگي اسڪائر! اگر اتي جو اتي ڪو ديپڪ شيپڪ يا ڪوئي پروو توڙهہ ڀروو، راڳ شروع ڪيان تہ هن لڪڙبند خان جي ستياناس ڪري ڇڏيان، ۽ هن طبلچي گاسليٽ راءِ کي بلڪل خناس بڻائي ڇڏيان.
سارنگي وارو: اڙي، گهر ۾ گهرائي هي خانہ جنگي!
ٺمبڪنو: اڙي چپ ڪر، تہ پيچانءِ نہ سارنگي!
طوائف: اڙي ڪارمهان قرمساق چپ نٿو ڪرين.

اجي استاد، ڏسين ٿو، ڊولت هٽي پڙوي جو منهن نٿو ڍڄين!

شمشاد: اي ٽمبڪٽو، هڪ ولائتي وسڪي جي بوتل آڻي ڏي.

ٽمبڪٽو: جناب وسڪي آڻيان يا ڪا قسڪي.

شمشاد: ڪمبخت، وسڪي.

ٽمبڪٽو: حاضر، حضور (بوتل آڻي اول پاڻ ٿو چاڙهي)!

شمشاد: اڙي ديوانه هي ڇا ٿو ڪرين؟

ٽمبڪٽو: حضور، بندو ته ڪجهه به نه ٿو ڪري، بندو ته رڳو وسڪي کي گسڪي هٽي، چسڪي ٿو وٺي ڏسي.

گانو طوائف: قوالي پيلو:

ڪيو وعدو هو تو جو بيوفا؛ توکي ياد آ، ڪ نه ياد آ،
هو عاشق تنهنجو دل صفا، توکي ياد آ، ڪ نه ياد آ.
ڪڏهن ناز هو، ڪڏهن پيار هو، ڪڏهن بوسي تي تڪرار هو،
هُو وقت وصلت جو ڀلا، توکي ياد آ، ڪ نه ياد آ.
هو ناز نخوت روبرو، هي گلا ملامت ماهرو،
هِي منهنجي وفا ۽ تنهنجي جفا، توکي ياد آ، ڪ نه ياد آ.
هو ناز نخري جو رسڻ، اکڙيون هٽي هرهر کلڻ،
چئو سچ سچڻ نالي خدا، توکي ياد آ، ڪ نه ياد آ.
جنهن تي تنهنجو پيارا ناز هو، جنهن تي تنهنجو رانجهن راز هو،
آءٌ اهو هان "آغا" دل فدا، توکي ياد آ، ڪ نه ياد آ.

بيت

جميل: بهار آئي پري ڏي باد ء گلگلون مان پئمانو،
رهي صد ها ورهيه ساقي، تنهنجو آباد ميخانو!

بيت

شمشاد: مئي عيش جو جام هي نوش ڪر،
غم دين و دنيا فراموش ڪر.
دور شراب هلي ڏو..............

ٺمبڪٺو: اڙي گهوڙا سڀ هي رنڊيون ته نه آهن، پر ڪي وڏيون مشٽنڊيون حلوي جون هنڊيون آهن، هت ته سونيون جهرڪيون نخرن سان ٿيون ڦاسائين، پر خبر ناهي ته قيامت ۾ به بهشت جي دربانن سان الائي ڪهڙي رمز رلائي پاڻ واسطي جنت جون دريون کولائينديون.

جميل: (نشي ۾) اڙي ماں ته مران ٿو.

ٺمبڪٺو: جناب هرويرو مرڻو اٿو ته مهرباني ڪري گهر وڃي مرو، متان هتي گند ڪيو.

شمشاد: (نشي ۾) بس بس.
هئي هئي منهنجو دماغ پريشان ٿي ويو،
وحشت جي لاء منهنجي نئون سامان ٿي ويو.

ٺمبڪٺو: اڙي هي ڪا رنڊي آهي يا رنڊو مهربان، يا ڪا رنڊين جي آهي امان جان، اهڙو ڳاڙهو ڳايائين جو آقا صاحب جو دماغ پريشان ڪيائين.

ساز وارا: جناب عالي اسان کي پئسا ته ڏيو.

ٺمبڪٺو: اڙي پئسا وري ڇاجا، چلتي ڦرتي نظر آئو لنڊي لنڊي هوا کائو، اجائي گڙمڙ نه مچايو.

ساز وارا: اها ته اسان کي اڳئي خبر هئي ته هتي پئسن تي ضرور گڙٻڙ ٿيندي.

ٺمبڪٺو: اڙي تون ته ڏاڏي جو به ڏاڏو، ملان

د و پيازي جو ٻہ قبلہ گاہ ٿو ڏسجين، هيءَ رنڊي آهي يا
ڪا ڦاڏڪ جي جهنڊي آهي، جو ڪِاڻ سان اسان جي آقا
صاحب جي دماغ ۾ ڳڙٻڙ وجهي ڇڏيائين. هان، ڀلا هي
هڪ ۽ ٻہ درجن لعل ڇاپ سگريٽن جا انعام اٿو.

ساز وارا: اڙي رڳي هيءَ رقم!

ٺمبڪتو: اڙي اسان جا وڪيل تہ انهيءَ کان ٻہ ٽوريءَ
رقم تي راضي ٿيو وڃن، تون وري آڪڙ پيو ڪرين، مفت
ڪا شراب قاضي ڪو پي حلال هي، نڪرو نڪرو، هاڻي
ٻاڌس ڪئي اٿو.

(ساز وارا ايگزٽ)

ٺمبڪتو: (شمشاد ۽ جميل کي اٿاري ٿو) اڙي سيد
سوٽي شاهہ، پٽ ٻيبي جمني، ذرا هينئر تہ سجاڳ ٿي. اڙي
ميان عبدالقورات خان، ولد مس براندي، ڪوگهر گهات
ٻہ اٿئي يا نہ (جواب ندارد).

اڙي چاچا چلم خان خاص الخاص، ٺنهنجي ستياناس ۽
اي مسٽر ڊبليو آر بيڙو غرق (جواب ندارد).

(وسلا ٿو ڦولهي) خير، يار اسان جو ڪم ڪم سان،
شڪر ٿيو، ڪجهہ پنگ ڀڳڙا تہ نڪتا؛ گهر ۾ بيبي ٻہ
مانهين جي اٽي وانگر ڦوڪي ويٺي هوندي، مگر خدايا هنن
پراڻي اسپتال جي مڙدن کي ڪيڏانهن ڪيان، هينئر ڪا
ڪچري سچري جي گاڏي ميونسپل کان ڪرائي تي آڻي
هنن مڙدن کي گهرن ڏانهن پارسل ڪيان تہ جند آزاد ٿئي.

(شمشاد ۽ جميل بيهوش پيا آهن، ٺمبڪتو ايگزٽ)

(پردو لهي ٿو.)

پردو ستون

ڻمبڪٽو جو مڪان

(روپ ڪونسيو)

* دم دم ويٺي پنهنجي پيا کي سنڀاريان،
پيا کي سنڀاريان، پنهنجي سنيان کي سنڀاريان.
جي ڪوئي پيا جو پيام اچي ته،
خط کڻي مان پنهنجي نيڻان سان لڳايان.
پيا پنهنجي تي هي واري وڃان مان،
جوين مان پنهنجو، پنهنجي سنيان لءِ سنواريان.
جي منهنجي پيا کي پياس لڳي ته،
سوڍا برانڊي پنهنجي پيا کي پياريان.
سير لءِ سنيان منهنجو خيال ڪري ته،
موٽر ۾ چاڙهي پنهنجي پيا کي گهمايان.
پاس پيا جي، منهنجي اچي اي "آغا"،
نيڻان ۾ پنهنجي مان، ته پيا کي وهاريان.

زباني دلربا: هاءِ، عجب قسمت ڪوٺيي، گهر ۾ نه پاڻي نه روٽي! هن مئي چڪلي چوڙي، رسالي جي گهوڙي جي پڙ پيس، ماءُ بيءُ کان به ويس، آءُ اهڙي گل و گلزار- هي

دلربا:

* طرز: "جوئي دم ديکو ميري پيا کو ملانا."

سئو مرد وڌ بدشڪل، بدڪردار، بي همت، بيڪار، هن ڪان ته منهنجو يار وفادار هزار بار بهتر آهي. هينئر ڪا اهڙي تدبير ويڙهايان، جو هن موذي مرد وڏ ڪان طلاق وٺي، پياري وفادار سان نڪاح پڙهايان ۽ پوءِ خوب ويٺي مزا آڏايان. (در تي ٺڪ ٺڪ جو آواز)

دلربا: ڪير، ڪير؟

آواز: تنهنجو يار وفادار.

دلربا: هي ڪير پيارو وفادار — آيس آيس، پيارا اجها آيس، هي هي مان وڃان، جلدي وڃان. (دلربا ايگزٽ)

(انٽر وفادار ۽ دلربا)

گانو دلربا

موون واري، بلهاري جاني يوسف ثاني، تون ڪنعاني، دلبر جاني ها.

شان تنهنجو لاثان جاذا، نين تنهنجا، مرجان جاذا، موهيو مسي تنهنجي پان جاذا، دلبروا.

جاني جيءُ نه جلايو، ذرا نينان ته ملايو،

اي، اي، اي، اي — موون واري ....

دلربا: ڪيئن پيارا، مزاج ڏانهن ته عافيت آهي؟

وفادار: پڙايانءِ ڪنهن طرح اوقات گذري ٿي، بيقراري آه و زاري ۾ دن رات گذري ٿي.

دلربا: منهنجي بہ پيارا ساڳي ريت اوقات گذري ٿي، انتظاري ۽ خواري ۾ دن رات گذري ٿي.

طرز: "دن رتيان نا چيڙو سنيان چانڊو بنيان ......"

مگر جي تنهنجو ڪوئي مونس و غمخوار ڪونه آ،
ته منهنجي تصوير تو ڪڏائي چو نه آ.
وفادار: غيرن وٽو جو بوسو توکان پياري جان آ،
تنهن لاءِ تصوير تنهنجي مون ڪڏائي ڪانه آ،
خير، مگر پياري مون کي ڪيستائين جوان وعدن ۾ رکندينءَ.

دلربا: پيارا منهنجو ڪو جولو واعدو ڪونه آهي، مگر افسوس جو هي ڪمبخت منهنجو پيڇو نٿو ڇڏي.

وفادار: هي رڳو بهانو آهي.

دلربا: نه نه، هينئر نزديڪ زمانو آهي؛ ليڪن هينئر البت دير ٿي وئي آهي، اوهان وڃو ته چڱو، متان منهنجو خاوند نه اچي وڃي ۽ پوءِ قيامت نه مچي وڃي.

وفادار: بيشڪ اچڻ ڏينس، آلو جو ساهه ڪڍي ڇڏيان.

دلربا: سائين، وڃو زياده شيخي نه ڏيکاريو، خدانخواسته جي هو اچي ويو ته ميان صاحب جن جو پيچ پُٺيءَ تي هوندو.

وفادار: واه واه، اسان کي ڪو اهڙو تهڙو سمجهيو اٿئي ڇا، هن وقت رستم ڇا، اگر شير نر مقابلي لاءِ اچي ته مجال اٿس جو منهنجي چنبي کان رهائي پائي جان ڇڏائي.

(دروازي تي ٺڪ ٺڪ جو آواز)

(وفادار جو خوف کان ڏڪڻ)

دلربا: (وفادار سان) اڙي ميان ڏڪو ڇو ٿا، بهادريءَ جو ڏالو وڃايو ٿا، پاڻ لڄايو ٿا.

وفادار: اڙي ڏڪان ڪٿي ٿو، ذرا سردي لڳي وئي آهي؛ ٿوري به، البت اڄي زور پريو آهي.

آواز: اي ڪمبخت، دروازو کول!

وفادار: (آهستي) اڙي خدا جي ناليِ وفادار کي ته نه رول، ٻچا وفادار هينئر ته ٻورو ٿي وئين، وفادار، اڙي، گهوڙا ڙي، پياري کو وارو ڪجانءِ.

دلربا: (اشارو ونگ جو) هوڏانهن وڃي لڪي پؤ.

(انٽر ٽمبڪٽو)

ٽمبڪٽو: پياري جڏهن مون ٻاهران آواز ڏنو، تڏهن اها گهر ۾ گٽرمٽر ڇاجي لڳي پيئي هئي؟

دلربا: ڏس ميان، جڏهن تون مونکي اڪيلو ڇڏي ويندو آهين، تڏهن هو پيارو وفادار هنديوال مون وٽ ايندو آهي.

ٽمبڪٽو: اڙي هو بغير موڪل جي منهنجي گهر ۾ اچڻ وارو ڪير!

دلربا: هو اوهان سان ڏورو ٿي آيو هو، هن کي ته مون سڏايو هو.

ٽمبڪٽو: تو سڏايو هو، ڀلا سڏائڻ جو سبب؟

دلربا: ڇا چوان ميان، جڏهن تون هليو ٿو وڃين، تڏهن دن رين بي چين ٿي رهان.

ٽمبڪٽو: اڙي چين نٿو اچي ته پرائي مرد کي گهر ۾ سڏائين ٿي، تنهنجي ستياناس ٿئي!

دلربا: پر تون ڳولين ڪنهن کي ٿو، هو ته ديوار ٽپي ڀڄي ويو.

ٽمبڪٽو: ديوار ٽپي ڀڄي ويو، ڇا هو ڪوئي جانور هيو.

دلربا: تڏهن ڇا هيو — هو ته پاڻ وارو ڪتو هيو، جو تو تنهن ڏينهن آندو هو.

ٽمبڪٽو: پاڻ وارو ڪتو هيو. سچ پچ!

دلربا: سچ پچ.

ٽمبڪٽو: چڱو، پلا هو ڪتو ڀ پيرو هيو يا چؤ پيرو؟

دلربا: ڇڏيو ميان، اوهان وري خواهمخواه مون کي کپايو ٿا. (وفادار جي وسريل پادر تي ٽمبڪٽو جي نظر پوڻ، ۽ کڻڻ.)

دلربا: اهو هٿ ۾ ڇا اٿو؟

ٽمبڪٽو: اهو ته سان پاڻ پڇي ر هيو آهيان (جتي ڏيکاري)، ته هي ڇا آهي؟

دلربا: آون، هون — اها مون کي پسند ڪين آهي — مون کي ولائتي وارنس جو بوٽ گهرائي ڏي.

ٽمبڪٽو: اڙي ولائتي بوٽ جي ٻچڙي، آهو ته پوءِ پائجانءِ، اول هي ته ٻڌاءِ ته هيءَ ڪٿان آيو؟

دلربا: نه نه، مان اهڙي جتي ڪڏهن نه پايان.

ٽمبڪٽو: اهڙي جتي نه پائيندينءَ تڏهن، ڪهڙي پائيندينءَ.

دلربا: مون کي ولائتي وارنس جو بوٽ گهرائي ڏي.

ٽمبڪٽو: اڙي ڪمبخت، خانو خراب ٿيئي، آهوته پوءِ پائج — اول هي ته ٻڌاءِ ته هيءَ جتي ڪنهن جي آهي.

دلربا: تون اهڙو غصي ڏو ٿئين ته وڃ، مان نه ٿي ٻڌايان.

ٽمبڪٽو: پلا ڏون نہ ٿي پڌائين تہ اڄهو مان هن کي پاڻ ٿو ڳولهي لهان.

دلربا: ميان توهان ڪهڙا نہ پالا پولا نادان آهيو، جو ايتري ۾ بدگمان آهيو، هي جتي تہ منهنجي پياري وفادار هنڌيوال جي آهي.

ٽمبڪٽو: پياري هنڌيوال جي آهي، ڇا ڪتو بہ ڪڏهن جتي پائيندو آهي؟

دلربا: منهنجا سائين، ڏون سمجهين نہ ٿو.

ٽمبڪٽو: تہ پلا سمجهاءِ.

دلربا: هو مون وٽ اڄ آيو هو، ۽ جتي پاڙ ڀسريءَ جي ڇڪ ۾ ڪٽي آيو هو، اوهان جي دروازي تي لڪ لڪ پڌي، گهبراهٽ ۾ جتي ڇڏي پڄي ويو.

ٽمبڪٽو: هان هان، هوندو هوندو هوندو، هو تہ هميشہ مون کان ڏهندو آهي.

دلربا: ليڪن ميان تو ڪا ٻي ڳالهہ پڌي آهي.

ٽمبڪٽو: اها وري ڪهڙي!

دلربا: هوءَ اسان جي پاڙي ۾ ڏوڻ رهندي آهي ني.

ٽميڪٽو: هان هان، هوءَ گهسيٽي جي ٻيٻي جي امان جي پڦي جي ماسي، مائي ڏاسپاٽي خاص الخاص!

دلربا: اُن جي ستيا ٿي ناس، هن پنهنجي خاوند کان لڪ چوري پنهنجو يار گهر ۾ سڏايو.

ٽمبڪٽو: يار گهر ۾ سڏايو — ڇا ڪوئي هن جو خاوند اُلو جو پٺو هو، جو هن جي يار کي ڪين پڪڙيائين.

دلربا: بيشڪ هو سچ پچ گڏهہ جو ڪودڙو هو.

ٿمبڪنو: هان هوندو، چڱو پوءِ ڇا ٿيو؟
دلربا: هن کي پنهنجن دوستن گهڻو سمجهايو، مگر هن هن نٿي مڃيو— پنهنجي بيبيءَ کي نهايت نيڪ ٿي سمجهائين.
ٿمبڪنو: ڪوئي وڏو نامرد هيو.
دلربا: هوءَ پنهنجي يار سان محبت جون ڳالهيون ڪري رهي هئي ته ايتري ۾، مئو ان جو خاوند به اچي ويو.
ٿمبڪنو: واه واه، تڏهن ته آن بدڪار عورت دل تي موچڙا کاڌا هوندا.
دلربا: نه نه، هن عورت آتي به چالاڪي ڪري ڏيکاري.
ٿمبڪنو: چالاڪي ڪري ڏيکاري، اهو وري ڪيئن؟
دلربا: هن پنهنجي خاوند جي منهن تي هيئن ڪپڙو کڻي وڌو، پوءِ يار کي چيائين ته نڪري وڃ.
(ٿمبڪنو جي منهن تي ڪپڙو ٿي وجهي، وفادار هليو ٿو وڃي).
ٿمبڪنو: چڱو پلا پوءِ ڇا ٿيو؟
دلربا: پوءِ، هن جو يار نڪري ويو.
ٿمبڪنو: هن احمق پنهنجي منهن تي ڪپڙو ڇو وجهڻ ڏنو ۽ چپ ڪري ڇو ويهي رهيو، ڪوئي وڏو آلو جو پٽو هيو. جيڪڏهن مان هجان ها ته انهيءَ عورت جو نڪ ۽ چوٽي ڪپي ڇڏيان ها ۽ سندس يار کي سر نهه. جيڏا داڻا ڪري ڇڏيان ها— ڏسجانءِ پياري، متان تون به ائين ڪرين.
دلربا: ميان خدا نه ڪري، منهنجي ته ميان ڳالهه پڙڻ سان ڇاتي ٿي ڏڪي!

تمبڪنو: خدا شل منهنجي بيبيءَ کي منهنجي سر تي سلامت رکي؛ اسان جي جوڙي کي ڏسي لوڪ سڙي پچي پچي ٿو، جڏهن ڪو عيب هن نيڪ ڪار ۾ نٿا ڏسن، تڏهن ناحق هن کي بدڪار ٿا سڏن. ڀلا اهڙو يتين مون کي ڪٿي ڏوٿني- منهنجي بيبيءَ ڪا اهڙي تهڙي آهي ڇا. الله الله ڪيو! هيءَ ته هزارن ۾ هڪڙي آهي مهربان، زال ته ناهي زالن جي آهي اسان جان، خدا شل منهنجي بيبيءَ کي منهنجي سر تي سلامت رکي، ڪيئن پياري دلربا؟

دلربا: بيشڪ منهنجا پيارا دل صفا (تسبيح تي ڦيرائي)-

تمبڪنو: پياري هي ڇا تي پئي ڪرين؟

دلربا: ميان، مان اوهان کي ياد تي ڪيان، پيارا طبع ڏانهن ته خير آهي-

تمبڪنو: اڙي خير وري ڪهڙو آهي، هن ڪمبخت شمشاد جي ذوڪريءَ ته نڪ ۾ دم ڪري ڇڏيو آهي-

دلربا: آخر ڪهڙي ڳالهه آهي؟

تمبڪنو: اي بيبي، هي شمشاد خناس، ستياناس، مان هن کي وڏو عقلمند سمجهندو هوس، مگر اڄ معلوم ٿيو ته وڏو احمق ألو جو پٺو آهي- هي ٻجر ٻتو، مهلقا جي نالي تي ٿيو آهي لٽو، مگر هو ته ڪيس چاڙهي نڪتو، تڏهن به هي تتو، ميان چبربٽو، ڪٿي ٿو رهي- حسن ڏندي ڏوتي، ڍنگ جي سوٽي، عقل جي موتي کي مهلقا جي عشق وڏو احمق، عقل جو سالو، صفا بي تالو بڻائي ڇڏيو آهي- جناب جن جو مزاج مبارڪ ته حضرت عشق جي گرما گرم آتش کان ريلوي انجڻ جي ڦيٿي وانگر چڪرن

تي چڪر پيو هٽي، ڪاٻ ڳالهه، هن ٻوڪ ٻاڙيل کي نٽي
وڌي؛ سچ آهي ته امير جي عقل ۾ سنهان سنهان چير ڏين ٿا،
جيترو آدمي موٽو، اوترو عقل جو ڏئي ڏو چوٽو.
دلربا: اي بيوقوف ٺمبڪٽو، تون ڪو ٻڪرو آهين
يا گهٽو.
ٺمبڪٽو: چو چو بيگم! منهنجي نالي سان تنهنجو
ڪهڙو ڪم؟
دلربا: اي ميان! تنهنجي ڏاڙهيءَ ۾ ڪينئان، هن
غريب جي گلي ۾ حضرت عشق جو جنجال آهي؛ هن جو
ڇٽڻ محال آهي، هو لاچار آهي، جان کان بيزار آهي،
ٻڌو ڪين اٿئي:
آن ڪه شيران را ڪند روبها مزاج،
احتياج و احتياج و احتياج و احتياج.
ٺمبڪٽو: خير، بيبي مان ٻه دلالي جي اسڪول، نمبر
ڏو (٢) جو فس ڪلاس شاگرد آهيان، تنهنجي حڪم
موجب وڃان ڏو ۽ وڃا ڪٽي جو انجام سر انجام ڪيان
ڏو، يعني حرص جي گهوڙي کي بيوقوفيءَ جو لغام
لڳائي، ميدان حماقت ۾ ڊوڙايان ڏو، قسمت کي هوا ۾
اڏايان ڏو. هينئر جلد هن نونهال، نازڪ خيال، گل اندام
مهلقا وٽ وينداس. ڪنهن عجز عاجزي يا فريب فتني بازي
۾ آڏي، هن کي پنهنجي آقا سان ملائيندس؛ پوءِ ساري عمر
ويٺو هن ٻاگل شمشاد جو مال لٽائيندس.
دلربا: ميان مون کي ٻه ولائتي وارنس جو بوٽ
گهرائي ڏج.

ٺمبڪٺو: هان هان پياري، توکان سواءِ منهنجو وري ٻيو دنيا ۾ ڪير آهي؛ ماءُ آهين ته تون، ڀيڻ آهين ته تون، ڌيءَ آهين ته تون ۽ جي زال آهين ته تون.

دلربا: پيارا منهنجو وري ڪو ٻيو والي وارث آهي، پيءُ آهين ته تون، ڀاءُ آهين ته تون، پٽ آهين ته تون، ۽ جي خاوند آهين ته تون.

گانو—(دلربا ۽ ٺمبڪٺو)

ٺمبڪٺو: منٺار پرين، دلدار پرين، ڪر ناز نه اي دل جاني.
دلربا: جِند جان ڪيان،قربان ميان، اي جاني، يوسف ثاني.
ٺمبڪٺو: آ صورت منهنجي ڪاري.
دلربا: گل ناري.
ٺمبڪٺو: آ گلي سان لڳ تون پياري.
دلربا: مون واري.
ٺمبڪٺو: منٺار پرين، دلدار پرين، ڪر ناز نه اي دل جاني.
ٺمبڪٺو: ڏي ٻوسو هڪڙو جانا.
دلربا: ڇڏ طعنا.
ٺمبڪٺو: ڇڏ جوٺا ٻهانا.
دلربا: ڇڏ طعنا.
ٺمبڪٺو: منٺار پرين، دلدار پرين، ڪر ناز نه اي دل جاني.

طرز: ”دي رنگ پينگ ڪا لوڏا“

پردو اٺون

مڪان شمشاد

شمشاد: (سجاڳ ٿي) اي ٽمبڪٽو، اڃا ڏينهن آهي يا رات آهي؛ خدايا هيءَ ته پرهه ڦٽي پريات آهي.
جميل: (سجاڳ ٿي) خدايا هيءَ جاءِ ته پياري دوست شمشاد واري آهي، جتي مون ساري رات گذاري آهي.
شمشاد: اي دوست فڪر نه آهي، هي اوهان جو مڪان آهي، هي جان قربان آهي، بندي کي هروقت مددگار چاڻ، حال زار، بلڪ جان نثار چاڻ.
جميل: تحقيق دوست، اوهان کان سواءِ دنيا ۾ ٻيو ڪوئي نه دوست خويش اٿم، مگر هڪڙو مشڪل درپيش اٿم، بعد اها آرزو اٿم، جو شادي خانه آباديءَ جو ڪو بندوبست ڪري خانو آباد ڪيان، هن تنها زندگانيءَ کي خيرباد چوان، اهو خيال آهي، ليڪن بغير پئسي اهو خيال پورو ٿيڻ محال آهي، جنهنڪري البت دل اداس آهي.
شمشاد: (علحدو) فڪر نه ڪر، اڄهو اوهان جي ستياناس ٿئي ٿي.
شمشاد: (جميل مان) خدا ڪري اها خدمت بندي کان سري، ته بندي جي منهن ۾ به آب و ري، دل ٺري.

ڳائو

شمشاد:

* هر حال ۾ اي يار، تنهنجو مددگار هان،
قربان جان و دل سان، تنهنجو غمگسار هان.
مشڪل ۾ مدد جنهن نه ڪئي، تنهن کي نه دوست چؤ،
توتان ته مگر جانِ من، آءٌ جان نثار هان.
با صدق جان و دل، ته آءٌ اي دوست دلنواز،
همراهه هم رفيق تنهنجو، حال زاز هان.
مون کي نه دغا دل ۾ آهي، صاف دل هان آءٌ،
والله يار "آغا"، آءٌ يارن جو يار هان.

ڳائو

اي دلنواز دوست، تنهنجو تابعدار هان،
توتي آءٌ جان و دل سان، فدا ۽ نثار هان.
مشڪل ۾ مدد منهنجي، سگهو بهر خدا ڪر،
اڄ گردش ايام کان، آءٌ بيقرار هان.
بي چين دل کي چين، دنيا ۾ نٿو ملي،
لالا جي طرح غم کان دل داغدار هان.
راحت ۾ هان شريڪ، رهان رنج ۾ بي يار،
آءٌ هر طرح سان اي "آغا" خدمت گذار هان.

جميل: مون تي ڪو ڪري لطف؛ مون کي خريد ڪر، هن قفل آرزو سندي ڪليد ڪر، اي يار غمگسار دنيا ۾ توکان سواءِ ٻيو عزيز ڪونهي.

---

* طرز — "امروز ديگرم بفراقي تو شام شد".
جميل: (طرز ساڳي)

شمشاد: شبک غربت کي کو قريب کونهي، مگر هاءِ هن وقت هڪ نئين ڳالهه، دل ۾ ياد تي اچي، جنهن کان دل اندر ۾ تي پڄي.

جميل: جناب عالي چا ڪا اهڙي ڳالهه لادوا آهي، جا بندي کي ٻڌائڻ ناروا آهي؟

شمشاد: خير انهيءَ ۾ ڪو سبب آهي.

جميل: مون کي عجب آهي، اهو ڪهڙو سبب آهي، ظاهر ڪرڻ اوهان تي واجب آهي.

شمشاد: خوب اي مرغوب، ليکن توکي چوندي خوف ڏو ٿئي.

جميل: البت منهنجي دل کي به ضعف ڏو ٿئي، مگر بي تڪلف بيان ڪر.

شمشاد: يلا ذرا هيڏانهن ڌيان ڪر، اي پيارا جميل، دوست اصيل، افسوس صد هزار افسوس، جو هو موذي ممتاز بدذات، هن جي اوقات تي لعنت، هن جي خاندان تي لعنت. هاءِ! آف! غضب غضب......!

جميل: چا، ممتاز!

شمشاد: هان هان، بدڪار، مڪار، ممتاز.

جميل: آخر حقيقت ساري.

شمشاد: عياري مڪاري بدڪاري، آف، افسوس، هاءِ، هو بدذات تنهنجي پياري همشيره جي پاڪدامن کي داغ ڏيڻ لاءِ تيار ۽ توکي خواب غفلت جو خمار، حيف صد حيف.

جميل: هاءِ-هاءِ، خدايا آءٌ ڇا ٻڌي رهيو آهيان، آءٌ خواب ۾ آهيان يا بيدار آهيان؛ خون ۽ بدڪار جو جيسين نه آءٌ سرڪي پيان، خاڪ اهڙي زندگيءَ تي جو دنيا ۾ آءٌ جيان. اي خيرخواه، والا ڇاه هينئر ڪهڙي مصلحت آهي؟

شمشاد: مصلحت وري ڪهڙي آهي، اها صاف اوهان جي غفلت آهي، اهڙي بدڪاري جي سزا موت آهي!

جميل: بيشڪ موت آهي، ليڪن ڪنهن جو؟

شمشاد: جنهن جو سمجهين، تنهن جو! گرچ ممتاز به قصوروار آهي، ليڪن درحقيقت تنهنجي ڀيڻ بدڪار آهي، تنهنڪري نيڪ صلاح اها آهي، ته انهيءَ بدچلن عورت جو خون ڪري، ممتاز بدذات جي گهر ۾ اڇلائي، ۽ هن مڪار بدڪار کي گرفتار ڪرائجي. انهيءَ ريت اهو ڪم سرانجام ٿيندو ته تو تي الزام ڪونه ايندو؛ اوهان جي خاندان تان اهو دائمي بديءَ جو داغ لهندو.

جميل: ڇا، خون، خون! پنهنجي پياري همشيره جو خون، اُف! اهو ڪهڙو باغبان هوندو، جو پنهنجي نئين گلستان کي بادِ بهار کان اڳ پنهنجن هٿن سان برباد ڪندو، پاڻ کي ناشاد ڪندو، اهڙو بيداد ڪندو، آهو ڪهڙو انسان آهي؛ جو پنهنجي نازڪ گل اندام ڀيڻ جي خون ۾ پنهنجي دامن تر ڪرڻ لاءِ تيار ٿئي ۽ حشر ۾ شرمسار ٿئي، هن گلشن نونهال جو ناحق خون ڪري صفحهٔ تاريخ تي نالو آشڪار ڪيان، پاڻ کي رسوا سر بازار ڪيان، آ-ها، زمانو ڇا چوندو!

شمشاد: زمانو اهڙيءَ غيرت تي آفرين چوندو.

جميل: هرگز نه.

شمشاد: آف! غضب، غضب؛ اي جميل، پنهنجي خداداد غيرت جو اهو حق ادا ڪرين ٿو؟

جميل: شمشاد، مون کي شرمند و پيشِ خدا ڪرين ٿو.

شمشاد: اي بي همت، تون هڪ بدڪار بدچلن عورت جي خون کان ڊڄين ٿو.

جميل: خون کان نٿو ڊڄان؛ مگر هن جي پيدا ڪرڻ واري کان ڊڄان ٿو.

شمشاد: اي دوست، اوهان جي والد بزرگوار جو مون تي احسان آهي، احسان نه مڃڻ منصفيءَ کان دور آهي، تنهنڪري مون کي ضرور آهي ته اي نيڪنام، صبح شام توکي نيڪ صلاح ڏيان، تنهن لاءِ مان توکي بار بار ٿو چوان، ته جي اهو ڪم سرانجام ڪندين (يعني پنهنجي پيڻ جو ڪم تمام ڪندين) ته تنهنجي شاديءَ جو سارو بار جميل مون تي آ، هر حال ۾ هي بندو تنهنجو مددگار آ، توکي ضرور شادي ڪرائيندس ۽ پنهنجي ساريءَ زر ۽ جواهرات جو مالڪ بڻائيندس.

(ٺمبڪنو کي سڏڻ) اي ٺمبڪنو جلد وڃ، خزاني مان مهرن جون ٿيلهيون ڪڍائي اچ.

ٺمبڪنو: حاضر حضور، (علحدو) لکرن جون ٿيلهيون ڇٺو ته گهٽيون، باقي پيو ته خزاني ۾ الله جو نالو آهي.

(ٺمبڪنو ايگزٽ — انٽر — ٿيلهين سميت)

جميل: (علحدو) جي زر ٿو ڏسان ته پنهنجي پياري ڌيئڙ جي خون ۾ هٿ رنگڻ واسطي تيار ٿو ٿيان، جي وري هن ماءُ چائي ڌيئڙ جي سچي الفت، نماڻين نگاهون ۽ ذهبل ۾ واريون دعائون ياد ٿيون اچن، ته دلخراش، ڪليجو پاش پاش ٿو ٿئي، هي سمورو زر ۽ مال هٿان ٿو وڃي، مگر خير فڪر ناهي، مون کي پيسو وڏيڪ پيارو آهي، پيسي سان زماني جو گذارو آهي، هي وجه هٿان نه وڃائيندس، نه ته پوءِ مفت پڇتائيندس، (شمشاد سان) اي دوست، بيشڪ اهو ڪم سرانجام ڪندس، پنهنجي ڌيئڙ پاڻ قتلام ڪندس، هينئر دير اجائي آهي؛ اها قسمت آزمائي آهي.

(پيسا گهرڻ)

شمشاد: شاباش اي نيڪنام شاباش، غيرت انڌيءَ کي چنبجي.

ٽمبڪٽو: (علحدو) بيشڪ انڌيءَ کي چنبجي ٻيڙا ٻڏ گيا دم ٻهاول حق اقبال چٽ عاقبت جو خير.

شمشاد: مگر اي دوست، مون کي يقين ڪامل آهي، ته هي ڪم مشڪل آهي، ٿوڪان هرگز هرگز سرانجام نه ٿيندو، هي انجام اِنت خام ويندو.

جميل: آ—ها، سر وڃي مگر سودو نه وڃي.

شمشاد: جي وڃي؟

جميل: ته خدا آن جو خاڏو پڇي.

شمشاد: ڇا، اوهان ڪان هي دل آزاري ٿي سگهندي؟

جميل: ڇا، تڏهن هي شرمساري ٿي سگهندي؟

(پيسا وٺي ايگزٽ)

شمشاد: يارو فريب اهڙو مون کي ياد اچي ويو،
خود پاڻ پنهنجي دام ۾ صياد اچي ويو.

ڏمبڪڻو: جناب عالي، اسان سان ته ڪجهه ڇڻ ڇاڻ فرمايو، همت ته سيڪجهه ڪرو، پر ڏمبڪڻو کي ڏٻڻ مهل ٽيڻڙ ڀرو، نه ته هينئر وڃي ٿو پوليس کي سڏي اچان.

شمشاد: صبر، صبر، اي بيوقوف، هيءَ تنهنجي خدمتگذاري آهي، اسان جو نگهبان خداوند باري آهي.

(پيسا ڏيئي ايگزٽ)

ڏمبڪڻو: (اڪيلو) اي ڪمبخت ظالم جميل، تون رڳو چئن پئسن جي لالچ تي پنهنجي جگر جي بند جي مٺي خون جو پياسو ٿي رهيو آهين، ڇا هي دولت توسان قبر ڏانهن ساڻ هلندي يا قيامت ۾ ڇڏائيندي، تون هن پيسي مان پنهنجي پليد پيٽ کي ڪيترا ڏينهن پاليندين؟ رڳو چند روز جي عيش عشرت واسطي ساري زماني جي لعنت کٽي رهيو آهين، نه رڳو انسان، پر آسمان به توتي لعنت ڪري رهيو آهي، هن انڌاري رات جي شبنم شاهدي ٿي ڏئي، ته هي ماتمي لباس ۾ ملبوس آسمان به هن بيخبر معصوم جي بيڪسي حال تي رت روئي رهيو آهي. اي يارو سچ دنيا جو خون سفيد ٿي ويو. هاءِ، افسوس!

ڳائو ٽمڪنو:

* ڏسو مڪاري، دنيا ساري پيسي جي،
الفت محبت منٿي، ياري پيسي جي،
مادر پدر ڀائي برادر، دختر اختر پيسي جي،
آ چوڌاري مارا ماري پيسي جي،
عزت حرمت سڀ آ شفقت پيسي جي،
سهرو سالو جوء پياري پيسي جي.

(ايگزٽ)

پردو نائون

رستو

ڳائو ممتاز:

* دين ۽ ايمان اسان پنهنجو ٿا ڇاڏون يار کي،
صاف پوڄن پرت وارا دوست جي ديوار کي.
برهمن بت خاني ۾، ڪعبي مسلمان ٿا وڃن،
ڇا غرض تن سان، اسان سجدو ڪيو دلدار کي.
خواهش جنت جي نه دل کي طلب حورن جي نه آ؛
ٿا سڪون شب و روز يارو، يار جي ديدار کي.

---

* طرز: "عالم ۾ هي خوبي ساري پيسي ڪي."
* روپ: "سهڻي، پيلو، پهاڙي سورٺ"

عشق جي بيمار جو دارون نه آ نادان طبيب،
ديد دلبر جي آ، اڪسير هن آزار ڪي.
وه شراب ارغواني ڪان ته "آغا" هي ملي،
سر خماري آه هن ميخان جي ميخوار ڪي.

ممتاز: مرغ دل هي آه و زاري عشق ۾ ناهي روا،
هن قفس جي قيد ۾ جي درد غم آهي غذا.

اي دل نادان ذرا هوشيار ٿي، خبردار ٿي. دشمن تنهنجن تمنائن تي خنجر وهائڻ لاءِ تيار آهي، مگر توکي اڃا خواب غفلت جو خمار آهي — خير تنهنجو مددگار پروردگار آهي، اي علام الغيب، بيعيب. توکي اسان جو سارو احوال عيان آهي، تنهنجي اڳيان ڪهڙو بيان آهي. اي هر انس و جان جا مالڪ، ممتاز جي جان جا خالق، گرچه زمانو در پي آزار آهي، ليڪن تنهنجو ڪرم درڪار آهي. در و ديوار کان اچ ٿي اچي حسرت جي صدا، ڪجهه اشارن سان خدايا تو چوي مون کي قضا. خير هينئر پنهنجي يار وفادار غمخوار جاني سان ملڻ ضروري آهي، دل کي بيقراري ۽ رنجوري آهي.

صنم جي ياد ۾ اي دل بسر شام و سحر ڪر تون،
زماني تي عيان پنهنجي محبت جو اثر ڪر تون.

ڳائو ممتاز:

*موسيٰ جي طرح طالب ديدار هان مان،
حسرت زده ليڪن پس ديوار هان مان.

---

* طرز: "دل ليڪي ستم ڪرتي هو، ڪجهه ڏيان نهين هي"

ڏئي نقد ھي دل بر سر بازار محبت،
آءٌ ناز جو خوبي جو خريدار ھان مٺا:
تنھنجيءَ دم کان دل کي منھنجي ڪجھ قرار آءِ،
وگرن زندگي کان مان بيزار ھان مٺا:
اي جان من مان عشق ۾ تنھنجي تہ قسم آءِ،
بدنام ٿيو برسر بازار ھان مٺا:
تون آتش فرقت ۾ جلائج نہ "آغا" کي،
بلبل جي طرح عاشق بيمار ھان مٺا:
(ايگزٽ)

پردو ڏھون

(مڪان مھلقا)

گائو سھيليون:

بخشيو ڪنھين کي حق نہ ھي حسن و جمال آ،
ديدار نہ جھان ۾ ٿيو اھڙو مثال آ.
اکين جي اکيان نازنين نرگس آ حيا ۾،
اي جان شرمسار اکيان تو غزال آ.
ھي ابروئي حضور جا ھن عڪس جلوه گر،
آترِيو ھي آسمان کان زمين تي ھلال آ.
بلبل ۾ ڪيڪ مان ڏيڻ نسبت تہ خطا آ،
تن ۾ اھڙي "آغا" ڪتي ھول چال آ.
(مھلقا جو خواب مان بيدار ٿيڻ)

مهلقا : خدا يا هي خواب آهي، يا عالم بيداري آهي،
جان حيران، دل کي بيقراري آهي .

گانو مهلقا :

افسوس ڪيو خواب پريشان يا الله،
گهبرائي ٿي قالب ۾ منهنجي جان يا الله!
همراه هو جميل عجب ماجرا ڏٺم؛
هڪ دشت ڏٺم خواب ۾ ويران يا الله!
لبريز جام خون جو تنهنجي نه دست هو،
گويا ڪيائين پورو پي ارمان يا الله .
گردن تي سيف منهنجي برادر تي وهائي،
بلبل جي مثل جنهن تي آءٌ قربان يا الله!
هي پيد منهنجي ڏيان ۾ آيو نه اي "آغا"،
تعبير خواب ڪين آ، آسان يا الله!

گانو سهيليون:
اي بانو اسان جي پياري، نه ڪر آه و زاري.
نه ڪر خواب جو فڪر هرگز، ڪرين ٿي عيش بيقراري.
سرسبز باغ حسن تنهنجو هردم، رکي شال خلاق باري،
بادِ خزان جي نه بدلي هميشه، هجي شال بعد بهاري .
قائم رهين شل اسان جي تون بانو، ٿي دشمن کي لذت ۽ خواري.
مهلقا :
خدا يا خير ڪر، اڄ دل کي حيراني، طبع کي پريشاني آهي.
هي ڪهڙو شگون بد آهي، من کي بي آرامي بي حد آهي هي،

هن خواب هيبتناڪ آهي، دل غمناڪ جگر چاڪ چاڪ آهي.
پياري سکيؤ دل قالب ۾ گهبرائي ٿي، شايد تقدير اڄ آزمائي ٿي: اک ڦري ٿي، قضا ڪجهه، ڪم ڪري ٿي.
زرينا : بيشڪ، پياري هي هڪ هيبتناڪ خواب آهي!
حسينا : پياري تنهنجو مددگار باري جناب آهي.
گلنار : هي خواب ته دل آزار ٿو ڏسجي، يا قدرتي ڪو اسرار ٿو ڏسجي.
گلنار : نه نه، هي خواب اجايو آهي، ڪنهن جن يا پريءَ جو سايو آهي، بنديءَ خوب آزمايو آهي.
مهلقا جنهن بات کي چاهي نه طبيعت سا قهر آ،
جي موت جي خوشي آ، ته امرت به زهر آ.
هاءِ، شايد پياري دلنواز ممتاز جي عشق ۾ مون تي ڪا آفت نا گهاني اچڻ واري آهي، جنهن ڪان هن دل کي بيقراري آهي.
نه زيور مان ته پائيندس، نه زلفن کي سنواريندس!
هي باقي زندگاني خاڪ ساري ۾ گذاريندس.

گائو مهلقا:

* صبا يار کي چؤ ته غمناڪ هان مان،
جلائي ڪئي عشق بس خاڪ هان مان.
جدائي ۾ تنهنجي مون باغ جهان ۾،
گلن جي طرح اڄ جگر چاڪ هان مان.
محبت ۾ ڏيندس قسم سر هي پنهنجو،
نه آ خوف مون کي جو بيباڪ هان مان.

---

* روپ ڪانرو

منهنجي دل جو ”آغا“ آ الله شاهد،
جو الفت ۾ بدڪاري کان پاڪ هان مان.

(انٽر ممتاز)

مهلقا : عيد جي ڏينهن منجهن لڪائڻ منصفي کان دور آ،
آءٌ گلي لڳ يار پيارا، عيد جو دستور آ.

ممتاز : آءٌ پياسي دل جو غرض نامون عيد جو،
عيد تو بن جان من، والله جنسي سور آ.

گائو ممتاز :

طالب وصال هان يوسف مثل منتار پرين،
آ زليخا جو قسم!
ڪر قيس سان ماڻا نہ منا يار پرين،
توکي ليلان جو قسم!
دل و جان سان قربان آهيان توتي پرين،
آه دل هي تہ چري؛
دل گرفتار ڪئي زلف جي هڪ تار پرين،
دل شيدا جو قسم!
نسبت آ عنادل سان ڏيڻ توکي خطا،
آ غلطي هي صفا،
من موهيو مني تنهنجي آ گفتار پرين،
حق تعاليٰ جو قسم!
زلف پر پيچ ۾ ”آغا“ تہ گرفتار ٿيو،
چڱو دشوا رٿيو.

شربت وصل پيارج مون کي دلدار پرين،
توکي مولا جو قسم.

گانو مهلقا:

* تنهنجي جوبن تي جانان واري وڃان،
واري وڃان، ٻلهاري وڃان.
سڄڻ سنوريا، نيڻان سنواري،
مون نيڻان تي سنيان، واري وڃان.
موهني مورت تنهنجي سانولي صورت،
سؤ واري سنوريا، واري وڃان.

ممتاز: غنيمت سمجھ، تون، منهنجو وصل جاني،
جو آ چار ڏن جي فقط زندگاني،
ڪيون عيش حسرت، رهي تا نه باقي،
جو الله باقي، و من ڪلِ فاني.

اي گلزار حسن جا شاداب گل، اي نازنين مه، جبين
دل نشين بلبل، ڇو اڄ اوهان جو حالِ پر ملال ٿو ڏسجي.
طبع جو ڪو اور خيال ٿو ڏسجي.

مهلقا: اي منهنجي سر جا تاج، اڄ هڪ هيبتناڪ خواب
ڪان دل بيتاب آهي، جگر ڪباب، مثل ماهي بي آب
آهي، دل بي آرام آهي- شايد جلد موت جو
پيغام آهي.

---

* طرز – "لمري، خون ناحق"

ممتاز : نہ ڪر خواب تي تون ذرو اعتبار،
جو چاهي ڪري ٿو سو پروردگار.
خدا تي تون بس رک سدا اعتقاد،
تہ دل جي تون پائين اي پياري مراد.

اي مهلقا تنهنجو اجا فهم ڪم آهي، اهو بلڪل جولو وهم آهي، خواب جو خيال ڪرڻ صاف چريائي آهي، اها ڳالهہ مون پاڻ آزمائي آهي.

اهو خيال دل تان دور ڪر، باغ ۾ وڃي دل گلن سان مسرور ڪر.

گانو مهلقا :

رخصت ڪيو اي جان اڄ رخصت جي طلب آ،
راحت جي طلب وئي هلي، آفت جي طلب آ.
هي وصل يا نصيب ميسر ٿئي وري،
شايد منهنجي چشمن کي قيامت جي طلب آ.
سرتاج منهنجا تنهنجو نگهبان خدا آ،
قسمت کي منهنجي هاڻ تہ فرقت جي طلب آ.
الفت ۾ آهيان پاڪ، تون شاهد رهج مٺا،
مولا جي اڳيان مون کي شفاعت جي طلب آ.
"آغا" کي آهي آسرو دنيا ۾ اوهان جو،
محشر اندر بہ تنهنجي حمايت جي طلب آ.

روپ : 'پيروي' طرز : "ڈرتا هون جدا مجهسے ميرا يار نہ هوجائے"

ممتاز: رضائي حق تي راضي رھ، ھميشه اي منھنجا جاني،
ھزارھا مشڪلاتن جي صبر سان تي ٿئي آساني.

ڳاڻو (قوالي)

* ممتاز: ڪيو جنھن توکي آ پيدا، اھو تنھنجو ته آ حافظ!
ٿيان توکان آءٌ رخصت ٿو، تنھنجو پياري خدا حافظ!
خدا يا مھلقا منھنجي جو ھردم تون نگھبان رھ،
نه آ ھن غمزده جو بيو دنيا ۾ تو سوا حافظ!
زمين توکي نه پارت آ، شرم ڪج آسمان تون پڻ،
فرشته سڀ رھن تنھنجا، اي پياري جان سدا حافظ!

* * *

مھلقا: مون کي نه ڪر جدا پرين توکي روا نه آ،
سڌ بو انھيءَ کي اي مٺا ھرگز وفا نه آ.
توکي آ منھنجي ناز جو اي جان من قسم،
ميت تي منھنجي ايندءِ ين يا تنھنجي رضا نه آ.

زرينا: اھا ذاحق تنھنجي دل کي پريشاني آھي،
اھو خواب اي بانو شيطاني آھي.

گلزار: خواب جو خيال ڪرڻ ڪم زبون آھي،
اھو اي پياري بدشگون آھي.

ممتاز: وچڙيلين جو خدا جاني — خدا حافظ! خدا حافظ!
نه ڪر ھي خيال ناداني — خدا حافظ! خدا حافظ!

(ممتاز — ايگزٽ)

(مھلقا جو غم ۾ ويھڻ)

---

* طرز: "جنون ڪا عاشق صادق ھے وہ ڪب فرياد ڪرتے ھين"
يا طرز: "ڪوئي عاشق گرفتار محبت قسا ھوگا"

زرينا: پياري مان صدقي، مان وري – سياڻي ڪنهن ٻانيڻ ٻڙي پنڊت پڙي وٽ ويندس، ۽ هن خواب جي تعبير ڪرائيندينس، پوءِ ساري حقيقت ته-وکي ٻڌائيندينس. هينئر باغ جو سير ضروري آهي، اها به غمگين دل واسطي هڪ مسروري آهي.

حسينا: هلي باغ ۾ پاڻ پرپاءِ تون،
گلن سان ته دل بانو وندراءِ تون.

گانُو مهلقا:

* سهيليون: دل کي سنڀال پياري بانو– بهر خدا،
مهلقا: بجلي چمڪي بادل برسي رين اندهيري آ.
سهيليون: مدد ڪندو و شل مالڪ مولا،
من مان خوف نڪال پياري بانو - بهر خدا.
مهلقا: هي جڳت فاني، پاپ جو جاني، مرتي بوق آباري،
سهيليون: پار ڪندو شل داتا پياري،
خوف نه ڪر ڪو خيال پياري بانو-بهر خدا.
(مهلقا سهيلين سان ڳائيندي ايگزٽ)

پردو جهنگل اڳيون

(جوڳي ۽ سندس چيلا)

گانُو

مر جنهار جڳت جو جائي دل جو دلبر تون ئي تون آن،

* طرز: "دل کي سنڀاليو ري پياري، بهر خدا."

قبول آ تنهنجي در جي گدائي، صحيح سڪندر تون ئي تون آن.
هر مظهر منجهه رنگ نرالا، شان آ تنهنجو سڀ کان اعليٰ.
هر شي ۾ تنهنجو جلوه مولا، هرجا حاضر تون ئي تون آن.
عمر گناهن ۾ ويئي ساري، تنهنجي آ در تي توبهه زاري،
ڪرم پنهنجو ڪر خالق باري، بنده پرور تون ئي تون آن.
صفت بند و چا ڪندو عيان، جي ڪلنه آ ڪنهن راز نهان جي،
مثال قمري دل اسان جي، سبز صنوبر تون ئي تون آن.

جوڳي: اي گروجي شيوا ۾ رنگي، ساڌن جي سنگت ۾ سنگي.
جيڪي سختين جو جوڳ پاتي ٿو، آهو ئي خوشين جو پوڳ پائي ٿو. هيءَ حياتيءَ جو دم گذر آهي، اڳيان وڏو سفر آهي، هينئر شهر ۾ وڃي ڪجهه بيک جو ٽڪرو آڻيو، پوءِ ڪنهن بي ڏس تي تاڙيو. بيشڪ اي چيلو وڃي شهر پيليو.

(چيلا ايگزٽ)

زرينا: گروجي اوهان ڪي ته آديس آ،
وسايو اوهان جو هي پرديس آ،
ڪٿان ٿا اچو ڳالهه ٻڌلائيندؤ،
ديا پنهنجي مون تي ڪا فرمائيندؤ.

جوڳي: منهنجو ڇا، جو توسان بيان آءٌ ڪيان،
هلي وچ آتي، آئي آهين جتان.

زرينا: غضب جا هن فقرا جي واه جي،
گهڻو گرم آهيو ته والله جي.

گانو

جوڳي: ڇخي چل چرين کي نه ڏي ڳالهه ياد،

فقيرن کي نا چيڙ او نامراد.
هينئر ور نه ڏيندس توکي آءٌ سراپ،
ستائڻ فقيرن کي آ سخت پاپ.
نياءُ سان ڏيکو آ اسان سلسلو،
هلي وڃ اي عورت، تنهنجو آ ڀلو.

گادو زرينا:
خدا واسطي بخش منهنجي خطا،
نه ناحق گروجي ٿي مون کان خفا.
عرض مان رکان دل سندي مدعا،
کيو گر نوازش ڪا بهر خدا.
اسان جي آ بانو، گرو، مهلقا،
پريشان رهي ٿي، سا صبح و مسا.
قدم رنج فرمايو، تنهن وٽ شتاب،
جو پڇندي او هان کان هوءَ تعبير خواب.

زباڻي

جوڳي: غرض بانو تنهنجي سان ڪهڙو ڀلا،
اسان پنهنجي مرضيءَ جا مالڪ سدا.
منهنجو جهنگل و دشت ۾ راڄ آ،
هي ٽوپي پراڻي گويا تاج آ.
ڀلا ٻڌاءِ ته تنهنجي بانوءَ جي صورت آهي ڪهڙي؟
زرينا: تور جهڙي!
جوڳي: عادت؟

زرينا: حور جهڙي!
جوڳي: ڇا بيمار آهي؟
زرينا: لاچار آهي!
جوڳي: ڪهڙي بيماري آهي؟
زرينا: عشق جي دل آزاري آهي.
جوڳي: ڇا حسن تي ڪجھ ناز آهي؟
زرينا: تقدير جو هڪ راز آهي.
جوڳي: اچي پاس منهنجي جي نيڪ اعتماد،
ته البت ٿيو پائيندي دل جي مراد!
زرينا: بجا حڪم تنهنجو آءٌ آڏيان ڪرو،
ڪيان ما هرو ڪي تنهنجي روبرو.
(زرينا ايگزٽ)

(انٽر تمبڪنو)

تمبڪنو: (علحدو) يارو مون ته پنهنجي بيبي جي پوريان پنهنجي سهڻي صورت، موهڻي مورت، هي ننڍڙي جواني، ڪئي برباد؛ پر هوءَ چڪر ڏيندي اسان جي ڏڪتي استاد — گهر ۾ سچو ڏينهن گوڙ به آهي، ڦٽ ڦٽ جي ماني لعنت جو پوڙ آهي. اڄ هوءَ ڪمبخت ذري گهٽ ڏنگڻ آئي هئي، پر خدا بچايو جو پيچي مون پاڻ ڇڏايو. ضرور دال ۾ ڪجھ ڪالو ڪالو آهي. ڪنهن ڪار ميهن قرمساق جو ڳالهه ۾ گڙبڙ گهوٽالو آهي. خير هينئر هن جوڳي صاحب ڪمال با جمال کان ڪوئي تعويز لکايان، پنهنجي بيبي جي دل ڦسايان، دشمن

کي جيئري جلا يان. (نزد يڪ وڃي)

ٽمبڪٽو: گروجي، نمسڪار.

جوڳي: جيئو ٻچا، هر هر نام رام، نام ست. ڇئو ڪهڙو آ ڪلام، اي نيڪ انجام.

ٽمبڪٽو: گروجي هڪ ڪارو ڀوت منهنجي پويان پيو آهي.

جوڳي: ڇا، ڀوت؟

ٽمبڪٽو: جي ءَ، مهراج، ڀوت! پر ڀوت به ڪارو ڀوت!

جوڳي: مان هن کي منتر تنتر جنتر سان جلا يان، تنهنجي جان ڇڏايان.

ٽمبڪٽو: بس گروجي ڪا اهڙي ڪرپا ڪيو.

جوڳي: پوءِ ٻي ڪهڙي اداسي آهي؟

ٽمبڪٽو: مهراج داس ٻاسي آهي، جو ٻنهي جي ٻيهي وڏي شيطان جي ماسي آهي، جنهن ۾ شڪ آهي، يعني ٻي ڪنهن ڇگهٽي، چڪر ڏنڊي جو چڪ آهي، اهو دل کي ڏک آهي. مون کي ڪو اهڙو تعويذ ڏيو، جو هن جي دل گرفتار ٿئي، هن مڪار بدڪار جو يار دربدر ۽ خوار ٿئي.

جوڳي: هان هان، سوامي سڀ ڪو ٿو ڏئي؛ سر وڃي، سڀ نه وڃي، جي وڃن ته سر به ساڻ وڃي.

(اندر ڇيلو)

ڇيلو: مهراج، هڪ پرده دار عورت اوهان جي درشن جي اڇا ٿي رکي.

جوڳي (ٽمبڪٽو کي): هل ٻچا، تون ڀڄ، ڀڄ، ڀڄ.

ٽمبڪٽو: حاضر، گروجي حاضر، حاضر! (ڀڄي وري

موٽي ٿو.)

ٿمبڪٿو: ليڪن مهراج سوامي، بندي جي راس ته ڏسو.

جوڳي (ڪتاب ڏسي): اي ڪمبخت، تنهنجي راس جي آهي ستياناس، هل، هل، هينئر نڪر، نڪر!

ٿمبڪٿو: (علحده) ليڪن هن جنهگل ۾ پرده دار عورت جو اچڻ راز کان خالي ڪين ٿو ڏسجي. هي تماشو ذرا اکي ڏسڻ گهرجي. (ونگ ۾ لڪڻ) (اندر عورت)

دلربا: گروجي ڊنڊوت.

جوڳي: سکي رهو، آنند رهو. چئو مائي، تنهنجي ڪهڙي اڇا آهي.

دلربا: مان هڪ مشڪل ڪم واسطي آئي آهيان، مهراج.

جوڳي: بيان ڪر احتياج.

دلربا: گروجي مان پنهنجي خاوندڪان تمام تنگ آهيان.

جوڳي: تنگ آهين، ته پوءِ ڇا گهرجي؟

دلربا: مهراج، مان اهو ٿي گهران، ته يا هن کان منهنجو پيڇو ڇٽي، نڪاح ٽٽي، يا ته وري هو اندو ٿئي.

ٿمبڪٿو: يا خدا هي ڪهڙو راز، هي ته آهي منهنجي بيبيءَ جو آواز.

جوڳي: مائي تنهنجو ڪهڙي محلي ۾ مڪان آهي؟

دلربا: لڪي در تي منهنجو مڪان عاليشان آهي.

ٿمبڪٿو: (ونگ مان اڙي لڪي در تي ته منهنجو گهر آهي، خدا يا هي ته سچ پچ منهنجي پياري دلربا آهي.)

جوڳي: تنهنجي خاوند جو نالو ؟

دلربا: هن موئي موتي، ڏنڍي ڏوتي کي سپ ٺمبڪٺو پنگ جو سوٽو ڪري سڏيندا آهن.

ٺمبڪٺو (ونگ مان): هان هان، پنگ جو سوٽوا بيھ، ته ڪپيانءِ ٿو چوٽو، بدڪار.

جوڳي: پلا مائي برقعو آتار.

(برقو لاهڻ)

ٺمبڪٺو: اڙي سچ پچ، هي ته آهي دلربا، مگر هي بي وفائي، خدايا هت ڪيئن آئي! ليڪن يار، منهنجي بيبي ته نهايت پاڪ دامن آهي. خدا منهنجي بيبي منهنجي سر تي سلامت رکي.

جوڳي: اي عورت نيڪبخت، اهو خاوند توکي پسند چو نه ٿو اچي.

دلربا: هن موئي جو رنگ، جهڙو دانگيءَ جو ڌرو. پيٽ وڏو وڙو، جهڙو پاڏيءَ جو گهڙو. مون کي پسند نٿو اچي. آءٌ ته هڪ ٻئي حسين، دل نشين جوان تي آهيان نثارا

جوڳي: انهيءَ جو نالو ڪر اظهار؟

دلربا: هن جاني، يوسف ثاني جو نالو آهي، پيارو وفادار.

ٺمبڪٺو (ونگ مان): اڙي وفادار ته هو پاڻ وارو ڪارو ڪتو هيو: هن ڪمبخت جو وري عاشق ڪيئن بڻيو. مون ته اڳيئي ٿي دانهون ڪيون، ته هي ڪو ٻه پيرو ڪتو گهر ۾ گهڙيو آهي. خير، خدا منهنجي بيبيءَ کي منهنجي سر تي سلامت رکي.

جوڳي: چا، پوءِ توکي هن جو رنگ پسند نہ ٿو اچي؟

دلربا: هو مٺو اهڙو موٽو آهي، جهڙو ڀنگــا گهوٽڻ جو سوٽو. مون کي پسند نہ ٿو اچي.

ٺمڪٺو (ونگ مان): بيشڪ ڀنگ گهوٽڻ جو سوٽو — سوٽوئي سهي، مگر صبر ڪر ٺمڪٺو، اچا هن نيڪبخت عورت جو جوهر کلڻ ڏي.

جوڳي: مون وٽ اهڙو منتر آهي، جو جيئن تنهنجي مرضي هجي، ائين هن کي بڻائي ڇڏيان؛ ليڪن نذراني ۾ توکي اهو هار ڏيڻو پوندو.

دلربا: بيشڪ، گروجي؛ هي سڀڪجهہ اوهان تان قربان آهي.

ٺمڪٺو (ونگــا مان): هان، هان، هن ۾ تنهنجو ڪهڙو نقصان آهي، ڏاڏي سائين جي فاتح، حلوائي جو دڪان آهي.

جوڳي: چڱو تہ مان هن کي ڪتو بڻائي ٿو ڇڏيان.

ٺمڪٺو: بيشڪ ڪتو بڻائينس؛ ڀلو بڻائينس. مون کي ماءُ-پيءُ انهيءَ واسطي ڇڏيو هيو.

دلربا: نہ، نہ، مهراج، ڪتو ٿي هو مون کي ڏاڙهيندو!

جوڳي: چڱو، تڏهن ٻيو ڪهڙو جانور بڻايانس؟

دلربا: مون کي ڀولو بڻائي ڏي.

جوڳي: ڀلا ڏيان ڏئي هي منتر سڪ.

(منتر) انتر منتر تنتر اکين تي ٻجو گهمنتر — ديوتا ڏيوڪل ڏنتال، سوامي سنتال، گرو گهنٽال، چونڪ چنڊال.
هن مٺي ماڻس کي بڻاءِ لنڪا جو لنگور يا ٻندر — انتر

منتر ڏنتر.

وڃ، پڇا، هينئر تنهنجو ڪارج ٿي ويو.

دلربا: واهه، گروجي واهه! هينئر جي هو باندر بڻجي ويو ته آءٌ کيس ڏوڙي ۾ ٻڌنديس، ڳلي ۾ گهنگهرو وجهنديس، ڏولڪي وڄائينديس، هن کي ناچ سيکاريندس، سلام ڪرائينديس ۽ چوندي وينديس: ڪيو ميان صاحب سلام! ڪيو ميان صاحب سلام!

ڏمبڙو (ونگـــــا مان نڪري): بيبي صاحب سلام! بيبي صاحب سلام! بيبي صاحب سلام! بيبي سلام!

(هڪڙو هڪڙيءَ ڳليءَ ڪان، ٻيو ٻيءَ ڳليءَ کان سلام ڪندا. (ٻئي ايگزٽ)

(اندر مهلقا)

گانو مهلقا:

داتا ننگي ننگ پال، لاڄ جڳت ۾ رک منهنجي مولا!
تو کي بقا آهي، ٻيو ڪل فاني، مايا مڏيون سڀ مال.
ڪرپا ڪرم ڪج پنهنجو ڪومولا، ٻيڪس تي جل جلال.
ڏينهن ڏکن جا ويٺي گذاريان، سورن جا هي سال.
"آغا" جي دل جو آن شاهد تون داتا، رک پردو دنيا ۾ ديال.

نباتي يار، ٻن همراه تو، اي جان ڪوئي ڪونه آ،
غمزده دل لئي ٻيو سامان ڪوئي ڪونه آ.
ٻئي جي مطلب لئي دنيا ۾ هرڪو نادان آ،
مگر لاءِ مطاب پانهنجي، نادان ڪوئي ڪونه آ.

'روپ آسا' طرز: "کيڏڻ دے دن چار."

زرينا: اي بانو، اڄ شايد تنهنجي مطلب جي چمن ۾ شادابي آهي.
مهلقا: بيشڪ، مگر اڃا ته دل نادان کي بيتابي آهي.
زرينا: ليڪن پياري، دل نادان، هي اسرار ڇا ڄاڻي.
جوڳي (علحدو): خدا يا هي عورت ذوراني، واقعي آهي دست قدرت جي نشاني.
جوڳي (مهلقا سان): ڪرين ڇو ٿي فرياد اي نيڪبخت،
ويو ٿي ڪو وارث هٿان تاج تخت.
جنهين لاءِ جهنگل ۾ نالان آن،
سگهو ڪر بيان ڪنهن جي خواهان آن.
مهلقا: خدا لڳا کروجي ڪو ڳوليو ڪتاب،
ٻڌايو ته جلدي هي تعبير خواب.
پر از خون ڏنم جام عالي جناب،
برادر ڪيو نوش منهنجي شتاب.
ذرا منهنجو طالع جو ڏس تون حساب،
جو آ دل کي شب زور هي اضطراب.
(جوڳي ڪتاب کولي ڊارو قيرائي ٿو)
جوڳي: قيرايو مون ڊارو اي عورت شفيق،
گهڻو آ تڪرار ڪيو هر طريق.
عمل پنهنجو پورو ڪيو آ قمر،
ستارو زحل جو اچي ٿو نظر.
نحوست ۾ تنهنجو ستارو ته آ،
وڌيڪ عالم الغيب ڄاڻي خدا.
اي نيڪ نام، گل اندام، تنهنجو ستارو ايترو قدر

گردشِ ايام ۾ آيو، جو آخر اچي موت جي زانئچي ۾ سمايو؛
قسمت پنهنجو ڪم رسايو.

مهلقا: نه وس ڪنهن جو آ، حرڪت هي قضا جي،
شڪر، جي آه مرضي هي خدا جي.

هاءِ پنهنجي قسمت جو سارو قصور چوان، يا فلڪ ڪج رفتار جو فتور چوان مون ميدان محبت ۾ قدم وڌايو، هي ستم سر تي سهايو، ناحق جيءَ جلايو.

بيت

رحم ڀي ڪجهه، ڪاءُ منهنجي حال تي تون اي قضا،
عمر ساري ڪين گهرجي، ظلم هي جورو جفا.

جوڳي: بچا الله ڪندو سڀ آساني آهي،
نا اميدي ڪم شيطاني آهي.

(ڀڃي ٽپي — ايگزٽ)

مهلقا: هاءِ قضا مون واسطي هي سزا پسند ڪئي،
اي بخت بيدار ٿي، تو چو اک بند ڪئي.

زرينا: پياري بانو، تقدير اڳيان ڪهڙي تدبير آهي، مگر صبر ڪرڻ روا آهي، اها هن درد جي دوا آهي.

مهلقا: عندليب زار، آءُ ممتاز، تون آن گلعزار؛
چونه توتان جان و دل سان، آءٌ ٿيان جانا نثار.
آءٌ هان قمري، سروُ تون آن، گل هان آءٌ، تون عندليب.
عاشق و معشوق ڪان آ، باغ خوبي جي بهار.

ڳانو

مهلقا: مثل لالاسان ڪٽي، اڄ داغ هجران تي وڃان.
خاڪ سرتي داغ دل تي، سينه بريان تي وڃان.

چونه روئندي بيڪسي، ميت تي اڄ بعد فنا،
بي ڪفن دنيا مان اڄ، افسوس جاڏان ٿي وڃان.
ٻاغ دنيا ۾ نه هوندي، سون جهڙي ڪا بد نصيب،
پر فضا گلزار مان، اڄ خالي دامان ٿي وڃان.
ٿي چڪو جو ڪجهه هيو، ”آغا“ منهنجي تقدير ۾،
نا اُميد افسوس جو آه پراز ارمان ٿي وڃان.
(ايگزٽ)

پردو يارهون

مڪان ٽمبڪٽو

انٽر ٽمبڪٽو ۽ ممو
(ٽمبڪٽو روئندو ٿو اچي)

ٽمبڪٽو: هاءِ خدا مس مس هڪڙي اُڌاري سڌاري، نيڪ طبع واري ٻيٻي عطا فرمائي، سا به گونگي ٿي پئي، سڀ ڪمائي ويئي اجائي.
ممو: مگر، حضور، هن شهر ۾ هڪڙو ڊاڪٽر مسٽر ڊيم فول صاحب، تازو لنڊن مان پارسل ٿي آيو آهي، علاج ۾ يڪتاءِ زمانه آهي. پير عبدالغلچو جي ناني ۽ جو قسم آهي ته حڪمت ۾ لقمان جو ڏاڏو، بقراط جو بابو، ۽ سقراط جو سڳو سالو آهي. انهيءَ کي طلب فرمايو، علاج شروع

ڪرايو- دوا اندر، دم پاهر نہ ٿئي، تہ بيبي بندي ڪان پرايو.

ٺمبڪڻو: بابا، اهڙا ڊاڪٽر تہ اڄڪلهہ ٽڪي ٽيھہ ٽي پيا آهن، پليگ يا سرءَ جي ڏينهن ۾ اگرچ مهانگا ٿيندا آهن، تہ بہ پيسي پنج پيا نيلام ٿين. في الحال تہ اسان کي ڪنهن يوناني حڪيم جو علاج ڪرائڻو آهي، جي اهڙي رسائي آهي، تہ دير اجائي آهي.

(ممو، وفادار کي حڪيم جي لباس ۾ وٺي اچي ٿو)

ٺمبڪڻو: حڪيم صاحب سلام!

حڪيم: سلام، اي نيڪ نام، خوش رهو — مرو تہ منهنجي دوا سان مرو. اگر جنت جي اسپتال ۾ جاءِ نہ مليؤ تہ جهنم جي شفاخاني ۾ جڳهہ پايو.

ٺمبڪڻو: حڪيم صاحب، منهنجي بيبي ٽن ڏينهن کان گونگي ٿي پئي آهي، ان جو اوهان وٽ ڪو علاج آهي؟

حڪيم: واه، چو نہ! آءٌ تہ گهران ٿو تہ خدا ڪري اوهان جو سارو گهرٻار بيمار ٿئي تہ آءٌ علاج ڪيان.

ٺمبڪڻو: اڙي ممو جلد وڃي پياري دلربا کي وٺي اچ، پر ڌسجانءِ متان رستي ٿي پاٺ ۾ ڳالهايو.

(ممو دلربا کي وٺي اچي ٿو)

حڪيم: ڪيئن، پياري! مزاج ڏاڍهون تہ عافيت آهي؟

ٺمبڪڻو: اڙي، هي چا ٿو ڪرين شيطان!

حڪيم: علاج ٿو ڪيان نادان- اي عورت، تنهنجو ڪهڙو حال آهي؟

دلربا: اين اين، اون اون!

حڪيم: واه، عجب سرگم دريت ٻڌوسون.

دلربا: بي بي، آن آن!

حڪيم: هي وري پيو، ڊيپڪ شيپڪ ڏٿو.

ٺمبڪڻو: حڪيم صاحب هي غريب ڪيئن جواب ڏيندي، هن جي زبان ته بند آهي.

حڪيم: زبان بند اٿس ته، رڳو ايترو ڪٿي چوي ته آءٌ گونگي آهيان.

ٺمبڪڻو: اوهان مذاق ڇڏيو، مهرباني ڪري ڪو نسخو لکي ڏيو.

حڪيم (عليحده): اي منهنجا ڪوري ٻاٻا سائين، تون ته ساري عمر تاڻي آڏي تي وئين فوت، هيئنر علاج جا ڍڪايان، موت! خير، هيئنر ڪو گپڙ شپڙ جو مصالح ڳنڍي ڪم ته ڪڍي وڃي.

(ٺمبڪڻو سان): ڏس، هيئنر آءٌ دوائن جا نالا ولندو ٿو وڃان، تون لکندو وڃ. پوءِ جيئن آءٌ سمجهايانءِ ائين ڪج.

نسخو

روغن ريوند چيني	چوني جو تيل	ڪنواري ڇهرڪي جو کير
ساڍا ٽيرهن پاءُ	پنج پاءُ	ڏيڍ سير
ماڪوڙن جو مُت	آسمان جا چوڏا	ڦٽ ٻڇي جو ٻج
ڏيڍ پاءُ	٧ سير	١٤ داڻا
چمڙن جا کر	ٽيڻيهر جا ڏَٽ	ڪَل مُرو جا پن
٤ عدد	٣ کن	٦ چڙا

انهن سڀني دوائن کي ڪٽي، ڇاڻي، هڪ ٽين گاسليٽ

ولي ان ۾ چرب ڪري، معجون مقوي ٺهايو. پوءِ صبح شام سير ڪن انهيءَ مان نوش جان ڪرايوس. اميد ته آچر ڪان اڳـا سيڪيجهه صفا چٽ ٿي ويندو. هن دوا جو نالو آهي: معجون ”دافع عمر“!

ٺمبڪٽو (ممو سان): انهيءَ نالي جو مطلب ڇا آهي؟

ممو: جناب، يعني مرض عمر پير دفع.

حڪيم: جي مرض نه، ته مريض ته ضرور عمر پير دفع ٿيندو. هينئر اوهان دوائن جي تلاش ۾ وڃو تا، تيسين آءٌ مريض جي چڪاس ولي ڇڏيان.!

ٺمبڪٽو: هان، هان! بيشڪ وٺينس، خوب وٺينس!
(ٺمبڪٽو، ممو-ايگزٽ)

حڪيم (دلربا سان): پياري هينئر ته طلب جي طبيبن ڪان دل جو مرض نه ڇپاءِ، ٻاڪر پاءِ، ڇاتي ڇاتي سان ملاءِ.
(وفادار حڪيم جو لباس لاهي ٿو)

دلربا: هان! ڪير، منهنجو پيارو يار وفادار. (ٻاڪر پائڻ)

گانو

ڪيو قاتل آ دل تي نگاهن جو آواز- آءٌ نثار، آءٌ نثار!
پيا پياري، آ پريم جي ماري ڪٺاري- آءٌ جاذان ٿيان ٻلهاري!
تو تان واري- سونهين سر تـي ڊپٽو گلنار،
منهنجي جوبن جي جاني آ- آئي بـهار.
ڪير ڏسي پيا بن سينگار- گلي لاءِ-نين ملايو- وڃان آءٌ نثار.

ٺمبڪٽو: (اندران ڇڪ ٿو ڏئي)

وفادار: هان، هي ڇڪ ڪنهن ڏني؟

دلربا: پيارا منهنجي ڪتي کي زڪام ٿي پيو آهي.
(اندر ڏمبڪڙو)

ڏمبڪڙو: هان، هي بي وفائي، هي ڪهڙي ڪاروائي،
چڱو علاج ڏو ٿئي، پلا بيهه ته تنهنجي اهڙي ڏهڙي.
(ڏمبڪڙو وفادار کي پڪڙي ماري ڏو ۽ رڙيون ڪري
ٿو، دلربا ڏمبڪڙو کي ماري ٿي.)

(ٽيئي ايگزٽ)

پردو ٻارهون

جهنگل ٻوٽيون

(اندر مهلقا، ۽ جميل)

(جميل جو مهلقا کي پٽ تي ڪيرائڻ)

مهلقا: هاءِ، منهنجا دلبند ٻاءُ مون کي هت ڪهڙي رضا آندو آهي؟

جميل: مون نه آندو آهي، تو کي قضا آندو آهي جلد تيار ٿيءُ، تو کي هينئر هلڻو آهي.

مهلقا: ڪيڏانهن؟

جميل: اصلوڪي گهر ڏانهن.

مهلقا: هاءِ، تنهنجي هي ظالمانا گفتگو منهنجي سمجهه ۾ نٿي اچي، مگر پيارا ٻاءُ، تنهنجون اکيون ڇو لعل ۽ اداس آهن.

جميل: او ڪمبخت بدڪار، تنهنجي خون جون

پياسي آهن. هيءَ چري توکي عمر تائين خاموش ڪندي،
قيامت تائين تو کي وري آڻڻ جو موقعو نه ڏيندي.

مهلقا: سبب؟

جميل: بي سبب.

مهلقا: قصور؟

جميل: بي قصور.

مهلقا: ڪهڙو جرم، ڪهڙي خطا؟

جميل: او بيحيا، اڃا تائين نه ٿي معلوم خطا، جنهن لاءِ هيئنر ملڻي تي سزا. تون بدڪار ۽ بيباڪ عورت آن.

مهلقا: خدا شاهد آهي، آءٌ الفت ۾ پاڪ هان، اهو اوهان جو فرمائڻ فضول آهي جي، اهو خيال آهي ته زير تلوار قتڪي ساهه ڏيڻ قبول آهي.

يا رب تون محبت ۾ مون کي صبر سدا ڏي،
رخ آه بتن جو ته صفا جور و جفا ڏي.

ڳائو

* مهلقا: هاءِ، هن گردشِ ايام تي افسوس، افسوس!
هاءِ، هن محنت و آرام تي افسوس، افسوس!
هاءِ، عصمت کي منهنجي خواه مخواه هي داغ لڳو،
هاءِ، هن ناحقي الزام تي افسوس، افسوس!
هاءِ، تقدير ڪان ڇا بات بري آئي پيش،
هاءِ، هن حالت بدنام تي افسوس، افسوس!
هاءِ، آءٌ گهر جي نه تيس، گهاٽ جي توبهه توبهه،
هاءِ، الفت جي هن انجام تي افسوس، افسوس!

---

* طرز: ”اي فلڪ تو نے ستم هائے غضب ڪيسا ڪيا“.

جميل: توکي بدڪاري جو داغ دامنگير آ،
اهائي اي شرير تنهنجي تقصير آ،
جنهن واسطي موت تدبير آ.

مهلقا: آءٌ آهيان پاڪ، منهنجو شان رهي يا نه رهي، دم رهي، جان رهي، يا نه رهي؛ آءٌ رهان، نه رهان، ارمان رهي يا نه رهي.

جميل: خير، منهنجو تنهنجي پاڪائيءَ سان ڇا؟ آءٌ آهيان زر جو طالب. نيڪ ۽ بد جي پڇاڻ رهي، يا نه رهي، دين ويندو رهي، ايمان رهي، يا نه رهي.

مهلقا: آءٌ ته آهيان بي جرم، بي قصور.

جميل: مون کي ته آهي زر جو ضرور، اهوئي آهي دنيا جو دستور.

مهلقا: سچ هي دنيا مڪاري آهي، ڀاءُ کي اڄ ڀيڻ کان زرپياري آهي، نه ٿي گهنگار، اوستمگر. برادر خدا ڪر، خدا ڪر، خدا ڪر، خدا ڪر.

جميل: خير، آءٌ خود آهيان گنگهار، توکي منهنجي گناهه سان ڪهڙو سروڪار.

مهلقا: ٻئي کي گنهگار بنائڻ وارو خود گنهگار ٿئي ٿو، جهنم جو سزاوار ٿئي ٿو.

ظالم کي هن جهان ۾ عزت نٿي ملي،
سڀ ملي ٿو، ايمان جي دولت نٿي ملي.

جميل: نفس تي جي قابو ٿئي ها، ته فرشتو هربشر ٿئي ها.

مهلقا: منهنجي ته هن وقت تائين آهي پروردگار عصمت بچائي، جو ڪنهن بدڪار جي قندي ۾ نه آئي.

جميل: تنهنجو ڪٿي ڪهڙو به حال آ، پر مون کي ته سچ پچ زر جوئي خيال آ، زر جي لاءِ ڪندس هي ظلم بيشڪ.
مهلقا: تنهنجي حق ۾ برائي آ.
جميل: آ آڙائيندس تنهنجو سر.
مهلقا: پيارا پيءُ مون گردن جهڪائي آ.
جميل: آءٌ ڪنهن جو پيءُ ڪين آهيان، آءٌ زر جو هان طالب.
مهلقا: ڪجهه ڏيان ڪر توتي شيطان آ غالب.

بيت

مهلقا: (علحدو) اي باد ِصبا يار کي وڃ جلد ڏئي پيام،
تقدير ڪيو اي مٺا، منهنجو هتي مقام.
(جميل سان) اي جميل جي پنهنجي ڌيءُ جو ناحق خون ڪندين ته حشر ۾ شرمنده پيش خدا ٿيندين، توکي ڇا ملندو جو ڪرين ٿو قهر.
جميل: زر، زر، زر، زر.
مهلقا: ڇا توکي ڌيءُ کان زياده زر سان پيار آهي؟
جميل: بيشڪ، زر سان ئي زماني جو ڪاروبار آهي!
مهلقا: پيارا پيءُ، ماتا اڳيان ڪهڙو جواب ڏيندين، جڏهن هوءَ توکان هن مظلوم، بيڪس، جگر جي ٽڪر جو احوال پڇندي؟
جميل: بس، حجت تمام، هينئر پنهنجو سر جهڪاءِ جلدي.
مهلقا: جهڪايو آهي روڻ سر، تون محبت جو جهڳڙو چڪاءِ جلدي.

جميل: (پٽ تي آڇلائي) هينئر تنهنجو ڪير مدد گار آهي؟
مهلقا: پاڪ پروردگار آهي!
جميل: آرزو دل ۾ تنهنجي ڪائي باقي آهي؟
مهلقا: آرزو ڪجهه ناهي، هينئر موت جي مشتاقي آهي.
جميل: ڪنهن سان ملڻ جو ارمان آ؟
مهلقا: ملڪالموت جو ڌيان آ.
جميل: هينئر ڇا ڪائيند ڏينءَ؟
مهلقا: شربتِ موت.
جميل: دل ۾ جو ارمان اٿئي اظهار ڪر!
مهلقا: ڪجهه ناهي تون خنجر تيار ڪر.

بيت

راضي هان مون جو ڪجهه منجهه قضا آ.
ظالم اگر بشر آ، ته عادل منهنجو خدا آ.
(قاسي گلي ۾ وجهڻ)

مهلقا: هاءِ، مئي مادر، مون کي ڪهڙين اميدن سان پاليو هيو. منهنجي نصيب ۾ هي پريشاني رکي هئي، منهنجي لوح ۾ هي بدنامي لکي هئي. پيارا ڀاءُ، ڇا منهنجي پيار جو اڄ هي حق آدا ڪرين ڏو؟ برائي خدا، هن پنهنجي ذئي گلستان کي بادِ بهاري کان اڳ برباد نه ڪر، اهڙو بيداد نه ڪر، اي جميل، هن بيڪس ڀيڻ جي حقير حال تي رحم ڪر، خدا توتي رحم فرمائيندو. رحم، رحم او جميل رحم!
جميل: مون کي زر سان پيار آهي، خدا رحم ڪري، يا نه ڪري، تنهنجي اجل جو ٻيڙو تيار آهي، خدا ڪرم

ڪري، يا نہ ڪري.

مهلقا: هاءِ، دنيا جو خون سفيد ٿي ويو، اي پياري ماتا، اڄ هن دک جي مسائي، غم جي ستائي، پنهنجي ڄائي، بيڪس مهلقا جو هي پريشان حال تہ اچي ڏس. گلي ۾ ڦاسي آهي، پاءِ ڀيڻ جي خون جو پياسي آهي.

اي رات جا چمڪندڙ تارؤ، هي پوشاڪ زريني اُتاريو، هي ماتمي لباس پاڻ تي سنواريو. جلد منهي ممتاز کي ٻڌايو تہ تنهنجي مهلقا، تنهنجي ڪاڻ ڪسڻ جي لائق ٿي، اڄ اجل جي جام پيڻ جي شائق ٿي.

جميل: (علحدو) ڪهڙي نہ جگر سوز تقرير آ، جنهن جي لفظ لفظ ۾ تاثير آ.

مهلقا: منهنجا چڱا پاءَ، ياد ڪر جو جڏهن توکي سر ۾ درد پوندو هيو، تڏهن هنن نازڪ هٿن سان توکي زور ڏيندي هيس ۽ هي نماڻا نيڻ تنهنجي تڪليف ڏسي زار زار ڪري، بهاز وانگر برسندا هئا. هي گردن جنهن کي گهڻن تائين تون پنهنجي گود ۾ رکي، پيار سان چميون ڏيندو هئين، ۽ جنهن ۾ پنهجن هٿن سان خوش رنگ گلن جا هار وجهندو هيئن. ڇا، اُف! آهي ساڳيا هٿ اڄ انهيءَ نازڪ گردن تي ڇري وهائڻ واسطي تيار آهن.

جميل: (علحدو) آه، هي نازڪ شيشو پٿر کي چڪنا چور ڪري رهيو آهي، دل هن جي منڙين منڙين ٻولين سان نرم ضرور ٿيندي، رحم جي طرف مجبور ٿيندي. او بيوقوف دل سنڀال. سنڀال، ڇو ڏڪين ٿي، تڙپين ٿي، لرزين ٿي. ڇا تون پنهنجي ماناسي آواز سان ستل رحم

کي سجاڳ ڪندين. نه، نه، پٿر تي. او بزدل ٻڌائڻ وارا روح، همت، دور ٿي، دور ٿي، اي خوني ديوتا مون کي همت ڏي، جلد ٿي.

مهلقا: جن الفت ۾ خلاص پرين اکين ۾ منا پاءِ سرمون وجهندو هئين، انهن تي گهڙي دم ۾ گور جي سياهي ڇانئي ويندي، ۽ موت جي ننڊ غالب ٿيندي، ۽ تون سنگدل تي پيو ڏسندين، ڇا هي تو کان سٺو ويندو. نه، نه، هرگز نه. ضرور فرشتا تنهنجي دل ۾ دخل ڪندا.

جميل: اي اجل گرفته، ڀلا هينئر ڇا جي طلبگار آهين؟

مهلقا: رحم، مروت.

جميل: اي نادان، بدڪار عورت، جميل جي مروت جو خيال صاف ڇوڙ، چراغ تي، هوا سان نه رشتو جوڙ. تنهنجي خون جي تيغ تر ڪرڻ جو قسم کاڌو آهي.

مهلقا: بري ڪم واسطي قسم کائڻ هي به هڪڙي قسم جي برائي آهي (جميل رسيءَ سان هٿ ٿو ٻڌيس ۽ ڦاسي سخت ٿو ڪري).

مهلقا: نه، نه، پيارا پاءِ، مون کي رسي نه ٻڌ، ڀل مون تي ڇريءَ جو وار ڪر، سر تن کان ڌار ڪر، آءٌ هرگز دانهن فرياد نه ڪندس، آءٌ صبر سان هي سڀ ستم سرتي سهنديس.

جميل: بس، خاموش، صبر،

مهلقا: آءٌ چرندس به نه ۽ تو ڏانهن غصي سان ب، نه ڏسندس. تون ڏک ڏيندين، آءٌ معاف ڪندس.

جميل (ڦاسي طرف وڌڻ): بس، جلد تيار ٿي.

مهلقا: ڇا، ڪوئي چارو نا هي؟

جميل: ڪوئي نا هي.
مهلقا: ڪجهه؟
جميل: ڪجهه به نه.

گانو مهلقا:

* تمنا سڙ گلشن جي، اڙي صياد باقي آ،
نڪر قيد قفس بلبل، اِها فرياد باقي آ.
بهاري جونه غنچه هيئن، هتن سان ٿو ڙاي ظالم،
دنيا ۾ چند روز هي چمن آباد باقي آ.
لهو دامن ڪان تو ڌوتو، وليڪن حشر تڪ قاتل،
تنهنجي گردن ۾ منهنجو خون، اي جلاد باقي آ.
خدا حافظ آاي "آغا"، چراغ زندگاني جو،
گهڙيءَ دم هي دنيا ۾، اڄ دل ناشاد باقي آ.

زباني: اي موت توکي مبارڪ هجي، توکي چڱو حيلو هٿ آيو، مون پنهنجو مطلب وڃايو، قضا تو ڪم رسايو. افسوس، مون کي معلوم ڪين هيو، ته تو جهڙو جميل بيدرد، ظالم، سنگدل پاڻ، ملندو، افسوس!

جميل، بس، خاموش، تو صبر ڪرڻ جو واعدو ڪيو آهي، صبر ڪر.

مهلقا: بيشڪ، اي جميل مون کي پنهنجي موت جو خيال ڪين آهي، صرف اهو ملال آهي، ته محشر ۾ توکي پيارا پاڻ هن خون جي سزا وار نه ڏسان، جهنم جي عذاب ۾ شل گرفتار نه ڏسان.

---

* 'پيروي' طرز: "ڪهو بلبل ڪو ليجا وے چمن سے آشيان اپنا."

مگر، ڀڪ چاڻ ته آئي به تنهنجي مظلوم بيڪس ڀيڻ جي زبان تنهنجي واسطي سفارش ڪندي. هيءَ آلفت ڀري دل تنهنجي پر تقصير حال تي فرياد زاري ڪندي.

جميل (علحدو): او مجنون، قيس، جو خون، پياري. بيگناه همشيره جو خون، دل جو خون، جگر جو خون. آف، ڇا!

مان پنهنجي بي تقصير ڀيڻ کي هنن بيقصور هٿن سان ماريان. اهڙي عيش عشرت جي گود ۾ پليل نازڪ گل اندام تصوير جو خون، ناحق زمين تي هاريان، هن دنيا ڪتي جي واسطي. مگر افسوس، آءٌ ڏسان ڏو ته هن دنيا جي طرف ته دل للچائڻ تي لڳي. ڏسان ٿو هن بيقصور ڀيڻ جي طرف ته خون جوش ۾ ٿو اچي.

(مٿي ڏسڻ)

آها، ها، آسمان تي هڪ شفق نظر ٿي اچي، نه، نه، هي شفق ناهي، آسمان مان رحم جا فرشتا خوني لباس ۾ پنهنجو رخ ڏيکاري رهيا آهن. اي آسماني فرشتو، ذرا پنهنجو منهن هن سياه فلڪ جي پردي ۾ لڪايو. اي انڌيري رات جا روشن ستارؤ، اوهان به ابر جي آغوش ۾ پاڻ ڇپايو، ڇپايو! جيسين هن معصوم جو قصو تمام ٿئي. اي اک نه رو، اي دل نه گهبراءِ، مگر، آه! هي چراغ (اشارو چراغ ڏي) جو هن وقت روشن ٿو ڏسان، اگر گل ڪندس ته وري به روشن ڪري سگهندس، مگر (اشارو مهلقا ڏي) اي بزم حيات جي جان سوز شمع، اگر تو کي وسائيندس، ته تنهنجي وري روشن ڪرڻ جي اميد دل ۾

قيامت تائين نه پائيندس، مگر افسوس، مون کي دنيا پياري نظر ٿي اچي. هن کي مان مارڻ (زور سان) ها ها، آف! زمين تڙپي ٿي، فلڪ لرزي ٿو. اي آسمان تون پلٽ، زمين هٽ. اي رحمدل فرشتؤ ذرا منهن ڇپايو، لڪايو ماريندس هرگز نه ڇڏيندس.

(قاسي ڏئي، قاسيءَ جي طرف اشارو ڪري ٻيهي ٿو)

مهلقا (ڦٽڪڻ وقت): رحم، رحم، رحم، او ظالم رحم!

(مهلقا جو ڦٽڪڻ ۽ سندس سهيلين جو ڳائيندي اچڻ)

ڳائو

سهيليون: هاوڏسون، هاوڏسون، هاوڏسون، حقيقت ساري،
ڪير ڪري ٿو، هي آه و زاري.
چو آئين پياري ٻن ۾،
چا سوچ ڪئي تو من ۾،
ڪائي جان آ، باقي تن ۾.
پئي بيڪس آ لاچاري — ڪير ڪري ٿو.

(ڊراپ سين)

باب ٻيو

پردو پھريون

مڪان ٽمبڪٽو

(انٽر دلربا)

گاڏو دلربا:

* واه منهنجي ڇوٽي جوبن جي بهار،
آءٌ ته آهيان رنگيلي رسيلي نار.
پر دل اداس آ، نه پيسو پاس آ،
شوهر کان آهيان بيزار.
پنهنجي نازڪ بدن تان پنهنجي
ڇوٽي جوبن تان
انهيءَ مٺي کي ڪريان نثار.
آءٌ بيزار، آءٌ بيزار ڪيان وار وار،
جڏهن نڪري هي دل جو ٻخار.
(ٽمبڪٽو جو ونگ پر اڪي پڏڻ
ڙهاڏي)

دلربا: صورت گوري، نصيب ڪارو. اهڙي منحوس

* ٺمري— طرز: "واه ميري ڇوٽي جوبن ڪي بهار....."

جي پالي پيس جو ڪمائڻ لاءِ چؤ ته ڪري ڏو حيلو حوالو، مري به نڌو مڻو رزالو. سارو ڏينهن ويٺو چارپائي ٽوڙي ڏو، مفت جون مانيون مروڙي ڏو. خير، ڪالهه جيڪو جوڳي صاحب منتر سيکاريو هو، آهو ياد آهي، اڄ ضرور پڙهي هن مئي کي لنڪا جو لنگور بڻائيندس ۽ سارو ڏينهن هن کوهلي کي سلام ڪرائيندس ۽ چوندس "ڪيو ميان صاحب سلام. ڪيو ميان صاحب سلام."

ڏمبڪنو: بيبي صاحب سلام. بيبي صاحب سلام، نيڪ بيبي سلام. مگر پڌاءِ ته اڄا ڪيترين دعائون ڪندينءَ، سڀ اڄ ختم ڪندينءَ يا ڪجهه سڀاڻ واسطي به ڊپازٽ رکندينءَ؟ هاڻي هي ڪهڙو آهي گڙبڙ گهٽالو، پڌاءِ؟ منهنجي بابي جي خالو يا عاشقن جي ديگڙي جو گرما گرم مصالو.

دلربا: ميان آءٌ چوان ٿي، ڪٿي ڀئي هند نوڪري جو نه ڏو ڪرين، جو ناحق بکن ۾ ڏو مرين. پڌو نه اٿئي ته ڪر مزوري، ڪاٽ چوري.

ڏمبڪنو: چا، بي چوڪري ڪيان، پلا آها ڪيترن ورهين جي آهي.

دلربا: مئا چوڪري نه، ذوڪري.

ڏميڪنو: واه خوب، نوڪري. چا ڪوئي منهنجي بابي جو نوڪر آهي، جو سون کي ذوڪري ڏيندو. بيبي، اگي ذوڪري هئي، نوڪري، هينئر نوڪري آهي ڏوڪريءَ وڏي نوڪري ته وجهه جهنم ۾. هينئر اگر جتين صاف ڪرڻ جي نوڪري يا گهوڙي جي سئيسي ڪٽي گهر، ته چون ڏا بي. اي. ڪلاس يا ايم. اي. جو سرٽيفڪٽ پيش ڪر.

دلربا: پوءِ آخر ڪهڙو خيال آهي؟

ڏمبڪنو: مان تہ ٻيئي اڪيلا، هڪ حڪيم صاحب ڪان ڪيميا سکي رهيو آهيان.

دلربا: ڪيميا وري ڪهڙي چيز آهي؟

ڏمبڪنو: هي بہ هڪ دنيا ڪمائڻ جي تجويز آهي.

(ڳائو ڏمبڪنو ۽ دلربا)

ڏمبڪنو: توڏان وڃان آءُ نثار ري— توکي ناهي شرم، ها.

ڏمبڪنو: منهنجي آ صورت،

دلربا: آلــو جــي مورت.

ڏمبڪنو: مان هان گلي گلزاري، توکي ناهي شرم، ها

ڏمبڪنو: آ تہ هان اختر،

دلربا: مـــثـــل بـــنـــدر.

ڏمبڪنو: تنهنجي گلي جو هار ري— توکي ناهي شرم، ها.

(دلربا ايگزٽ)

ڏمبڪنو: واه واه، ڇا گردش روزگار آهي، شان پروردگار آهي، پهلوءِ گل ۾ خار آهي، عورت تي ڪهڙو اعتبار آهي، جنهن جي بغل ۾ آهي، تنهن جي يار آهي.

زاغ جي چهنب ۾ انگور، خدا جي قدرت،
پهلوءِ حور ۾ لنگور، خدا جي قدرت!

واه ڙي، واه. مون کي ڪهڙي نہ نيڪ خيال ٻيبي ملي آهي، خدا ڪري شل اهڙي ٻيبي سڀڪنهن کي ملي. آمين! ڀلا ٻيهہ تہ سهي تنهنجي اهڙي تهڙي، تنهنجو گرم حلوه ڏو پچايان، جناب اعليٰ طبع جو تند آهيان، تمام هنرمند آهيان، خام خردمند آهيان، دنيا جي گولي جو

ڪوسو ڪمربند آهيان. مطلب ته ڪيترن قسمن جا هنر ڄاڻان ٿو: جعلي نوٽ به ٺاهيان ٿو، مگر هن ڪمبخت بدڪار عورت کان البت تنگ آهيان، مون هزارن کي وڏي گهر (جيل) پڄايو، پر هي پوپٽ زادي مون کي به خدا جي گهر (قبرستان) پڄائي ٿي. خير انهيءَ جي تدبير ڪرڻ ضروري آهي، جان جي حفاظت خدا جي منظوري آهي.

(اندر دلربا)

دلربا: مٺا مشتنڊا پتنگ گهوڙن جا ڏنڊا، ڪجهه، کائڻ لاءِ آڻين ٿو يا اٿي بيٺو ميون جهرڪيون اڏائين ٿو. شايد تنهنجي اڄ وري موچڙن کائڻ تي مرضي ٿي آهي.

ڏمبڪٿو: اڄهو وري به اهوئي بيهود و جهڳڙو رڳڙو- هان، ڏس هي پنجن سون رپين جو نوٽ ا هينئر بازار ۾ وڃان ٿو سيڪجهه حاضرسرڪارڪيان ٿو. دلجاءِ ڪر.

دلربا: ميان ذرا نوٽ مون کي به ته ڏيکار.

ڏمبڪٿو: بس پريان ڏس، هٿ نه لڳاءِ.

(دلربا نوٽ کسي)

دلربا: بس جائو ننڍي ننڍي هوا کائو، چلتے ڦرتے نظر آئو. واپس گهر نه اچو، چڪلن ۾ وڃي نچو، نچي نچي مچو، اوري ايندين ته کائيندي پساڻ ڪچو.

ڏمبڪٿو: ڏس، مائي آءٌ آهيان مرد سپاهي، تمام جلدي غصي ۾ اچڻ وارو. بهتر آهي ته پنهنجي روح جي ريل گاڏيءَ کي منهنجي طوفان غضب کان بچاءِ.

دلربا: ميان منهنجي به اندر جي انجڻ ۾ غصي جي اسٽيم تمام تيز ٿيندي ٿي وڃي.

ٽمبڪٽو: ڏسجانءِ، موت جي اسٽيشن تي ٽنهنجي گاڏي ٽڪرندي.
دلربا: ته ڇا تو خدا جي گنج جي ٽڪيٽ ورتي آهي؟
ٽمبڪٽو: مون لائنڪلير ڏنو آهي، هينئر ڇاڻ ٽنهنجو ڪوچ ٿيو.
دلربا: هل هل، مئا مردود؛ شيطان جا ساٿي نمرود. مئو ڪوگند جو گاڏو آهي، رستم آ، يا رستم جو ڏاڏو آهي.
ٽمبڪٽو: مون کي نٿي سڃاڻين، آءٌ ڪالي ديؤ جو سڳو پيٽيوو آهيان.
دلربا: ته آءٌ به لعل ديو جي ماٽيلي سس آهي.
ٽمبڪٽو: ته ڇا ڪشتي لڙندين، ماٺ ڪري وڙهندينءَ. ڏس ٻيبي ذوت واپس ڪر، نه ته موچڙن سان ڪوپريءَ مان ڪچوڏبر ڪڍندو سانءِ.
دلربا: هل هل مئا ماريام ڏاڙهيءَ ڪوڙيا، تون هڪ چوندين ته آءٌ ڏه ٻڌائيندي يسانءِ.
ٽمبڪٽو: اها ڳالهه آهي ته ڏس ٻلا، اڙي منهنجي قبلہ گاه جا غصا جلد آءُ، ته ڪيان هن جي ڪوپري مان ڪارو واءُ.
دلربا: اڙي مئا چمار، پيءُ ته ٽنهنجو مري ويو آهي، پنهنجي ماءُ کي پڪار.
ٽمبڪٽو: شيطان جي ناني، نٿي ڇڏين بدزباني— پياري ڏس ڪنهن بلا ۾ ڦاسي ويندينءَ.
دلربا: مون کي ڦاسائڻ وارو پاڻ آفت ۾ ڦاسي ويندو.
ٽمبڪٽو: ڏس پياري، مچي وڃ، پڇتائيندينءَ.

دلربا: منهنجي ڀلا پڇتائيندي. هينئر ته بندي خوب عيش آڏائيندي.

ڏمبڪنو: خدا خدا ڪري اڄ مس مس موقعو هٿ آيو، جا پاڻ کي منهنجي ڏاڏي سمجهندي هئي. تنهنجو به اڄ آءٌ پرڏاڏو بڻجي ويس ـــ بس هينئر ڪئهن کي نوٽ ڏيکاريائين ته پاڻ تي آفت ناگهاني آڻاريائين.

(دلربا ايگزٽ)

گاڏو ڏمبڪنو:

*آءٌ خنجر زهري پالو هان، آءٌ مرد صفا متوالو هان،
رڳڙي جهڳڙي جي هنڌي جو. آءٌ گرما گرم مصالو هان.
رمزن جي آءٌ ريل گاڏي جو، انڌر ميجٽ گاڏو هان.
حرڪت، شرڪت، حڪمت ۾ آءٌ شيطان جو پيءُ ڏاڏو هان.

او هان مون کي مار سمجهو، اچن جو سردار سمجهو،
دنيا جو آزار سمجهو، شيطان جو يار سمجهو.

(سپاهي دلربا کي گرفتار ڪري اچن ٿا)

فوجدار: ڪيئن او ملعون هي نوٽ جو ڪهڙو معاملو آهي؟

ڏمبڪنو: هان حضور، منهنجو ڪوٽ ذرا شڪم شريف (حضرت پيٽ) جي ڏوڪڙن کان ڦاٽي پيو آهي، ڪمبخت درزي به سبي نٿو ڏئي.

فوجدار: او بدمعاش، صاف جواب ڏي، هي نوٽ تنهنجو آهي يا نه؟

* طرز: "مين آفت کا پرکالا هون"

ٿمبڪنو: فوجدار صاحب ذوت کهڙي جهنگل جي جانور جو نالو آهي، مون کي اها اوهان جي پليسي گپڙ شپڙ سمجهه ۾ نه ٿي اچي.

فوجدار: هي عورت هڪ مصنوعي نوٽ بازار ۾ وڪڻڻ آئي، گرفتاريءَ بعد ظاهر ڪيائين ته ٿمبڪنو منهنجو خاوند آهي جنهن مون کي هي نوٽ ڏنو آهي.

ٿمبڪنو: اڙي توبهه توبهه ڪيو، هي ته منهنجي سڳي ذاتي آهي، اها هن جي صاف بي‌ايماني آهي، توبهه، توبهه، الله توبهه!

دلربا: منهنجا ميان، ڇا هي نوٽ تو مون کي ڪين ڏنو هيو.

ٿمبڪنو: اڙي گلي‌پڙو عورت، توبهه ڪر، عقل ڪر! آءٌ ته توکي ڄاڻان به ڪين سڃاڻان به ڪين.

(علحدو) ڪيئن يارو— خوب لکو وارو.

دلربا: هَي هَي، ڇا تون منهنجي خاوند ٿيڻ ۾ به انڪار ڪرين ٿو.

ٿمبڪنو: آءٌ ته توکي پنهنجي ماءُ جي برابر سمجهان ٿو. متان مائي پلي هجين، غور سان ڏس، غور سان ڏس.

(علحدو) ڪيئن يارو اهڙي بدڪار لاءِ اها سزا ڪافي آهي يا نه.

دلربا: منهنجا پيارا ميان، منهنجو قصور معاف ڪر، دل صاف ڪر. مون توبهه ڪئي، مون کي ته تون چاهيندو هئين، جان کان زياده.

ٿمبڪنو: مگر ڪوئي نه آهي ايمان کان زياده.

دلربا: واه ٺنهنجو عشق و محبت جاني بيوفا.
ٺمبڪٺو: هاءِ ٺنهنجي لن تراني، بي ايماني بيوفا،
دلربا: سون کي ٺنهنجي آلفت جو هينئر به اقرار آهي.
ٺمبڪٺو: ليڪن سون کي صاف صاف انڪار آهي.
دلربا: هاءِ، او بيوفا، ٺنهنجي هن ظلم منهنجي دل ۾ ناسور وجهي ڇڏيو آهي.
ٺمبڪٺو (علحدو): توبهه، ڪالهه منهنجي گهر ۾ فتور وجهي ڇڏيو — قتل الموذي، قبل الايذا.
دلربا: هاءِ، منهنجو پيارا.
ٺمبڪٺو: ڪٿي اٿئي اهو يار وفادار (ڪارو ڪتو).
فوجدار: تڏهن تون هن جي خاوند ٿيڻ کان صاف انڪاري آهين.
ٺمبڪٺو: هيءَ ته منهنجي پيءَ جي ڌيءَ لڳي، الله الله ڪيو، هيءَ ته منهنجي ڏاڏي پڙڏاڏي جي به مائي لڳي. انهن جو به قسم آءٌ ڏو کاوان، ڇا مائي، تون منهنجي عورت آهين؟
دلربا (غصي ۾ ڀرجي ڇوڻ): تون سچ پچ مرد بي غيرت آهين!
ٺمبڪٺو: اڙي حضور، هن کي پڪڙيو، هيءَ ته ڪاٺي ٿي، ڏند به ڪرٽي ٿي. شايد هيءَ ڪا ڏائڻ عورت آهي، يا هن جي دماغ ۾ ڪا حرڪت آهي.
فوجدار: ڪيئن، اي بدصورت پر فطرت عورت، تون واقعي پاگل آهين؟
ٺمبڪٺو: هان هان، ليڪ، ليڪ، ساڌا سترڌهن آنا

پاگل آهي جلد گندوبندر پارسل ڪيوس.

دلربا: نہ نہ، آءٌ پاگل ڪين آهيان. اڙي هن تي غصو اچي ٿو. هن جون هڏيون چٻيان، هن جو ماس ڪاوان، هن جو رت پيان، هن جو حلوو پچايان.

ٺمڪڻو: اول تہ تنهنجو سربو ٿو ڏاهيان، فوجدار صاحب ذرا جهٽي جهليوس، يا جلد گدوبندر وي. پي. ڪيوس، نہ تہ شهر ۾ نقصان ڪندي.

فوجدار: هلو، هيئنر هن کي وٺي هلو ۽ جلد گدوبندر پهچايو.

(فوجدار، سپاهي ۽ دلربا ايگزٽ)

بيت

ٺمڪڻو (اڪيلو):

سرنوشتہ ڪاتب تقدير هن ڪاغذ ۾ هوءِ،
فيصلہ تقدير جي تحرير هن ڪاغذ ۾ هوءِ.

واهہ ڙي پنجين سوين جا نوٽ، واهہ — اڙي ڏوم ڏام سان منهنجي شادي بہ ڪين ٿي هئي، جهڙي منهنجي پاڪ دامن ٻيبيءَ جي اڄ گرفتاري ٿي، ڪيئن يارو، مولا ڏنو وارو. آخر روزن پٺيان عيد آهي. مطلب تہ موقعو ملي وڃي تہ پنهنجي ٺمڪڻي ٺيڪ ڪان بہ مڪري نہ وڃان تہ منهنجو ڏمو. هيئنر وڃڻ گهرجي. ڪنهن هٽي ولائتي وارنيش لڳل خوب پالش ٿيل ليلي جي تلاش ڪجي، جنهن ڪنترين مان ڪجهہ مزو ڪين آيو.

(ايگزٽ)

باب ٻيو

پردو پهريون

مڪان شمشاد

انڙ جميل: آه، موت، قتل، خون ڇا؟ ڪنهن جو خون، دل جو خون! لخت جگر جو خون! ڇا جي واسطي، هن دنيا مڪار جي واسطي؛ ڇا جي واسطي — هن زر بدڪردار جي واسطي! خير، فڪر ناهي، دنيا ڪمائڻجي مڪرسان، روٽي کائجي شڪر سان. مفلسيءَ ۾ جيئڻ شرمساري آهي، بلڪ لاچاري آهي. ذلت ۽ خواري آهي، جنهنڪري دنيا هر انسان کي پياري آهي.

شاه و گدا آ خيال ۾، پيسي جي واسطي،
هرڪوئي آ جنجال ۾، پيسي جي واسطي.
سڀ ڪوئي آ بيمار، ڪوئي تندرست ناه،
دنيا جي اسپتال ۾، پئسي جي واسطي.

هينئر جلد وڃي دوست شمشاد کي واقف حال ڪيان، پاڻ کي زر و جواهر سان مالا مال ڪيان. هينئر منهنجي

مدعا پوري ٿي، نحوست جي زماني کان دوري ٿي؛ بس،
هينئر عيش، شادي، جشن.

(اندر ٺمبڪٽو)

جميل: مرحبا، مرحبا، اي يار خوش اطوار!
ٺمبڪٽو: لعنت، لعنت، او خوني بدڪار!
جميل: ڇو ٺمبڪٽو، خفگي جو ڪهڙو سود؟
ٺمبڪٽو: هل هل، شيطان جا ساٿي نمرود.
جميل: ڇا تنهنجو مون ۾ ڪو شڪ آهي؟
ٺمبڪٽو: خدا جو انصاف حق آهي. هر عمل جي هڪ
سزا ۽ هڪ جزا موجود آ- بند و سرڪش آهي، ته مر تي
خدا موجود آ.
جميل: سڀ ڪي آهي رنج: مون کي غم نه آ ته ڪجهه نه آ؛
پيا روئن پنهنجي گهر، ماتم نه آ ته ڪجهه نه آ.
آدمي دنيا ۾ خوش هردم نه آ ته ڪجهه نه آ،
ٺمبڪٽو: ٿو ڪرين نخرا تون، هي تقدير ۽ اقبال سان،
پر خدا جي وار کي، روڪيندين ڪهڙيءَ ڍال سان.
جميل: بي سبب خفا ٿيڻ؟
ٺمبڪٽو: دنيا جي بدلي دين ڏيڻ!
جميل: ناحق بدگماني.
ٺمبڪٽو: پنهنجي پيٽ سان هيءَ بي‌ايماني!
جميل: ڪنهن مون کي مجرم ٺهرايو؟
ٺمبڪٽو: وفا!
جميل: ڪنهن مون کي جرم ڪندي ڏٺو؟
ٺمبڪٽو: خدا!

جميل: ڪنهن گواهي ڏني؟
ڏمبڪنو: زمين و آسمان!
جميل: ناحق ڏو لڳائي هي مون تي الزام، ڏسجو.
ڏمبڪنو: تي چڪو جو ڪجهه هيو، هينئر انجام ڏسجو
جميل: احمق!
ڏمبڪنو: ظالم!
جميل: جنوني!
ڏمبڪنو: خوني!
جميل: تون مون تي اهو الزام لڳائين ٿو، جو ڪڏهن نه معاف ٿيندو.
ڏمبڪنو: تو انهيءَ خون سان هٿ رڱيا آهن، جو فرشتن جي ڳوڙهن سان نه صاف ٿيندو.
جميل: ديوانا دولت اهڙيءَ ريت هٿ اچي ٿي.
ڏمبڪنو: مگر چا، دولت قبر ڏانهن ساڻ هلي ٿي؟
جميل: ليڪن هتي ته عيش ڪرائي ٿي.
ڏمبڪنو: اهو خيال فضول آهي، دنيا ايماندارن لاءِ جهنم آهي.
جهنم لاءِ جنت ڇڏڻ، هيءَ تنهنجي ڀل آهي.
ڀل خدا کان ڪين، گر ايمان دولت سات آ،
چار دن جي چاند ني، ۽ پوءِ انڌيري رات آ.

گانو

ڏمبڪنو: لعنت ٿئي لعنت لعنت، لعنت، ٿي بدڪردار،
صورت تي تنهنجي پرفتنہ دائم آ لعنت،
بد ڪردار بد ڪردار.

هي حشمت هي دولت ڪمايو، ڪمايو،
مظلومن جا سرڙا ڪپايو، ڪپايو.
هي ڪارو منهن جڳ کان لڪايو، لڪايو،
طوق لعنت جو ڳلي پايو، پايو.

(انٽر شمشاد)

شمشاد: اسلام عليڪم اي سچا دوست، جگر جا گوشت، دل جا پوست.

جميل: عالي جناب هي، نه آهي جاءِ حجاب، اوهان ٻندي کي ايتريقدر عزت جي نظر سان ٿا ڏسو، جنهن جو هو حقيقت ۾ لائق ڪين آهي.

شمشاد: اها اوهان جي عالي صفاتي آهي، جو پنهنجي تعريف پسند نه ٿي اچي، اها وصف ذاتي آهي.

ڪري ٿو ناپسند تعريف سوئي جو ڪه عالي آ.
ٻچي ٿو سوئي ٺوڪرکان، جو برتن يار خالي آ.

شمشاد: جميل!

جميل: جناب!

شمشاد: ڪائي خبر؟

جميل: قهر.

شمشاد ڪنهن جي؟

جميل: پنهنجي باغ جي، بلبل جي، پنهنجي چمن جي، گل جي.

شمشاد: يعني؟

جميل: مهلقا بدنصيب جي.

شمشاد: آه! اهڙي قريب جي، مگر ڪنهن جي واسطي؟

جميل: هڪ تو جهڙي سچي يار، غمگسار، مددگار جي واسطي، گرچ پنهنجو چمن برباد ڪيم مگر تنهنجي دل ته شاد ڪيم.

ٽمبڪٽو: تو خشڪ ڪيو سمندر، هڪ گوهر جي واسطي.
آتش چمن ۾ تو ڏني، ثمر جي واسطي.

شمشاد: تي وئين پاڳل ڪجهه عقل تميز آهي، بي ادب غلام هي ڇا چيز آهي؟

ٽمبڪٽو: تون.

شمشاد: ڇا مان.

ٽمبڪٽو: شمشاد.

شمشاد: ڇا شمشاد.

ٽمبڪٽو: هان شمشاد، شمشاد جو طور، شمشاد جو نمونو، شمشاد جو رنگ، شمشاد جو ڍنگ، (اشارو جميل طرف). هن ۾ نه رحم جو قطرو ناهي، تو ۾ نه رحم جو ذرو ناهي، هن ۾ نه دوست دشمن جي تميز ناهي، تو ۾ نه اها چيز ناهي. هن جو منهن نه روشن مگر ناري، دانگي کي شرمائڻ واري — تنهنجو منهن نه سفيد، دل ظلمات جي طرح ڪاري آهي.

خرمن جان جي واسطي هي آگ ۽ تون برق،
الغرض ٻئي آهيو يڪسان، رڳو آهي قد جو فرق.

هي ٻي پاڳل، تون ٻي پاڳل، هي ٻي جاهل، تون ٻي آن،
هي ٻي انڌو تون ٻي انڌو، هي ٻي قاتل، تون ٻي آن.

شمشاد: بي ادب غلام، تون خنجر جي ميان وانگر،

اسان تي وار ڪرين ٿو، ناحق اسان کي شرمسار ڪرين ٿو.

ٺمبڪٽو: بيشڪ آءٌ خنجر ٻي مياڻ آهيان، ليڪن آهو ڪين آهيان، جنهن سان ڪاسائي بيگناهن جا ڪنڌ ڪلهؤن ڪوري ڪيڏن ٿا. آءٌ اهو اوزار آهيان، جنهن سان حڪيم سڙيل ۽ گندي گوشت کي ڪپي ڪوري، بيمار جي جان بچائن ٿا.

شمشاد: پيارا جميل، هي احمق عقل کان دور، بي شعور آهي. هن جي ڳالهه تي اعتبار نه ڪر، ناحق تڪرار نه ڪر.

جميل: جلد ارشاد ڪر!

شمشاد: آءٌ توکي چوڻ ٿو گهران، ليڪن ذرا ترس ترس، هيمنر ڏينهن ڪسي شام جي آغوش ۾ آرامي ٿيڻ واسطي هڪ گهنٽي جو وقفو باقي آهي؛ سورج جا ڪرڏا هر گهر، هر ڪوچي ۾ جاسوسن واڌڪر پکڙجي رهيا آهن. اگر زمانو تمام ناپاڪين کي تنهنجي روح ۾ ڀري چڏي ها، ته خوف دهشت جو ڀوت تنهنجي هن سفيد خون کي جلائي، خاڪ ڪري ڇڏي ها.

جميل: يا خدا، آهو ڪهڙو خوفناڪ ڪم هوندو، جنهن جي ايتريقدر سخت تمهيد آهي؟ ڇا ڪنهن سان دغا بازي!

شمشاد: نه!

جميل: فتنه پردازي؟

شمشاد: نه!

جميل: قرلت؟

شمشاد: نه!

جميل: جبر ظلم؟

شمشاد: نه!

جميل: تڏهن ڪهڙو مضمون آهي، ڪنهن ٻئي جو خون آهي؟

شمشاد: هان، البت.

جميل: او خدا، او خدا (شمشاد جي اکين مان آگ جا شعلا نڪرندا نظر ٿا اچن).

شمشاد: با وفا دوست، اهو زهري ناڳ جو هميشه منهنجي راهه ۾ آهي، اُن جي توکي خبر ڪانهي؟ منهنجي نگاهه ۾ آهي، مان هن کي چاڙهان ٿو.

جميل: مان به خوب سڃاڻان ٿو.

شمشاد: ڀلا ڪير؟

جميل: هو.

شمشاد: يعني؟

جميل: ممتاز.

شمشاد: اهوئي فتنه ساز؟ ٺيڪ ٺيڪ!

جميل: ڇا موت؟

شمشاد: بيشڪ.

جميل: مون هن بدذات جي گرفتاريءَ واسطي عذاب جا ڪتا ڇوڙيا آهن، في الحال اهو خيال اٿم ته هن خون جي الزام ۾ هن بدڪار کي گرفتار ڪرايان، تنهنجي جان ڇڏايان.

ڌمبڪڻو (عليحده): پاڻ کي جهنم ۾ اڙايان.

جميل: هو هڪ زخم آهي، جو وڌندو ٿو وڃي.

شمشاد: هان هن جو وڍي ڇڏڻ ضرور آهي، ورنه خوف ناسور آهي.

جميل: تون فڪر نه ڪر، آءٌ هر طرح هن سان بدسلوڪي ڪندس.

شمشاد: آءٌ هن جون هڏيون ڇيڻندس، خون پيئندس.

جميل: آءٌ هن جون هڏيون جلائي خاڪ ڪندس.

شمشاد: آءٌ هن جي خاڪ کي پنهنجن نوڪرن سان اڏائيندس، ۽ گوشت ڳجهن جي حوالي ڪندس.

ٺمبڪٽو (عليحده): شايد انصاف اوهان جي گهر ۾ پيدا ٿيو، انصاف اوهان جي ڪنهن بزرگوار (پيءُ ڏاڏي) جو ڏالو هو.

شمشاد: خوب، اي مرغوب، ڀلا هينئر خدا حافظ!

جميل: خدا حافظ!

(ايگزٽ)

باب ٻيو

پردو ٣

(اندر ممتاز)

ڳائو ممتاز:

اڄ عيد آهي گهر گهر، پنهنجي به عيد ٿئي،
حاصل اگر اسان کي، دلبر جي ديد ٿئي.
آءٌ نقد جان ڏيان ها، پر قيمت پر يار جانا،
بازار ناز جي، پر دل جي خريدار ٿئي ها.
تيغِ نگهه سان دل تي، جي وار ڪن ها سهڻا،
هي جان نثار ٿئي ها، هي دل شهيد ٿئي ها.
جي بيوفا نه ٿين ها، اي جان من نه هرگز،
ڇو قفل آرزو جي، پيدا ڪليد ٿئي ها.
اي بيوفا جي تنهنجي، ڪو خط ڪٿي اچي ها،
”آغا“ جي يار دل کي، ڪجهه ڪجهه اميد ٿئي ها.

زباني

يا الله دل کي گهٻراهٽ آهي، جان ڇو اڄ بيطاقت آهي. در و ديوار کان حسرت ٽپڪي ٿي، اڄ بار بار اک

ڇو ٿڙڪي ٿي. ياالله، خير، خير، رحم!

(انتر سهيليون)

(ممتاز جو سهيلين کي حيرت سان ڏسڻ)

ڳائو سهيليون:

* هاءِ بانو، واءِ بانو! لائي قسمت اسان تي تباهي،
ڏيئي عمرساري هي جدائي، ڪاري قبر وڃي تو وسائي.
هاءِ بانو، واءِ بانو!

اسان تو وساريو پياري، بي موت اجل ڪيئن ماري—
هاءِ بانو، واءِ بانو!

تو کي سهيليون ٿيون سارن، توريءَ رنج والم ۾ گذارن.
هاءِ بانو، واءِ بانو!

توبن عمر وبال آ پياري، توريءَ جيئڻ جنجال آ پياري—
هاءِ بانو، واءِ بانو!

بيڪس "آغا" هليو آوطن ڪان، ڏڪتي بلبل جيئڻ ڪا چمن ڪان—
هاءِ بانو، واءِ بانو!

(سهيلين جو غم ۾ ويهڻ)

زهاڏي

ممتاز: افسوس، هيءَ آه و زاري ڪنهن واسطي؟ انتظاري بيقراري ڪنهن واسطي، هيءَ پوشاڪ ڪاري ڪنهن واسطي؟ حيرت، حسرت، عبرت!

* طرز: "هاءِ بابا، واءِ بابا (خدا دوست)

(سهيلين سان) اي عورتو اوهان کي ڪهڙو ڪم آهي،
هي ڪنهن جو ماتم آهي؟ خير ڪر الاهي!

زرينا: غضب، ستم تباهي.

ممتاز: آخر صفائي.

زرينا: پياريءَ بانو جي جدائي.

ممتاز: ڇا مهلقا جي شادي ٿي.

حسينا: بربادي ٿي.

ممتاز: يعني؟

گلنار: هت ويراني، ملڪ عدم ۾ آبادي ٿي.

ممتاز: مطلب!

گلزار: موت، اجل غضب!

ممتاز: هاءِ قول تو دو دن بهارجان فزا دکلا گئے،
حسرت اُن غنچون پہ هے، جو بن کلے مرجها گئے.
اُف، جگر چاڪ، دل جلي خاڪ ٿي،
ڪنن کي ڇا ستائيئي، اي ڪنڌ ڀڃ ڀوڙا ٿيو!

زرينا، زرينا بدّاءِ! سچ چؤ جاني ڪٿي آهي- منهنجو
گل رعنائي، هاءِ تو گردن ڇو جهڪائي- ڇا منهنجي پياري
ڪنهن حال تباهه ۾ آهي، يا ڪنهن پناهه ۾ آهي؟

زرينا: افسوس، صد افسوس! اي عاشق صادق، هوءَ
اڄ انهيءَ مالڪ جي پناهه ۾ آهي، جتي قيامت جي ڏينهن
هن جميل، ڪم اصيل کي پناهه وٺڻ دشوار ٿيندي- جڏهن
هن ناحق خون جي پرسش سر بازار ٿيندي.

ممتاز: هاءِ، ته ڇا منهنجي پياري، ٻني اجل موت
ماري! اُف:

هينئن چمن ڪنهنجو نه شل برباد ٿئي،
پر فضا گلزار مان، ذابلبل هي ناشاد ٿئي!

زرينا: صبر، صبر، اي عاشق ناشاد فرياد نه ڪر! دنيا تي حشر ايجاد نه ڪر، تنهنجن هنن پردرد دانهن کان دل کي خروش، جگر کي جوش ٿئي ٿو.

حسينا: والله، ڪليجو منهن ڏي اچي ٿو.

گلنار: دل گهبرائي ٿي.

گلزار: شايد تقدير اڄ اسان کي آزمائي ٿي.

ممتاز: خالي نه انهيءَ داغ کان هيءَ دل خدا ڪري،
محبوب جي ماتام ۾ شامل خدا ڪري.
جن جان کان جدا ڪئي آ دل دغا ڪري،
اميد تن جي پوري نه بلڪل خدا ڪري.
بس، هينئر هن زخم جو مرهم ڪجهه نه باقي آ، صرف موت جي مشتاقي آ.

زرينا: يعني؟

ممتاز: خودڪشي، موت، اجل، اي اجل! جلد آءُ، جلد آءُ، جلد آءُ. اچي گلي لڳاءِ، آغوش ۾ سلاءِ.
معلوم جي هجي ها، هي انجام محبت،
هرگز نه وٺان يار ها، مان نام محبت.
رخصت، اي دنيا جي نعمت رخصت! بس، هميشه لاءِ رخصت، تا قيامت رخصت!

(تلوار ڪڍڻ ۽ سهيلين جو جهلڻ)

حيات صورت نقش حباب باقي آ،
ڪوئي دم يار منهنجو اضطراب باقي آ،

مسافران عدم کي چئو، ته ذرا ترسو،
جو هڪ مسافر پا در رڪاب باقي آ.

زيادي

زرينا: اي نا اميد، غم رسيده عاشق! جي تون پنهنجي جان برباد ڪندين ته ڇا، پنهنجي پياري مهلقا جي روح کي شاد ڪندين؟

ممتاز: آ هٿن کان وئي صفا دل، هاءِ دل، افسوس دل،
ڪئي ادا مون سان دغا دل، هاءِ دل، افسوس دل!

ڇا، هن تنهنجي زبان کان مرحوم مهلقا جو پاڪ روح ٻولي رهيو آهي؟

زرينا: هان، هان، تنهنجي فهمائش واسطي آهوئي زبان کولي رهيو آهي.

ممتاز: شمع هئي اميد دنيا ۾ هي دل پروانو هو،
خواب هو جو ڪجهه ڏٺم، ۽ جو ٻڌم افسانو هو.

(ممتاز جو بيهوش ٿيڻ، ۽ سهيلين جو سهارو)

پڙدو لهڻ

باب ٻيو

پرد و چوڏون

(انٽر ٽمبڪٽو)

گانو

ٽمبڪٽو: هي عورت آ، يا آفت، بد خصلت آ، بي عزت، ڏٺي اهڙي صورت غارت، آمون کي نفرت نفرت!

جو اهڙي زال وارو،
تنهن جو هر ڪارو منهن ڪارو:

هن جوءِ جي اهڙي ٺهڙي، وجهو لعنت تنهن تي يارو!
هڪ موٽر سائيڪل چنچل، پڻ چال فيشن ايبل،
ڪانسي لئي چئر ٽيبل، آ لوءِ جي وٽس ليبل،

جو اهڙيءَ زال وارو،
تنهن جو هر ڪارو منهن ڪارو:

هن جوءِ جي اهڙي ٺهڙي، وجهو لعنت تنهن تي يارو!
ڏي لئو جا لکي ليٽر، يارن سان ڏسي ٿيئٽر،
چهري تي مکي پوڊر، زلفن تي چڙڪي لونڊر،

جـــو اهڙيءَ زال وارو،
تنهن جو هرهارو منهن ڪارو:
هن جوءِ جي اهڙي تهڙي، وجهو لعنت تنهن تي يارو!

(ايگزٽ)

پردو پنجون

(اندر ممتاز ديواني حالت ۾ ۽ لاش تي نظر پوڻ)

زباني

ممتاز: هاءِ، غضب، ظلم، روئو پٽيو! اي فرشتو هن مسڪين جي ماتم لاءِ اچو، خاڪ وسايو، پهاڙو پٿر برسايو، دوزخو آگ آڙايو، چنڊ سورج پرزا پرزا ٿيو. هاءِ، منهنجو چنڊ اڄ موت جي بادل ۾ ڇپي ويو، منهنجو نازڪ بوٽو خزان جي جهولي جهوٽيو، مايوس باغ ۾ بلبل ٿيو، اڄ منهنجي جگر جو چراغ گل ٿيو.

آهيان جليو مان، آڳــا لڳي هاءِ نصيب کي،
آرام ننڊ ۾ بــ، نــ آهــو غريب کي.

(لاش کي هنج ۾ رکي ڳائي ٿو)

گانو ممتاز:

* سوز غم آ تن لاغر کي جلائڻ آيو،
اشڪ خون دل جي لڳي آگ اُجهائڻ آيو.
دامن دشت آ غربت ۾ ڪفن بعد فنا،
بيڪسي ۾ نه ڪوئي لاش کڻائڻ آيو.
قيد خاني ۾ منهنجو حال سگهو ڏس تون اچي،
اڄ اجل موت جو پيغام سڻائڻ آيو.
بيڪسي ۾ نه آ ڪوئي حال جو پائي "آغا"،
هر ڪوئي آ ڏکي دل کي ستائڻ آيو.

زباني

اي سنگدل زمين، چا تو ۾ سيلاب ڪو نه هو، جو هن نازڪ گل اندام جي هن سرخ خون سان پنهنجي پياس پوري ڪئي. اي دنيا دورنگي، دل جي آس پوري ڪيئي. اي خوفناڪ پهاڙو، اوهان کي به، منهنجي بيقصور مظلوم معشوق جي هن حقير حال تي رحم نه آيو. اي سيه فام آسمان، تو کي به شرم نه آيو. اي بيابانڪ جهنگل، تون هن شهيد جفا جي ناحق خون جو شاهد رهج. اي رات جي انڌيري، تون به مولا اڳيان آه و زاري ڪج. اي زمين تون به حشر ۾ پڪاري ٿج. اي خون آلوده زخمو، فرياد ڪيو، فرياد ڪيو، دنيا تي حشر ايجاد ڪيو.

---

* طرز: "شمع ڪو ديکہ ميرے جي کے جلانے والے"

گاڏو ممتاز:

هي گل ۽ ٻوٽا، مٽي ۽ پاڻي، فاني آ، فاني آ،
سارو جهان هي سڀ ڪوڙو آ، دنيا جو خيال،
گهر و زر سڀ جوٺو آ مال.

(لاش کي چمڻ)

زهائي

جاڳـــا، جاڳــــ، او بيوفا مهلقا بيدار ٿي، هوشيار ٿي!
چا هي ٻ، هڪ ناز آهي، آتي، ڏس ته ڪهڙي نه حال ۾
پر ملال تنهنجو ممتاز آهي.

هيچ دنيا آهه هيءَ، عقبيٰ جي طلب گاريءَ ۾،
آخري دم شال نڪري، اڄ هي وفاداريءَ ۾.
دعا ڪيو ته آت هزارن ۾ نه شرمسار ڪري،
دعا ڪيو ته خدا منهنجو ٻيڙو پار ڪري.

هاءِ ساقيا، تنهنجي مئيخاني مان اڄ ٻُـر از ارمان نڪتس،
(پاڻ کي خنجر هڻڻ، سپاهين جو اچڻ)

سپاهي: او خبردار خوني، نه ڪر غرق زندگاني!
ممتاز: ذات رحماني! ذات رحماني! اي عدم جا مسافرو،
ذرا هوش سنڀاليو. زمين ڏڙپي ٿي، فلڪ لرزي ٿو، قيامت
اچي ٿي، اوهان ڪير آهيو، مون کي ڏيڃارڻ وارا.
سپاهي ٢: توکي موت جو ڦاڏڪ لنگهائڻ وارا،
سپاهي ٣: توکي آغوش قبر ۾ سمهارڻ وارا.

سپاهي١: او خوني، جنوني، هيءَ عياري، مڪاري،
۽ پوءِ نه هيءَ آه و زاري!

(اندر جمعدار)

جمعدار: چا، پيو ته خير آهي؟
ممتاز: ڪجهه ناهي، ملڪ عدم جو سير آهي.
جمعدار: هينئر قتل جي دهشت طاري آهي، جو خود ڪشي جي تياري آهي.
ممتاز: البت.
جمعدار: پلا هت چو آيو آهين؟ جلد بيان ڪر!
ممتاز: هت چو آيو آهيان! نصيب جو ستايو آهيان.
قسمت جو جلايو آهيان، رحم اي ذيشان ڪر.
صبر حال تباه مشڪل آ، ضبط فرياد آه مشڪل آ.
جمعدار: فريب، دغا، ظلم، مڪاري، انهن چيزن جو نالو آهي دنياداري!
سپاهي: صورت ۾ نور، سيرت ۾ نار — منهن ۾ پيار، بغل ۾ تلوار!
ممتاز: غريب، عاجز، غم رسيده. گردشِ ناهنجار جو گهايل، فلڪ ڪج رفتار جو ستايل. مسڪين، بيتسڪين، بيڪس، رحم، رحم!
جمعدار: بس، هينئر زبان بند ڪر! جلد هل، پنهنجي واسطي سزا پسند ڪر.
ممتاز: هتي نازل خدا يا هر بلا آ، هيءُ منهنجو گهر آ، يا پارو ڪربلا آ. او دوزخ، چا تو ۾ ايتري آتش ڪين

آهي، جو مون کي جلائين. اي پهاڙ، ڇا تو ۾ ايترا پٿر کين آهن، جو مون تي برسائين. افسوس، شايد ممتاز ۾ بد نصيبي، هڪڙي ڏينهن پيدا ٿيا هئا.

جمعدار: بس!

سپاهي ١: صبر.

سپاهي ٢: خاموش.

(ممتاز کي زنجير وجهڻ)

ممتاز: ابر، پاڻي جي عيوض آگ کي برسائي ٿو،
ڙي وڃان درياءَ لب تہ پاڻي ٻہ مون کي ڪائي ٿو.
تحقيق عشق جو نتيجو دلگيري آهي، شاهي جو نتيجو فقيري آهي.

جمعدار: او ڪمبخت، تون دنيا ۾ انهيءَ لاءِ پيدا ٿيو آهين، تہ خدا جي بندن جي خون ۾ تيغ رنگين ڪرين، ۽ وري پاڻ کي مسڪين ڪرين.

ممتاز: اڄ هن واسطي آهيان جو مصيبت آٿايان، ۽ شڪايت زبان تي نہ لايان.

جمعدار: بهادرو، اوهان جو ڇا خيال آهي، قاتل آهي، يا ديوانو، يا غافل آهي؟

سپاهي ١: ايمان جي ڳالهہ پڇو تہ فريبي آهي، خونخوار آهي.

سپاهي ٢: قاتل آهي، قابل دار آهي.

سپاهي ٣: خوني آهي، جنوني آهي؛ هن جو ڇٽڻ دشوار آهي.

جمعدار: تحقيق، ڪٿو هي لاش، جلد پيش سرڪار

ڪيو قاتل جو سر بردار ڪيو.

ممتاز: عزيزو، اوهان ناحق تڪليف نہ ڪيو، مان خود پنهنجي مظلوم معشوق جو بيڪس لاش کڻڻ لاءِ تيار آهيان، گرچہ پاپي آهيان، گنهگار آهيان.

سپاهي: خاموش، اونابڪار، دور هٽ خوني بدڪار!

ممتاز: اي سنگدل سپاهيو، اوهان منهنجي هن آذر سوزان کان ذرا نرم ٿيو، هن نازڪ جي خون آلوده ميت کي تڪليف نہ ڏيو.

سپاهي: بس. صبر، زبان بند ڪر!

ممتاز: يا خدا، هنن ڪاساين جي جماعت ۾ ڪو رحم جو فرشتو آهي يا نہ؟

(سپاهين جو لاش کڻڻ ۽ ممتاز جو چنبڙڻ)

ممتاز: اي يارو بهري خدا، معشوق جو لڙهو ۾ لعل لاش نہ هلايو. هن شهيد عشق جي بيقرار روح کي تڪليف نہ رسايو. ذرا هن بي ڪفن بي دفن لاش تي رحم فرمايو.

جمعدار: دور هٽ، او دنيا جا آزار، هل سوت لاءِ تي تيار.

ممتاز: مون کي ڪيڏانهن ٿا وٺي وڃو، آءٌ چا لاءِ ٿيان تيار.

سپاهي: (تو کي اجل جي ڦاٽڪ کان لنگهائيندا سون پار.

ممتاز: بهتر آهي تہ منهنجو گلو هٽ چاڪ ڪيو، قصو پاڪ ڪيو. جيڪي خون جا قطرا زمين تي ڪيرندا، آهي بہ اوهان کي هميشہ دعا ڪندا، ۽ آفرين وجهندا.

سپاهي٢: هان، هان، تنهنجو قصو پاڪ سر بازار ٿيندو، پيش سرڪار ٿيندو.

ممتاز: افسوس، اوهان ثابت ڪري رهيا ته اوهان منٺيءَ جا نه آهيو، بلڪ پٿر جا هٺيل پتلا آهيو.

جمعدار: بس زبان ٿام، او بد انجام! اگر زياده بڪوات ڪندين، ته تنهنجي زبان ڪاٽي ويندي.

ممتاز: اگر اوهان زبان ڪاٽيندؤ، ته آءٌ اکين جي اشارن سان اوهان کي سمجهائيندس.

جمعدار: اهي به ڦوڙيون وينديون.

ممتاز: ته آءٌ پنهنجي مظلوم معشوق جي واسطي پنهنجو سر اوهان جي قدمن تي ڌريندس.

جمعدار: آهو به علحدو ڪيو ويندو.

ممتاز: هاءِ افسوس، اهڙي جلادي!

سپاهي: ڪمبخت، اهڙي بيدادي.

ممتاز: اي آسمان، تو به ڏٺو ٿي؛ اي زمين تو به ٻڌو ٿي؛ اي جهنگلي درختو اوهان به حاضر هئا، مگر افسوس جو ڪنهن کي ترس ڪين آيو، ڪنهين رحم ڪين ڪاڏو.

(سپاهي لاش کي کڻي هلن ٿا)

(ممتاز جي چرين جهڙي دانهون ڪرڻ)

ممتاز: هاءِ اي جلادو، هنن نازڪ نازڪ لعل رخسارن تان هن عاشق ناشاد، غريب، ڪم نصيب کي آخري بوسو

تہ ولڻ ڏيو. اي ظالمو هن بيڪس جي رت ۾ رنگيل زخمن کي هن فرياد زاري سان ذرا خشڪ تہ ڪرڻ ڏيو. هاءِ، اي شهيدِ جفا، حافظ خدا، حافظ خدا!

گاڏو ممتاز:

* باغ الفت جو مزو، اڄ يار بن ويندو رهيو،
بلبليون ويندديون رهيون، سوسن سمن ويندو رهيو.
اي مسافر يار تہ و، حافظ خدا، حافظ خدا،
هاءِ يارو صبر سان، غنچهءِ دهن ويندو رهيو.
مان نہ وڇڙيس تي اوهان کان، هي قضا جو قهر آ،
هيئن ڇني محبوب منهنجو، گلبدن ويندو رهيو.
ڪر دعا تون يار "آغا"، دلربا کي دل منجهان،
جو مسافر يار تنهنجو، بي ڪفن ويندو رهيو.

(سڀ ايگزٽ)

روپ سهڻي: "سورٺ پهاڙي"
* طرز: "يا الاهي لطف سے اس شهر کا در کول دے"

پردو ڇهون

فوجداري

(اندر ممتاز گرفتار ٿيل)

گانو ممتاز:

*بد قسمتي کان مون ڏٺا، سامان نوان نوان،
حاصل ڪيم هي حسرت و ارمان نوان نوان،
دلدار تنهنجي عشق ۾ مون کي نصيب ٿيا،
صحرا نوان نوان، ۽ بيابان نوان نوان.
ٿيندين نه يار غم کان تون آزاد، اي "آغا"،
فرياد ڪرين تون ڪٿي، نالان نوان نوان.

فوجدار: اي اجل رسيده، تنهنجو نام؟

ممتاز: بي آرام، بدنام، ناڪام مبتلائي آلام!

فوجدار: وطن؟

ممتاز: آجڙيل ۽ ويران بن.

فوجدار: ڀلا هت تنهنجي اچڻ جو سبب؟

ممتاز: ڄاڻي ٿو رب، مگر......

---

*روپ: "سهڻي"

هرڪو وطن آ چڱي ارمان کان نڪتو،
يوسف نہ خوشي ۽ سان ڪڏهن، ڪنعان کان نڪتو،
نڪتو بہ اگر گردش دوران کان نڪتو.

فوجدار: تو کي ڪهڙي چيز جي تلاش آهي؟

ممتاز: نہ زر جي تلاش آ، نہ پسر جي تلاش آ، اکڙين کي اڄ نور نظر جي تلاش آ، پهلو ۾ دل آ، جگر جي تلاش آ.

فوجدار: ڀلا تون ڪير آهين؟

ممتاز: آهيان مان اهو گل، جو گلستان کان جدا آ،
پروان جئن شمع فروزان کان جدا آ.
ساغر جي آه ونالان کي تون سمجهہ ساقيا،
هي جام رهيو جو لب جانان کان جدا آ.

فوجدار: ڪجهہ حال ڪر، تون جلدي تہ پنهنجي زبان سان، پوشيده بات نڪري، ڪا تنهنجي بيان سان.
ٻڌايان درد دل جي تو، جلي منهنجي زبان يارو،
ڪيان جي صبر تو والله، سڙن تا استخوان يارو!

ممتاز: دل آ غذائي رنج، جگر آ غذائي رنج،
راحت جي نام کان نہ هان، واقف سوائي رنج،
رنج مون تي مبتلا آهي، مان مبتلائي رنج،
رنج منهنجي واسطي آ، ۽ مان برائي رنج،
احوال منهنجو جو سڻي، سو ٿي سهائي رنج.

فوجدار: شايد اهائي تنهنجي تقدير آهي، جنهن واسطي ايتري تقرير آهي.

ممتاز: بيشڪ، اگر پيشانيءَ جي سچي تحرير نہ هجي ها، تہ ممتاز هن مصيبت ۾ اڄ اسير نہ هجي ها.

سر نوشتہ ڪاتبِ تقدير پيشانيءَ تي آ،
نامهء اعمال جي تحرير پيشانيءَ تي آ.

فوجدار: آ گذر تنهنجو ٿيڻ هتي، اڄ داد پائڻ واسطي،
يا آيو آهين مون کي تون سبق پڙهائڻ واسطي.

ممتاز: مان تہ پنهنجي معشوق جي قتل جو ڏڪي، سندس لاش تي ماتم لاءِ ويس، جتي گرفتار ٿيس. بس، ايتري تائين جو حاضر دربار ٿيس.

حال ڇا مان ٻيو چوان، بادهء پيمائيءَ جو،
آسڻيو سارو قصو، سرڪار هن رسوائيءَ جو.

(انٽر— جميل ۽ شمشاد)

جميل: هان ڪير خوني، موذي، ظالم؟ جنهن منهنجي روح روان کي ستايو، جنهن کي ڪجهہ قياس ڪين آيو— هن جو قفس عنصري ٽوڙي ناس ڪيو— جهاز زندگانيءَ جو موت جي بندر جي پاس ڪيو.

(فوجدار کي)سرڪار، هن فرياد جو جلد داد ٿئي، هن مردود جي زندگي برباد ٿئي؛ هن ناحق خون جو منصف حضور ٿئي؛ هن خونيءَ جو هڏ هڏ چڪنا چور، ضرور بلضرور ٿئي!

ممتاز: بيشڪ صاحب! مان موذي، مان خوني، مان چور، ليڪن آهي آهن سينہ زور، جيڪي پنهنجي جگر جو خون پيي شاد رهن ٿا، ۽ پوءِ بہ دنيا ۾ آزاد رهن ٿا.

فوجدار: پڌاءِ نام تن جو، تڏهن صاف صاف،
زبان ورنه کنبي، ٿي هوندو خلاف!

ممتاز: صاف صاف، کنهن جو نالو پڌايان! ڪهڙي طرح زبان تي لايان — ظاهر ته پنڊو گهنگار آهي، ليڪن حقيقت ۾ ڪو اور خوني سزاوار آهي.

سپاهي: اگر انهيءَ جو نالو اظهار نه ڪندين،
ته اجا زياده عذاب ۾ گرفتار ٿيندين!

ممتاز: عذاب ڪان ڏڪايو ٿا، ڏمڪايو ٿا، ته ڀلا ڪنن جا پڙدا کولي ٻڌو!

سڀ پڌا صاف سڻائڻ ٿا سڻائڻ وارا،
هتي موجود آهن قتل ڪرڻ ڪرائڻ وارا.

فوجدار: ڇا شمشاد!

ممتاز (اشارو جميل طرف): هان ۽ پيو هي ناشاد؟

فوجدار: ڇا جي واسطي؟

ممتاز: دنيا ڪتي جي واسطي.

فوجدار: ڇا، ههڙي نيڪ انسان تي اهڙو گمان؟ الامان، الامان!

ممتاز: ڇا، نيڪ انسان؟ خدا لعنت وجهي شيطان تي، اهڙي قسم جي انسان تي.

فوجدار: پاڻ ڪيئن ٿيندو قصائي،
پيءُ سان ڪيئن ڪندو ڪج ادائي!

سپاهي: ناشدني، ناشدني!

سپاهي: ناممڪن، ناممڪن!

ممتاز: بيدرد ڏير قتل ۾، صفا نٿو ڪري،
دولت جي لاءِ آدمي، ڇا ڇا نٿو ڪري!

فوجدار: بس، زبان ٿام مردود، هينئر ڪيانءِ ٿو نابود — خوني، جنوني.

سپاهي: او موذي، پاپي، بدڪار، ڪهڙي تقصير تي هن غريب عورت جو ڪيئي سر تن کان ڌار؟

ڳاڙو ممتاز:

*نه هي داغ دامن تي يارو لڳايو،
پلي جان منهنجي، هيءَ جيئري جلايو!
فلڪ جي ستم کان، آگي هان ستايل،
ڏکي دل نه ناحق، دوباره ستايو!
شڪايت آڪنهن جي، بري منهنجي قسمت،
تيو آه دشمن، ته پنهنجو پرايو!
رهي خون ناحق جي محشر تي دعوا،
نه هت فاش "آغا" کان پڙدو ڪرايو!
سزا ڏيو لائق ڪار محبت،
ڪرڻا هون اجهو گنهگار محبت.

شمشاد: ڪيئن جناب اعليٰ، قيد جو مزو ماڻيو ٿا؟
بسنطي ڪـي بـــ، ذرا سڄاڏو ٿـــا!

ممتاز: شيطان کي ڪير نٿو چاڻي،
پلڪ هرهڪ انسان تو سڄاڻي.

---

* روپ ڪانرو: ٽوڙي:

شمشاد: اي مغرور شخص، زنجيرن ۾ جڪڙيل آهين،
تڏ هين به تنهنجي اها خوءِ نه ٿي وڃي.
ممتاز: گل ڳرچ سڪي وڃي، ته به اُن مان آها بوءِ
نٿي وڃي.

عشاق مصيبتن کان ڪٽ ڏڇن ٿا،
تارا ڏينهن جي عوض رات جو چمڪن ٿا.
عطر جيڪي مٽيءَ ۾، مهڪ نٿي وڃي،
ڏوڙيو به اگر هيري کي، ته چمڪ نٿي وڃي.

شمشاد: او ديوانا ڪجهه اک کول، خبردار ٿي،
حياتيءَ جي اقليم تان دست بردار ٿي.
ممتاز: جان هيءَ ويندي، مگر جوهر جي بوءِ ويندي ڪٿي،
قيد ۾ ٻي شير جي شيرانه خوءِ ويندي ڪٿي؟
سپاهي: هن زماني تو جهڙو ڪوئي گنهگار نه آ،
تو جهڙو موذي نه آ، ڌاڪو نه آ، بدڪار نه آ.
شمشاد: آخر تون ڪيتريون دانهون فريادون ڪندين،
او روسياه!
ممتاز: ايتريون آهون ڪندس، جيترا تنهنجي نامهءِ
اعمال ۾ آهن، گناه!
سپاهي: توکي جان جو خوف نٿو ٿئي، او بد ڪار، جو
سرڪاري عملدارن جي اڳيان ڪرين ٿو بي ادبيءَ جي گفتار.
ممتاز: ڇا، خوف جان! يعني موت! او نادان موت کان
اوهان جهڙا گنهگار خوف ڪن ٿا. جن کي خدا جي روبرو
ڏيڻ شرم ٿئي ٿو. موت ته هڪ رحمت الاهي آهي، ڇا

نيڪن کي دنيا جي برائين کان بچائي، خدا وٽ پهچائي ٿي.

فوجدار: نٿو ڊچين ڏرو به تون منهنجي عتاب کان،
بڪوات ڪرڻ بيجاءِ ٿو، نشي شراب کان.

ممتاز: خير اوهان شراب خور بڻايو. يا زناڪار يا ڦاسي جو سزاوار بڻايو.

ڏوتا مون دست پنهنجا هن، پنهنجي جيءَ جان کان،
پوءِ راست بات ڇو نه ڪيان، مان زبان کان.

فوجدار: بي ادبيءَ جي گفتار ڇڏ، ورنه بي رحميءَ سان تنهنجي زبان ڪاٽي ويندي.

ممتاز: گر اهي ناپاڪ ارادا هن دل صفاڪ جا،
حال تنهنجا پِي ٿيندا جيڪي ٿيا ضحاڪ جا،
جن هٿن سان اڄ زبان منهنجي ڪپيندين ظالما،
هٿ سيان ڪاٽيندا تن کي، ماءِ ڪيڙا خاڪ جا.

ڇا انصاف انهيءَ جو نالو آهي، رحم انهيءَ کي چون ٿا، جو هڪ بي دست و پا سرتا پا بزنجير تي تلوار اٿائين ٿو. شير کي زنجيرن ۾ جڪڙي، لونبڙين کان ڏمڪائين ٿو.

سپاهي: بس، او بي ادب خاموش!

ممتاز: وڃ، ڏيکار بزدلن کي هي جوش و خروش.

فوجدار: بي ادب گفتار ڇڏ. مڪار خبردار! خوني گهنگار، روڪ زبان ورنه ڪيانءِ ٿو جان. ڪوئي حاضر آهي! وٺي وڃو هن ڪمبخت کي، داخل زندان ڪيو. ڪجهه وقت قيدخاني جي هوا کائيندو ته مزاج ٺيڪ ٺيڪ پائيندو.

ممتاز: خطا معاف، اگر شيطان جي هٿان انصاف ڏني

ها، ته ڏرو نه انهيءَ جي خلاف ٿئي ها.

فوجدار: هينئر هرگز نه قاتل توکي ڇوڙيو ويندو،
هڏهڏ ٿنهنجو، هن خنجر فولاد سان ٽوڙيو ويندو.

جميل: هن جو خون نچوڙيو ويندو.

شمشاد: هن جو سر سوليءَ تي ڪوڙيو ويندو.

سپاهي: هن جو گوشت سرڻين ۽ ڪانون کي ڏبو.

سپاهي: هان هان، بيشڪ ائين ڪبو.

گانو ممتاز:

اي خدا تون مدد ڪر، مولا منهنجي مدد ڪر،
مون تي رحم ڪر باري تعاليٰ، منهنجي مدد ڪر!
هر شيءِ ۾ نمايان آ ٿنهنجو جلوو،
اي منهنجا باري تعاليٰ مدد ڪر!

پردو ستون

مڪان شمشاد

گانو شمشاد:

مان هان زهري، نانگ، بنان آگ،
جي مان برباد ڪيان سارو راڄ ۽ تاج.
آگ لڳايان مان راڄ کي خاڪ ڪيان، تخت و تاج کي.
پامال ڪيان، هڪدم ۾ سارو خاندان. هي آ شمشير موذي،
ماريان ڳاريان يارو دشمن کي، موذي ڪريان گهات گهات.

زڊائي

شمشاد: گرچ قصو طول ٿيو، ليڪن منهنجو مطلب حصول ٿيو. هينئر ڪنهن زبان درازيءَ سان پاڻ آزاد ڪيان، هن بد بخت جميل جو خانو برباد ڪيان. عداوت جو چشمو جڏهن جوش ۾ اچي ٿو، تڏهن طوفان خيز سيلاب ۾ دشمن جو سامان غرق ڪري ڇڏي ٿو.

ٺمبڪٺو: ۽ محبت جو درياءَ جڏهن موج ۾ اچي ٿو، تڏهن پنهنجن ملاحن کي امن ۽ امان سان سلامتيءَ جي بندر تي پهچائي ٿو. افسوس!

خون لئي هيءَ دل وري اڄ تيار ٿي، ڇو، يا خدا،
نور ڪان جا دل بڻي هوئي نار ٿي، ڇو يا خدا.

شمشاد: مان به سخت حيران آهيان ته،

مور هي اڄ محب منهنجو مار ڇو ٿيو يا خدا،
گل صنوبر جنهن کي سمجهيم، خار ڇو ٿيو يا خدا!
واه هو به ڪو نيڪ آهي، ناحق دل ڏڏارڻ.

ٺمبڪٺو: شيطان کي آئينو ڏيکارڻ.

شمشاد: ٺمبڪٺو، منهنجو ڪو به قصور ڪونه آهي، اهو سڀ جميل جو فتور آهي، مون کي قسم آهي.

ٺمبڪٺو: ڪنهن جو؟

شمشاد: هن سر جو!

ٺمبڪٺو: هن تي ته گناهن جو باري بوجهه آهي.

شمشاد: هن پاڪ دل جو.

ٺمبڪٺو: اها ته فريب ۽ دغا سان ڀريل آهي.

شمشاد: پلا فرشتن جو؟

ڏمبڪٿو: آهي ته تو تي لعنت ڪري رهيا آهن، هو
چون ٿا ته تون مڪار آهين.

شمشاد: چڱو، ته انهيءَ پاڪ **خدا** جو.

ڏمبڪٿو: خدا تنهنجي ذالي کان بيزار آهي.

شمشاد: پل جلان دوزخ اندر، تنهن جو فڪر هن دم نه آ،
ابتدا عمدي ڏٺي، انجام جو ڪجهه غم نه آ.

ڏمبڪٿو: عجب ناداني آهي، تنهنجي حالت تي مون
کي سخت حيراني آهي.

شمشاد: آدمي پيدا ٿيو لطف جواني واسطي،
عيش راني، حڪم راني، زرفشاني واسطي.
نيڪ بد جو فڪر دل کان دور ڪر نادان تون،
سڀ هي ڪائنا باغ ۾ هن زندگاني واسطي.

ڏمبڪٿو: مگر اها زندگي ڪيتري آهي، جنهن جي
هوس ايتري آهي؟

زندگي هڪ شجر آ، جو سبز آهي ڪجهه زمان،
انت آره سان ڪپيو ويندو، نه رهندو ڪجهه نشان.

هي بدن ناپاڪ ڇا هي، ايڪ هڏڙين جو قفس،
آه هي مهمان تنهن ۾، چار ڏن مرغِ هوس.

موت جو صياد ايندو، هاءِ شوقِ جبر ۾،
بلبلون ويندي يون اڏي، پڃرو هي پوندو قبر ۾!

شمشاد: گر اٿي سر ۾ عقل، بڪوات زياده ڏي ڇڏي!
ڏمبڪٿو: گر اٿي ايمان دل ۾، بد ارادا ڏي ڇڏي!

شمشاد: تون مجنون آهين.
ٺمبڪنو: تون ملعون آهين.
شمشاد: تون حيوان آهين.
ٺمبڪنو: تون ابليس آهين، شيطان آهين.
شمشاد: او بي ادب خاموش، تو اجا مون کي سڃاتو ڪين آهي، مان آهيان آفت، تو ڄاتو ڪين آهي.
ٺمبڪنو: اي نادان، خداوند پاڪ غصو انهيءَ واسطي ڏنو آهي ته ظالمن کي ڏڪايون؛ زور انهيءَ واسطي ڏنو اٿس، ته مظلومن کي بچايون؛ زر انهيءَ لاءِ ڏني اٿس، ته مسڪينن کي مدد ڪيون؛ حرص انهيءَ واسطي، ته نيڪين کي جمع ڪيون، همت انهيءَ لاءِ ته بديءَ کي فنا ڪيون.
شمشاد: بس بس، هينئر زبان کي لغام ڪر. هل دور، هٽ هتان، نه حجت غلام ڪر.
ٺمبڪنو: ڏي خدا نيڪ عيوض مون کي منهنجي نيڪو ڪاريءَ جو، شرم ڪر، ۽ سبق سک وفاداريءَ جو.
ٺمبڪنو: مصور جي شيشي تي نقاش ڪري رکي، ۽ اهو خريدار جي هٿان ڇٽي وڃي، يا نوڪر سان ٽٽي وڃي!
شمشاد: ته مصور کي سخت ملال ٿيندو.
ٺمبڪنو: ڀلا ڇو اهڙو خيال ٿيندو؟
شمشاد: ڇو جو مصور جي محنت برباد ٿي!
ٺمبڪنو: واه سبحان الله، خوب بات ارشاد ٿي. هينئر بندي جو عرض آهي، پٽڻ فرض آهي، ته جڏهن مصور پنهنجي تصوير جي ٽٽڻ تي ايتريقدر ملال ٿيندو، تڏهن ڇا هن قدرت جي مصور کي پنهنجي بڻايل تصوير جو ڪين

خيال ڏيندو ا

شمشاد: ها ها، چٽي ويو ڍنگ سان هو سارو مطلب،
خوب سمجهو مون هي حرفت وارو مطلب.
ته چا دشمن کي چڏي ڏيڻ گهرجي، نانگ ڏسي، سوٽي
ٽوڙي ڇڏڻ گهرجي!

(انٽر جميل)

جميل: السلام عليڪم دوست شمشاد.
شمشاد: وعليڪم السلام يار ناشاد.
ڏمبڪٽو (عليحدو): لعنت، لعنت، بد بنياد.
جميل: هان، هي چا! اي دوست ڏس ڪهڙو نه وار
ڪيم، دشمن خوار ڪيم. هينئر ممتاز جي رهائي مشڪل
آهي، انهيءَ ڪيس جي ڦٽائي مشڪل آهي.
شمشاد: افسوس پاڻ [illegible] سان هيءَ ڪج ادائي، لعنت،
لعنت، او قصائي!
جميل: ته چا، تو انهيءَ جو موت نه ٿي چاهيو.
شمشاد: مون وٽ ته هن ممتاز جي بدڪاريءَ جو ثبوت
موجود هو، جنهنڪري انهيءَ جي خون جو مقصود هو.
جميل: تڏهن توهان منع ڇو نه ڪئي.
شمشاد: جڏهن توکي نيڪ بد جي سمجهڻ جي تميز
آهي، تڏهن منع ڪرڻ ڪهڙي چيز آهي؟ [illegible] خنجر، آتش،
انهن چيزن کان مون توکي منع ڪانه ڪئي آهي. چا تون زهر
کائيندين، خنجر گلي تي گهمائيندين يا آتش ۾ ٽپي
پاڻ جلائيندين؟

جميل: مان تہ تنهنجو ٿيس خير خواه.
شمشاد: هوءَ بہ هوئي ڪمبخت بي گناه.
جميل: قول تي انسان پنهنجي جو رهي ٿو استوار،
مال و جان پنهنجو ڪري ٿو، سڀ هو وعدي تي نثار.
افسوس، تڏهن آهو ڪيل واعدو بي فائدو آهي، اهو بہ ڪو انسانيت جو قاعدو آهي. واعده مڪن اگر ڪر دي وفاڪن. زبان ڦيرائڻ هي بہ ڪو مردن جو شان آهي.
ڏمبڪڻو: هان، اهوئي مردن جو مان آهي، مردن جي زبان گاڏيءَ جو ڦيٿو — ڦرڻو بہ گهرڻو بہ.
جميل: اوهان جي حق ۾ بدنامي ٿيندي.
شمشاد: او ديوانا هٿ ڪيرٿو ڏسي، جو بدنامي ٿيندي.
جميل: اهو هر جڳهہ موجود آهي.
شمشاد: واه واه، جڏهن پنهنجي ماءُ چاٽي پيٽ جي لَهُوءَ ۾ هٿ لعل ٿي ڪيئہ، تڏهن خدا ڪي حاضر نٿي ڄاڻہ — هر شيءِ تي قادر نٿي ڄاڻہ.
جميل: آف، او بيقدر احسان فراموش.
شمشاد: بس، خاموش!
جميل: دوستيءَ ۾ دوست دل صاف-قدر ڪر، شرم ڪر، انصاف ڪر.
ڏمبڪڻو: فقير، پيسو پڳل ڪونهي، معاف ڪر.
جميل: هاءِ، هي واعدي خلافي.
ڏمبڪڻو: بس، جناب عالي، معافي، معافي
هينئر وڃي ڏاڙهي مبارڪ کي ڏياريو صفائي.
هلي هل ٻاهر، مردود، شيطان جا ماڻي نمرود.

شمشاد: جيڪو پنهنجي ماءُ جائي ڀيڻ جو پاڻ قاتل آهي، اُن سان نيڪي ڪرڻ صاف گناهه ۾ داخل آهي.
او ظالم پر جفا، پنهنجي جگر جي ٽڪر سان هي وفا!
اها ڳالهه ڪٿي ٻڌڻ ۾ نہ آئي،
ماءُجائي ڀيڻ، ۽ اُن سان هيءُبرائي!
ڪٿي بہ ائين ٿئي ٿو، جو عزيز پنهنجي عزيز جو خون پئي ڏو، ۽ پوءِ بہ ٻڌي نٿو مري، دنيا ۾ جئي ٿو.
جميل: دوست جي مدد ۾ ڏبو آهي جان کي،
ڪائر ڏاڍند ڪاٽي بہ ڪنهن وقت زبان کي.
ٽمبڪٽو: جي ڪتي جي بک ۾ خواهان پوست ٿين ٿا،
آهي هڪ روٽيءَ جي ٽڪر تي، دوست ٿين ٿا.
جميل: مون تہ دوست جي دلبري ڪئي،
گـويـا بـهـادري ڪئي.
ٽمبڪٽو: چا، جي شخص بيقصور جو خون هارين ٿا،
تن کي آدمي بهادر ڪري پڪارن ٿا.
جميل (خط ڏيکارڻ): ذرا پنهنجا دستخط تہ ملاحظو فرمايو،
يا رڳو بندي تي الزام ٿا لايو.
شمشاد: جنهن وقت زمين و آسمان جو آخري انصاف ٿيندو، تنهن وقت خدائي لعنت جي وار روڪڻ واسطي اهو ڪاغذ ڍال بڻائي پاڻ بچائج؛ جي تو وٽ اهڙو ڪوڙو دستاويز موجود آهي، تہ تنهنجو حق تنهنجي زندگيءَ سان نابود آهي.
جميل: حق نابود آهي تہ هست ڪندس مان،
انشاءالله شمشاد توکي پست ڪندس مان.

خيال تنهنجو او دغاباز جي انڪار تي ٿيندو،
ته دست منهنجو هي تيغ جوهردار تي ٿيندو؛
سمو محشر جو تنهن دم تڪرار تي ٿيندو،
جڏهن سر ڪٽيل تو موذي جو تلوار تي ٿيندو.
هيننر جهنم جي غار ۾ بند ڪرڻ آسان آهي،
مگر جميل جو منهن بند ڪرڻ دشوار آهي.

شمشاد (مرڪي): سبحان الله، ڪنيار جي ساري سال جي ڪمائي، ۽ هن سوني جي هڪ گهڙيءَ جو ڪم آهي.

جميل: چپ ره او نابڪار، فتح منهنجي نام آهي.
نه آ هاڻ مون کي خدائيءَ سان مطلب،
برائيءَ سان مطلب، ڀلائيءَ سان مطلب.
انهن کي آ شوڪت نمائيءَ سان مطلب؛
رکن ڏا جي شوڪت نمائيءَ سان مطلب؛
اسان کي فقط تيغ آزمائيءَ سان مطلب.

شمشاد: جميل تنهنجي زبان بيان ڪان زياده سخت ٿيندي ٿي وڃي.

جميل: منهنجي زبان ڪان تنهنجي دل زياده سخت ٿيندي ٿي وڃي.

شمشاد: منهنجي دل جي سختي سچائيءَ جو خزانو آهي.

جميل: منهنجي زبان جي سختي بهادريءَ جو تازيانو آهي. پڪ رک ته جنهن طرح هن تلوار پنهنجي مالڪ جي جگر جو خون پيتو آهي، انهيءَ طرح تنهنجن سفيد رڳن مان جان چڪي ٻاهر ڪندي.

شمشاد: الا هي توبه! ڇا ڪوئي بيو خون ڪرڻ

منظور آهي.

جميل: بيشڪ توکي بہ اهو مزو چکائڻ ضرور آهي.

شمشاد: ڇا خون، ۽ مون جهڙي غريب جو؟

جميل هان هان، تو جهڙي بدنصيب جو!

(شمشاد جون رڙيون ڪرڻ ۽ پڇڻ)

شمشاد: هاءِ، آف، غضب، ظلم، قتل، فرياد، فرياد، پليس، پليس!

(تمبڪڻو جو پڇڻ ۽ وري موڏڻ رڙيون ڪرڻ، مسخري ڪرڻ ۽ جميل جو ڪيڏ پوڻ ۽ موٽي اچڻ.)

جميل: هاءِ، زردار جو ميلو، بيزر جو خدا حافظ،
پردا ويا آڏري، بي پر جو خدا حافظ.

خير ويندين ڪيڏانهن، او بد ڪار پاپي سزاوار!
نصيب تنهنجو منهنجي عقل سان نڪري ويو،
مليو هيو جو شڪار، سو اڄ هٿان نڪري ويو.
او لعنتي هيءَ تيغ منهنجي اچا ذليل ناهي،
خون تنهنجو نہ پيان تہ نالو منهنجو جميل ناهي.

گانو

دشمن، پر رنگ رهزن جو سر ڪاٽيان، ڇا ٽيان دشمن جو.
اهڙو فريب آڏاريان، دشمن کي جنهن سان مارين،
او ذات پات اوقات تي، تنهنجي خاندان تي لعنت.
او موذي، بدتر، سر ڪاٽيان تنهنجو اڪثر،
ڪہ آها، آها، وه وا، وه وا، **خنجر** اڪثر سر ڪاٽيندو
عالم ۾ دشمن جو.

پردو اڻون

شهر جو دروازو

(اندر شمشاد ۽ ڏمبڪنو)

شمشاد: بس بس، تنهنجين ڳالهين کان مون کي نفرت ٿي آ.

ڏمبڪنو: تنهنجين ڳالهين کان خدا کي نفرت ٿي اچي.

شمشاد: ادب سک،

ڏمبڪنو: نيڪي سک،

شمشاد: انسان ٿيءُ،

ڏمبڪنو: مهربان ٿيءُ،

شمشاد: خطا ڪائيندين،

ڏمبڪنو: تون پڇتائيندين،

شمشاد: اهڙي گستاخي،

ڏمبڪنو: اهڙي بي رحمي،

شمشاد: عقل ۽ اهڙو بدتر،

ڏمبڪنو: دل ۽ اهڙي پٿر.

شمشاد: جميل جي دل مون کان وڌيڪ سخت آهي، ۽ اهو بد آهي.

ڏمبڪنو: ۽ تون به گنهگار آهين.

شمشاد: هو دوزخ جو لائق آهي.

ٿمبڪنو: ۽ ٿون سزاوار آهين.
شمشاد: شايد تون انساني جامي ۾ حيوان ٿو ڏسجين.
ٿمبڪنو: ۽ تون زريني لباس ۾ شيطان ٿو ڏسجين.
شمشاد: بي ادب تون اهڙو بي خوف ٿي ڪلام ڪرين ٿو، ڪجهه منهنجي خوف کان ڪين ڏرين ٿو.
ٿمبڪنو: جن کي خدا هڪ جو خوف آهي، آهي انسان کان هرگز ڪين ٿا ڊڄن.
شمشاد: مون آ ڪيو گناهه، تنهنجو ڇا غرض،
دنيا ڪيم تباهه، مگر تنهنجو ڇا غرض.
روئن ٿا مهر ماه، مگر تنهنجو ڇا غرض،
دنيا ڪري ٿي آه، مگر تنهنجو ڇا غرض:
غرض ڇا، اهو منهنجو فرض آهي.
جميل: اهو انسان نه آهي، جنهن جي دل ۾ رحم ۽ ايمان نه آهي.
(ٿمبڪنو صبر ڪري ڳليءَ جي منهن وٽ ليٽي ٿو پوي، انتر هندو ۽ مندس عورت هيٺي ٿمبڪنو جي پيٽ تي ڪرن ٿا ۽ ٿمبڪنو کين پادر هڻي ٿو.)
هندو: اڙي قسيمرا تون آدمي آهين يا ڳاسليٽ جو دٻو؟
ٿمبڪنو: قسيريءَ جا ٻچا، تنهنجي آبي جو ٻه آبو!
هندو: ڳروءَ ڪٿي پنهنجي ڪميا ڪٿي (در ڏي وڃي).
اڙي، او دروا جي وارا شنت، دروا جو ته کولجانءِ. جيڊ ڪر، اڙي شائين ڳرو کي ميچ، رام تنهنجا ڪارج ڪندو، اشان تي ديا ڪر (جواب ندارد. هري گوبند— هري رام— گوپالي ساءِ هي ليڙپيو دروا جي وارو ته ڇنو (ڇنو) ڪاه،

ڇنڇها مهل چلي ويو آهي. گروشون هاذري (هاڏي) ته جلم (ظالم) ٿيو، اسان وادرڪي (واتڪي) جات (ذات)، ساري رات ڪيئن گجاريندا سين (ٽمبڪٽو سان). سائين ڪانا وادان (خانه ودان)

ٽمبڪٽو: چپ، ڪافر شيطان!

هندو: هري گوبند، ڪرڪليان، ڪرڪليان! اهي ته مسلمان ڪو دشٽ ٿو ڏسجي. .

(ٽمبڪٽو جو عورت سان مسخري ڪرڻ)

ٽمبڪٽو: اڙي واه واه، هي ڪا عورت آهي يا ڪو ريشمي گُد يلو.

هندو: گرو شوُن، گوپلا، ڪبردار! اهڙين ڳلين تي اصل ڪونا ڪون ٿي پوندي — سر هڪ آ، ٻه نه ٿيندا. اڙي گوپالي ماءِ هيڏانهن ٿي ٻيهه، هي ليڙپيو ڪارباج (خارباز) آهي — منهن ڍڪي ڇڏ.

(انهر لٽڪن خان ۽ سندس عورت پيئي ٽمبڪٽو جي مٿان ڪرن ٿا، ۽ ٽمبڪٽو موچڙا هڻين ٿو.)

لٽڪن خان: اڙي ڪمبخت، تمارا پيٽ هے، يا پلاءِ ڪي ديگ!

ٽمبڪٽو: نه تڏهن تو وانگر جيسلمير جا ڏڪاري آهيو ڇا، جو خان جي گهوڙي وانگر چٽ ٿي ويو آهين.

(دروازي تي آواز ڪرڻ — جواب ندارد)

لٽڪن خان: پياري شهر ڪا در بند هوگيا، يهي جاءِ تعجب هے، ساري رات يهان ڪاٽني پڙيگي. يهان ڪا حاڪم تو بڙا آلو ڪا پٺا معلوم هوتا هے، ڪيا اسڪو

خبر نہ ٿي ڪ آج لٺڪن خان ڪي سواري آويگي. واه بيدادي نگري، چرپٽ راجا - ٽڪي سير ڀاڄي، ٽڪي سير کاجا. خير، آؤ اب تمو آغوش پر لپٽ سپٽ رهو، اور بستر گرم ڪرو. صبح دڪليگا، شهر پر مڪان لي رهينگي.

دل آرا: اي ميان، دل ميرا گهبراتا هي ڪيا ڪرون، اور رات ڪيون ڪر ڪٽيگي. بهتر هي ڪ تم ڪجهه گائو.

گانو - لٺڪن خان:

* لٽ پٽ تمي هين جنگ پر جاتي، هم تو بهادر لٺڪن خان،
ديک هماري دست وپا ڪو، جن وپري هون سپ خيران.
لولي لنگڙي دست وپا هين، ناڪ هي نڪٽي، بهري ڪان،
ديک شڪل روتي، غيرت سي آلو ڪي پي جاوي جان.
لولي هين تو مضائق هي ڪيا، لنگڙي هوني سي ڪيا غم،
نڪٽي هين تو فڪر نهين ڪجهه، هم هين ڦاڏڪڙي جنگي جوان.
ڪر نہ دل آرا پياري دل پر، تو اپني ڪجهه خوف و غم،
ٿوڙي دنون پر آن ملونگا، بوسہ دي اڪ ميري جان.

اب پياري جان تم ڀي گانا گائو، دل بهلائو.

گانو - دل آرا:

* بنوادو پيا ڪوئي ساري،
سو هي ريشم ڪي چولي ساڙهي.
تجهي ساڙهي بنادون مين پاري،
آس پر ڏاڏڪا هو گوٽا ڪناري،

* طرز: "شهر آيا مبت گهبرائو" (خدا دوست)

ڦر تو هوئے بهار —
نيا هوگا نظارا
گوري هاٿون ۾ چوڙي هو ڪالي،
اور ڪانون ۾ سوني کي بالے،
ابي لائون سنار—
هان‌هان جائو بزار.

(ٺمبڪٽو جي دل‌آرا سان مسخري ڪرڻ)

ٺمبڪٽو: سبحان‌الله، هي عورت آهي يا قنداري صوفن جو مربو!

لٽڪن خان: ابي، ڪمبخت، آلو ڪا دم، هٽ جائو. ڪيا ڪوئي خيراتي مال ديکا هے.

ٺمبڪٽو: نه، تڏهن ڪوئي گورنمنٽي مال آهي.

(دل‌آرا سان)

ٺمبڪٽو: ڪيئن منهنجي بابي جي خالا؟

دل آرا: دور هٽ، حسينون ڪي ستياناسي ڪا مصالح. مرجائے تيرا باوا، جسنے اتني دن تجهے پالا.

ٺمبڪٽو: اري مين هون تيرا چاهنے والا.

لٽڪن خان: ابے، دور نهين هٽتا، تيرا منهن هو ڪالا.

ٺمبڪٽو: واه ميان حسين، منهنجي بابي سائين جا سڳا مالا، معاف فرمائيئے جناب والا.

(انٽر آغا صاحب)

(ٺمبڪٽو جي متان ڪرڻ ۽ ٺمبڪٽو کي سيني جو خوب مارڻ)

آغا (در تي): او ظالم، اين دروازه (خو) ڪيون بند مي ڪني. (هندو سان) ڪافرون دروازه (خو) کولو.

هندو: آگا، گروشون مون بند نه ڪيو اٿي.

(اشارو ٺمبڪڻي طرف) انهيءَ قسيري جي حرڪت اٿئي.

آغا (ٺمبڪڻي سان): او ملعون، اين راخلاص ڪرو.

ٺمبڪڻو (علحده): وه خلاص ڪرو-جو پٽس ڏاڍهنس جو نوڪر آهيان. اچي ٿي خار ته بابي سائين جي غصي ڪي ٿو سڌ ڪيان.

آغا (لٺڪن خان سان): اگر آغا را غصه مي اچد، ترا ايڪ لونشه مي زند.

لٺڪن خان: آغا نمري سنائو، تو ڦر دروازا کولون.

آغا: والله نمري چه بلا است!

هندو: آغا، گجل گجل (غزل)!

آغا: غزل غزل، خوب خوب!

گاڏو- آغا:

* اين جا بيا، ڪ يار ترا پيار مي ڪنم،
اتنا ڪيا سفر، ڪ هوا کانا سب هضم.
حالم خراب شد مرا، والله در سفر،
سيرب ڪلان شد، ڪ بياور گند و حجم
بوسه بده هضم ڪنم، خوراڪ شام ڪي،
جانم فدائي جان تو. بابي جو آ قسم.
سعدي نه گفت اهڙو شعر در همه عمر،
والله ڪرد "آغا"، اين جا شاعري ختم.

---

* طرز: "امروز ديگرم. بفراق. تو شام شد."

ٿمڪنو: آغا ٿارو ملڪ ڪون، ڇي، ڇي.

(آغا جي منهن ۾ ڇڪون ٿو ڏئي)

آغا: اي، اي — ڪيا ملڪ ما.

هندو: تنهنجي ماءُ جو ٿم، تنهنجو ملڪ.

آغا (هندو کي ماري ٿو): صبر ڪرو ڪافرون — ڦر آغا را چڙ مي نه دهي.

هندو: هڻ هڻ ليڙ پيا، پيو ته هٽي ڏس. گروشون گوپالي ماءُ ڏوتي چڙي پئي، نه ته وري هن شنجها مهل کون خون) ڪري وجهان ها. (علحدو) رام رام، کوهلي لگدي ته، کوب ڪشي. شنهجا جي رسوئي به هجم (هضم) ٿي ويئي.

(انتر ۽ ڇٽ)

(هڪ هڪڙيءَ گليءَ کان، ٻيو ٻيءَ گليءَ کان، ڏاس جي نوڙي وٺيندا ٿا اچن. هڪ کي جتي جيلهه سان، ۽ ٻئي کي پٽڪي ۾ بدل آهي.)

پهريون ڇٽ: اڙي وڏيرا واصل ڀلي آئين، نچ آئين، خوش آن، چڱو ڀلو، تازو مردانو، ٻار ٻچا خوش — ڳوٺ، ڳئون، ميهون، وڇون، ڪونهان، ڪڪڙ — ڌ ڪڙ، پٽ ڀائر، مال رزق، سڀ ڏي خير. گهرجي به خيرا!

ٻيو ڇٽ: وڏيرا واڏل پٺهين جادل ته چوکو آ. ڏون اُڇڪ آن، ڪرڙ ڪندو، مڇر، مٽر، ڳاجي آديو، ڇتل ڇڻي، ڇانگو ڇپر، سڀ خوش — ڀلا ڇاچو ڇنڊول خان ته ڇاڪ پڙ هو. جوسو، موسو، ٻوسو، ڦوسو سڀ خوش!

ڀهريون چٽ: ادو، قادر ڪل خير آهي! عبدالبند، عبدالقوڙات، عبدالپتر سڀني گهڻا گهڻا سلام ڏنئي. پر ادو، چاچو چنبول خان چيڙڪوريءَ جو ولي عهد هيو نه!

ڀيو چٽ: ها ها، جنهن جي تنهنجي مائيءَ گهر واريءَ سان به عليڪ سليڪ هئي.

ڀهريون چٽ: اهو ڪالهه سادي سترهين بجي مهل مري ويو، ڀيو مڙئي خير آهي!

ڀيو چٽ: اڙي هاءِ، اڙي هاءِ، پر هيو مڙش، پر ڪري لچائي ويو.

ڏمبڪڙو: هان هان، آدمي آهي يا ڪاٺ جو ڦلاءِبو— چو مئو، بابهن جي آرڊر سان مئو!

ڀهريون چٽ: بس ادو، ست نه جهليائين.

ڀيو چٽ: ڀلا ڀيو ته مڙيئي خير آ!

ڀهريون چٽ: ها ڀيو ڪل خير آهي. هو اوهان جي پاڙي ۾ مائي ڀهريات جو پٽ آڪڙباز خان هو نه، اهو به ڪلهه قبر جي حوالي ٿيو. ڀيو مڙيئي خير آهي!

ڀيو چٽ: شڪر ٿيو، شڪر ٿيو، پر ڀيو ته سڀئي خير آهي!

ڀهريون چٽ: ها، ڀيو ڪل قادر خير ڪيو آهي. هو سچ پُرم وڏيرو پينگ بخش هيو نه اهو به مري ويو. گهر سڙي ويس—

ڀيو چٽ: واه ڀيلي، ڏاڍو چڱو ٿيو! ڳوٺ ته واندو ۽ ويڪرو ٿي پيو هوندو.

ڀهريون چٽ: ڀلا ٽون ڏي خبر. پاڃائي جو پير لڏا

هئا سا، ته آچڪ آهي.

ٻيو چٽ: شخر آ، شخر، پر ڇري رن دل لوڙهي پئي آهي.

ڀهريون چٽ: ادو، منهنجا به پاڇائيءَ کي سلام ڏجانءِ.

ٻيو چٽ: اکين سان ادو، اکين سان!

ٽمبڪٽو: اڙي، واه ڪمبخت. ٽنهنجو هن جي زال سان ڇا، جو سلام ڏو موڪلينس. هي وري کهڙو فيشن. سچ چيو اٿن ته چٽ من الوث، ولوڪان من الذبح.

ڀهريون چٽ: اي شيدي جوان خوش آن، چڱو ڀلو، تازو مردانو!

ٽمبڪٽو: ادا، تون خوش آهين، ڏاهو متارو، ونبڪٽ، جوڙ ضرب. ويا ج مور راس لاٿ. سارو ڳوٺ بولو خوش، ڇي، ڇي، ڇي (چڪون ڏيڻ).

چٽ ڀهريون: شخر آ، شخر آ، پر جوان، هن بلهڙير ڳوٺ جو در ڪڏهن کلندو؟

ٽمبڪٽو: جڏهن اوهان هڪ هڪ ڪافي ڳائيندو.

چٽ ٻيو: حاضر ادو، اسان جو بابو سائين به ڪافر هو، ملڪن ۾ مڙس جي ريـﮧ، هئي.

ڪافي چٽ:

چئجانءِ پنهل کي، منهنجا ادا پانڌي،
مان ڏي مران مفت اڇي ڏجو ڪانڌي!
جيئجان ڄڃن لـئـي، هان ٻيران ٻر ۾،
ڏک سور سرتيون، سانديان اندر ۾،

پنهنجي پنهل کي ٿي ووڙيان وندر ۾،
سرتيون سورن کان، آءٌ ناهيان واندي.
اديون ڏکيءَ سان زوري کيائون،
هنجان چني هوت، هَي هَي نيائون؛
ڦـازا ٻـروٻات هـر هـر چـيـائـون،
ڏانگو روان ڪري، ڪيون پنهل باندي.
پينر بلوچن جو آهي ٻـره ٻـاري،
سهـڻـن سـاري رات رڻ ۾ رڙاري؛
اديون آريءَ کي منهنجي ڪجو زاري،
هيڪر اچي هوت ڏج ٻانهن سيراندي.
ڏرن ٻرن ۾ ”آغا“ جا تـاڏا،
جيلن جـون جهوليون، تڪر تڪاڻا؛
پـتـر پرتيون آءٌ پـلـنـگ تـي جـاڏا،
سسئي سورن پار، ڪئي آهي ماندي.

چت ١: پـر ادو، هاڻي ڪو ڏڪر ڏاپ جو ٻهلزير مهرباني ڪر.

تمبڪنو: اڙي واه، هت ڪو هوٽل يا بابي سائينءَ جو ٻورچيخانو لڌو اٿئي ڇا؟

(اذتر پڙهاڻ ٣ چٽا)

(تمبڪني جي منٿان ڪرن ٿا ۽ تمبڪني کي مارن ٿا. پيئي چٽا دروازي تي آواز ڪن ٿا، مگر جواب ندارد.)

گانو پڙهاڻن جو:

*سوڪعاشق پٽاوي، هميش حال ٻٽاوي،
شب و روز ۾ جڙاوي، استا پر، در، در، درا!

* طرز: ”تيري چل پل هے پياري“

سر ۾ قربان شي پنا دلبر جان، سحذي نازڪ
دي والله گل پشان،
نشتا صنم استا پشان، قسم پا عرب و عجم
تيري واه، واه، واه —
واه، واه، واه — واه، واه، واه!
غواڙي نوروز استادا وصل يوجام، ڪلا
باور ڪئي دا،
سرولب انعام، ولاڙدي نن بيا استاب در
ڪئي گدا،
سوال ڪري هر صبا تيري واه، واه، واه —
واه واه، واه — واه، وه، واه!

(انٽر ڊاڪٽر)

ڊاڪٽر: اي، تم لوگ ڪيا گڙبڙ مچايا هي!
لٽڪن: اري، يهي تو ڪاٽني ڪو آيا هي.
هندو: اري، او گوپالي ماءِ ڪيڏانهن گرڪ ٿيندءِ. هي ڪوبلو، شاحب لوڪ، گوٽ نوٽ، ٽوٽ شوٽ، ڪندو تو وتي ته وري ڪا ڪرابي نه ٿئي. بوجن سان اچي ڪارج پيو آهي. ڪرشن سهراج! ڪا ڪرپا ڪج — گوبند تون ڪير جي گجار (گذار)!
ڊاڪٽر (ٺمبڪٽي سان): اي، تم لوگ ڪوي هي؟
ٺمبڪٽو: جواب ندارد.
ڊاڪٽر: اي، تم پڙا آلو ديکني ۾ آتا هي.
ٺمبڪٽو: هان، هان، آءٌ ڪارو آلو صاحب سفيد آلو.

ڊاڪٽر: تم ڪون هي آدمي ڪالا؟
ٽمبڪٽو: واه ڙي، ڊابي سائين جا سڳا سالا.
ڊاڪٽر: اي، آلو ڪا پٺا، تم ڪيا بڪتا هي؟
ٽمبڪٽو: اي پٽي جا آلو، ذرا زور سان هن ڪن ۾ ٻڌاءِ.
ڊاڪٽر (ڪن ۾): تم ڪون هي؟
ٽمبڪٽو: نه نه، پلا هن ڪن ۾ ٻڌاءِ، ساڄي سڄين آني واري ته هن ڪن ڪان سٽائين ڪين.
ڊاڪٽر: اڌر ڪيون گڙبڙ مچايا هي؟
ٽمبڪٽو: ڇا تنهنجي ڊابي سائينءَ جي حرمسراءِ آهي.
ڊاڪٽر: مين ولائتي ڊاڪٽر هون، جب تم ڪو سارٽيفڪيٽ دونگا، تب تم شهر ۾ داخل ڪئي جائوگي.
ٽمبڪٽو: موت جي ڦاٽڪ جو سارٽيفڪيٽ ملندو ڇا؟
ڊاڪٽر: ول اب صاحب تمارا نام دريافت ڪرنا مانگتا هي.
ٽمبڪٽو: ڊاڪٽر صاحب نالو ته منهنجو بڪس ۾ بند آهي، ڪنجي وڃائجي ويئي آهي، نه ته اڪين سان ٻڌايان ها.
ڊاڪٽر: ڊيم. فول. پاگل!
ٽمبڪٽو: صاحب، نالو ته منهنجو مسٽر ٽمبڪٽو، سن آف مس راسبري اسڪاير هئي.
ڊاڪٽر: ڪيا ٽمبڪٽو (لکندو ٿو وڃي)!
ٽمبڪٽو: نه نه، مسٽر ٽمبڪٽو!
ڊاڪٽر: ول باپ ڪا نام؟

ٽمبڪٽو: آلو جو پٽو، ولد سوڍا واٽر خان.
ڊاڪٽر: دادا ڪا ذام؟
ٽمبڪٽو: خراساني گهٽو، پٽ لمليٽ خان.
ڊاڪٽر: ول ٽم ڪالا ڪيون هوا هي؟
ٽمبڪٽو: هان، هي صاحب آهي يا حماقت جي ريل آهي. حضور مين ڪنٽري آلو، صاحب ولائتي آلو.
ڊاڪٽر: يعني، مٽلب (مطلب)؟
ٽمبڪٽو: يعني، صاحب ڪي شڪل لنڪا ڪي لنگور ڪي موافق ڪيئن ٿي آهي.
ڊاڪٽر: ڪيا لنڪا ڪيا لنگور!
ٽمبڪٽو: هان هان، بنگالي بي دم باندر.
ڊاڪٽر: اڇا، هٽ جائو، ٽمهاري بڪوات صاحب ڪي عقل ۾ نهي آتي.
ٽمبڪٽو: ٺٽي اڇي ته وڃي اشتهاري حڪيمن کان دماغ جي دوا ڪرايو، يا پارسل ٿي واپس ولايت وڃو.
ڊاڪٽر (لٽڪن خان سان): ول ٽمارا نام؟
لٽڪن: ميري نام سي ٽمارا ڪيا ڪام.
ڊاڪٽر: ڊيم فول، جلد بتائو ٽائم جاتا هي.
لٽڪن: اڇا صاحب، خفا مت هو. بندي ڪا نام مبارڪ هي. جناب مولانا حضرت حافظ، حاذق حارص حريف نه بدمعاش، نه شريف، نه ربي نه خريف — حاجي الحرسين ولمغربين، ڪورالعين. چهار طرفين، من المول، گڙٻڙ گهٽول — جناب شيخ ڪچڪول.
ڊاڪٽر: باپ ڪا ذام؟

لڏڪن ڦاڏل ڦوڏل ڏول.
ڊاڪٽر: دادا ڪا نام؟
لڏڪن: خراساني خول.
ٽمبڪٽو: اسڪو پيٽ پر مارو پستول.
ڊاڪٽر: اي، تم بيچ م نه بول.
ٽمبڪٽو: اڇا مسٽر ٽارڪول.
لڏڪن: سبحان الله، ڪيا بات هي، يهي تو شعر شاعري ڪا هيڊ ڪوارٽر هي، يا ڪوئي جنڪشن اسٽيشن هي. ڪنٽري، ولائتي، اغيره وغيره شاعر، سب يهان حاضر هين.
ڊاڪٽر (ڇٽن سان): ول ڇٽ لوگ تمارا نام ڪيا هي؟
ڇٽ ١: ادو، اسان جو نالو آهي ڏنڊو.
ڊاڪٽر: باپ ڪا نام؟
ڇٽ ١: ابي جو نالو ڪنڊو.
ڊاڪٽر: دادا ڪا نام؟
ڇٽ ١: هاءِ هاءِ، ڏاڏل سائين جي ته ملڪن ۾ رڙيون هيون. سائين نالو هيس صافو.
ڊاڪٽر: مان ڪا نام؟
ڇٽ ١: مون ته پنهنجو نالو سرڪاري پهريان مٽايو.
ٽمبڪٽو: اڙي ڪمبخت، تون ڏ، تنهنجي ماءُ!
ڇٽ ١: هان، بيبي جمني مائي.
ڊاڪٽر: ول تمارا پيشه ڪيا هي؟
ڇٽ ١: صاحب منهنجو پيشاب اهڙو ڳاڙهو آهي، جهڙو صاحب جي منهن جو رنگ.
ڊاڪٽر: اي گدي ڪي مافڪ (موافق).

ٽمبڪٽو: اڙي ڪاٿ جا آلو - صاحب ڏنڊو ڪم ڏو پڇئي.

چٽ ۱: سيٺ ڏنڊو ته اسان جو گرڙگهوٽ، گرڙگهوٽ آهي، ٻيو وري ڪهڙو هوندو! آهو ڀاڻيهي سمجهي وڏو ها، پڇڻ جو ڪهڙو ضرور. ڀلا ادا، ڇٽن سان ڀئي آهي!

(ڊاڪٽر ڀئي چٽ سان)

ڊاڪٽر: ول تمارا نام؟

چٽ ۲: جهبو.

ڊاڪٽر: باپ ڪا نام؟

چٽ ۲: ڪپيو.

ڊاڪٽر: دادا ڪا نام؟

چٽ ۲: رنپيو.

(ڊاڪٽر هندوءَ سان)

ڊاڪٽر: ول تمارا نام ڪيا هئي؟

هندو: ڀائي آچاراءِ.

ڊاڪٽر: باپ ڪا نام؟

هندو: ملڪ، سيٺ ڀاپرداس ستن ڪوٽن جو ڪاندو.

ڊاڪٽر: دادا ڪا نام؟

هندو: ڪاندو، ڀاپو پڪوڙو مل پٽ ستياداس راءِ.

ڊاڪٽر: ماں ڪا نام؟

هندو: حجور، مان ته پنهنجي جال (زال) کي چاچي چٽي چوندو آهيان، پوءِ سرڪار مائي باپ آهي.

(ڊاڪٽر پٺاڻن سان)

ڊاڪٽر: ول پٺاڻ تمارا نام ڪيا هي؟

پٺاڻ ١: همارا نام چلم خان.
ڊاڪٽر: اور تمارا؟
پٺاڻ ٢: چرس خان.
ڊاڪٽر: تمارا؟
پٺاڻ ٣: ٽپوس خان ولد خڙوس خان.

(ڊاڪٽر آغا صاحب مان)

ڊاڪٽر: ول تمارا نام ڪيا هي؟

آغا: صبر ڪرو، ڪافرون فرنگي، هم سردار لوگ هئي— هم خو لڙيگا.

ڊاڪٽر: اڇا، بابو لوگ صبر ڪرو لڙو مت. تم ڪو صاحب سرٽيفڪيٽ ديتا هئي. اب سو جائو، صبح ڪو شهر کا در کهليگا.

(ڊاڪٽر ايگزٽ)

ٺمبڪٽو: هينئر ته سوچڻ جي پوءِ ڪان ڪيئن بنان في بابو ڏاڏو ڏو بڻائي. پٺاڻن جو مذهب اهڙو آهي.

(سڀ سمهن ٿا)

(جميل جو خنجر کڻي اچڻ)

جميل: خواب گاه جا دروازا کليا پيا آهن، دروازي تي قضا پهرو ڏئي رهي آهي. آها، ها— ڪهڙيءَ نه مٺيءَ ننڊ ۾ غافل پيو آهي. اي ننڊ جا متوالا، تون ڪجهه نٿو ڄاڻين. هت تنهنجي موت جو سامان تيار ٿي رهيو آهي. اي رات، تون ظالم جي دل واڱر اچا ۽ سياهه ۽ خوفناڪ ٿي. آسمان جا ستارؤ، ابر جي نقاب ۾ پنهنجي رخ روشن

کي ڇڏايو، ڇاڪاڻ تہ اوهان هن هولناڪ نظاري جي ڏسڻ جو تاب نہ آڻي سگهندؤ، شورغل مچائي، منهنجي سٽل شڪار کي بستر ِ موت کان جاڳائيندؤ. اي جهنم جي آگ، اگر منهنجي جسم ۾ ذرو بہ رحم جو حصو باقي رهجي ويو هجي، تہ ان کي جلائي خاڪ ڪر. او خوني ديوتا، منهنجا هٿ فولاد کان ۽ دل پٿر کان زياده سخت بڻائي ڇڏ. واه، گهڙيال هن جي آخر عمر گهڙي وڄائي پوري ڪئي. ڇا هن زهري نانگ کي زنده ڇڏي ڏيان! نہ نہ، هرگز نہ! هن ناپاڪ هستيءَ کان دنيا جو دامن پاڪ ڪرڻ ضروري آهي. اي خنجر، خونخوار خنجر، غمخوار خنجر، هر مشڪل ۾ مددگار خنجر! مان بہ مرد ذات آهيان ۽ تون بہ مرد ذات آهين. بيڪسيءَ ۾ همدردي ڪرڻ لازم آهي، مردکي مرد جي ڪم اچڻ ثواب ِ اعظم آهي.

بيت

هڪ بار ۾، هڪ وار ۾، موذي جو سينو چاڪ ڪر،
برق تون آن، برگ آ، هي جلد ساڙي خاڪ ڪر.

(جميل جو وار ڪرڻ، ٺمڪڻي جو سجاڳ ٿيڻ.)

ٺمڪڻو: خبردار، خوني خبردار!

جميل: دور هٽ، او مڪار!

مسافر: پڪڙيو، پڪڙيو، خوني جڪڙيو!

(شور ٿيڻ، پليس جو اچڻ، ۽ جميل کي گرفتار ڪرڻ.)

(پردو ڪرڻ — ڊراپسين)

باب ٽيون

پردو پهريون

(ممتاز قيد ياني لباس ۾ ويٺو آهي)

ممتاز: اي خالق ڪون و مڪان، مالڪ هرانس وجان! اگر تنهنجي مرضي آهي ته مان هنن ظالمن جي اڳيان ذليل ٿيان، ته هن بيصبر دل کي صبر عطا فرماءِ! اي ظالمو، ڇا اوهان اهو ڪين ڄاڻو ٿا ته ظالم مظلوم کي ستائي ڪهڙو ڦل ٿو پائي! غافل نه ٿيو، اجايو دوکو نه کائو، خدا جي رحم کي لٽولين مان نه آڙايو — غمگين دلين نه ستايو. هن قادر مطلق جي سوٽي بي آواز آهي؛ هن جي چڪي ڦرڻ ۾ سست، مگر پيهڻ ۾ جلد باز آهي. مان انهيءَ وٽ فرياد ڪٽي ويندس، مان پنهنجن رڙين سان هن جو ستل قهر جاڳائيندس. هو ڇوندو مان ڇوائيندس، هو ٻڌندو مان ٻڌائيندس؛ بلڪ هن دل چاڪ جا زخمي ٽڪرا به ڏيکاريندس.

(اندر فوجدار)

فوجدار: او خوني، قاتل بدڪردار، عزت جا دشمن، ذلت جا خريدار، اجا توکي وجهه ڏنو وڃي ٿو. سچ سچ بيان ڪر، ڪجهه ٿيان ڪر.

ممتاز: هينئر تم بي عزت آهيان، بدذات آهيان،

خوني آهيان، خونخوار آهيان، هڪ قيدي آهيان، ذليل آهيان، گنهگار آهيان!

فوجدار: اي ديوانا، تون ناحق خاندانن جي پاڪ عصمت کي داغ ڏين ٿو، ۽ پرده دار عورتن کي معشوق سڏين ٿو.

ممتاز: تير، تلوار، تيغ، نيزه و تبر برزن،
زهر، خون، آگ مصيبت جا خنجر برسن،
بجليون چرخ کان ۽ ڪوهه کان پٿر برسن؛
ساري دنيا جون بلائون، پلي برسر برسن،
ٿئي ختم پل ته هي ۽ هر هڪ مصيبت مون تي،
مگر الفت کان مٽيان منهن، ته آ لعنت مون تي!

فوجدار: غور ڪر، ورنه اجل تيار آهي،
تنهنجو سر آهي ۽ هي ۽ منهنجي تلوار آهي.

ممتاز: مصيبت جي پؤ، رنج جي حول کان،
عاشق بدلن ڪتا پنهنجي قول کان.

فوجدار: مان توکي وري ٿو چوان ته تون خون جو اقرار ڪر، انڪار نه ڪر، ورنه تنهنجو سينو سيف سان چاڪ ڪبو تنهنجو لاش جلائي خاڪ ڪبو.

ممتاز: اي ستمگر، زيردستون پر ستمگاري نه ڪر،
ظلم کي اقليم ڪي، هرچند سرداري نه ڪر!
توڙ مسجد، ڦاڙ مصحف، پي شراب، اور ڪر زنا،
جو تو ڪرتا هي تو ڪر، پهي مردم آزاري نه ڪر.

فوجدار: پنهنجي ضد کان باز نٿو اچين، ياد رکج، سئين رستي تي ممتاز نٿو اچين. (سپاهين سان) خير، مقدمو

شروع ڪيو، ڪيس ڪورٽ ۾ رجوع ڪيو.

(فوجدار ايگزٽ)

ممتاز: اي خدا دو جهان، مالڪِ زمين و آسمان! اگر ممتاز کي ڪجهه، اميد آهي ته تنهنجي ذات پاڪ کان آهي.

گانو ممتاز:

* اي ڪار سازِ عالم، مشڪل ڪشا تون آن،
اي بيڪسن جا مالڪ، لائق ثنا تون آن!
هن مبتلاءِ غم جي، اي بيڪسي خبر لهه،
سڀ جڳ ٿيو آ دشمن، هڪ آشنا تون آن.
ڪر دور تون هي داتا، دشمن سيئي دورنگا،
دانا ته تون آن مولا، منصف صفا تون آن.
شرم و حيا جو توتي، ننگ آه منهنجا مولا،
رک آبرو تون جڳ ۾، لطفِ فزا تون آن.
محشر ۾ پي اي "آغا" مان نيڪ نام رهندس،
هن دل منهنجي جو مولا، شاهد خدا تون آن.

(ممتاز ايگزٽ)

---

* طرز: "مولا ميري مدد ڪر، مشڪل ۾ آني والي!"

پردو پيو

ڪورٽ

جج: پٽيوالا! فريادي شمشاد، جوابدار ممتاز ۽ جميل کي حاضر ڪر.

پٽيوالو: جوابدار ممتاز حاضر ٿئي!

جوابدار جميل حاضر ٿئي!

فريادي شمشاد حاضر ٿئي!

(انٽر ممتاز، جميل، شمشاد)

جج: ممتاز تنهنجو نالو آهي؟

ممتاز: جي، ممتاز پر غم، هن اسيرِ الم جو نالو آهي.

جج: ڇا خوني تون آهين؟

ممتاز: مان ته نه خوني آهيان نه جنوني آهيان، مگر مبتلاءِ قضا آهيان — نه سينه‌زور آهيان، نه چور، نه لائق سزا آهيان.

جج: چئو خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي ته سچ سچ چوندس.

ممتاز: بخششِ جرم جو سامان شل مون سان رهي،
جان وڃي، مگر ايمان شل مون سان رهي.

جج: جلد ٻڌاءِ، تون ڪرين ٿو شيون ڪنهن واسطي،
چاڪ چاڪ آهي دامن تو ڪنهن واسطي؟

ممتاز: هيءَ افسوس جو مڪان آهي، جو اوهان جهڙو

داناءُ جج هجي ۽ پوءِ به جوابدار کان احوال مصيبت دريافت ڪئي.

آذمي صاحب سچا پچي ڏو قيافي ڪي ڏسي،
مضمون خط ڏو چانڊجي، يڪدم لفافي ڪي ڏسي.
اگر او ماڻ ۾ ڪجهه دانش آهي، ته اتي جو اتي
هرهڪ جي آزمائش آهي.

جج: ڀلا حقيقت ۾ مجرم ڪير آهي؟
ممتاز: آئيو جو ڪڙ ڪعبي کان، ڪٿي رهندي مسلماني!
جج: يعني؟
ممتاز: فرشتا ۽ هيءَ شيطاني، پاڻ ۽ هيءَ بي ايماني!
جج: چا، خود جميل!
ممتاز: جي، اهو ڪم اصيل — رذيل.

جڏهن هن بيڪس تي تي رهيو هو ستم، هن جي تيغ آهين جو،
فلڪ تي خوف کان لرزيو ۽ تڙپيو تي جگر زمين جو؛
قريب اچي ڏو روز محشر، نه ڇپندو خون هي ناحق،
جي چپ رهندي زبان خنجر لهو پڪاريندو آستين جو.

جميل: افسوس منهنجي جان جا خوني بدو؛ منهنجي خاندان جا عدو — چا تو منهنجو بازو ڪين ڪاٽيو،
منهنجي پياري ڀيڻ جو خون زمين تي ڪين ڇانٽيو؟

ڪيئن سبز چمن منهنجو، تو برباد ڪيو،
تو رحم نه — افسوس اي جلاد ڪيو!

ممتاز: جيترو آبنوس ۽ هاٿي جي ڏندن ۾ فرق آهي، اوترو ئي تنهنجي ۽ هن جي گوشت ۽ خون ۾ فرق آهي.
هوءَ راحم، تون ظالم؛ هوءَ دمساز تون دمباز — "چه نسبت

خاڪ را، با عالم پاڪ!"

جج: پهرين انهيءَ جي ثابتي ڪورٽ کي پيش ڪر!

ممتاز: اهو سارو هن شمشاد بد خصال جي روباه بازيءَ جو وار آهي، اهو هن ڪمبخت جي فتني پردازيءَ دغابازيءَ جو چار آهي؛ جو اڄ ممتاز هن مصيبت ۾ گرفتار آهي.

انهيءَ مظلوم جو آ خون صاحب هن جي گردن تي،
خداوند شل وجهي صد بار لعنت، اهڙن مردن تي!

جج: انهيءَ جو ڪو گواهه آهي؟

ممتاز: هڪ ته مندس حبشي غلام گواهه آهي، ٻيو شاهد الله آهي.

شمشاد (علحدو): اهو ته مان چئي رهيو آهيان ته هن خون جو جميل سزاوار آهي، اهوئي گنهگار آهي.

بيت

شام غربت جي مون کي پنهنجي ڪهاڻي ياد آ،
دشمن جان آ انهيءَ جي ايذا رساني ياد آ.

فوجدار: ليڪن سرڪار انهيءَ جو سبب اور آهي، هيءَ ڳالهه قابل غور آهي. هي ممتاز متوالو ٿو ڏسجي، شراب خور، بدچالو ٿو ڏسجي.

ممتاز: جي، بيشڪ مان بدچالو، حجتي، لعنتي، متوالو، حرام جو مال پايان ٿو؛ شراب خوريءَ ۾ آڏايان ٿو؛ جڏهن ڪنهن کان نفعو نه کاوان ٿو، تڏهن ان کي گنهگار بڻايان ٿو.

بي گناهن جي ڳلي تي ڇري ڦيرايان ٿو،
غريبن کي ڦاسي تي چڙهايان ٿو،

جي شخص ڏٺن ڪين خدا کان، سي اسان هون،
جي پيش اچن ظلم و جفا سان، سي اسان هون؛
مجرم جي بڻائن ٿا دغا سان، سي اسان هون!

فوجدار: او بد اوسان خاموش، ورنه تنهنجي زبان ڪاٽي ويندي.

ممتاز: هان هان، ڪاٽي ڇڏيو، ڪاٽي ڇڏيو، ڪاٽي ڇڏيو،
سر کان اول منهنجي زبان ڪاٽي ڇڏيو.

چڱو ٿيندو جو قيامت جي ڏينهن منهنجي منهن ۾ زبان ڪانه هوندي، جو خداوند جي روبرو تنهنجي مڪاري، هنن ظالمن جي جفاڪاري، بيان ٿيندي؛ ورنه اوهان جا سڀ عيب کلي پوندا.

سپاهي: توکي خبر نه آهي، ته جيڪو بي ادبيءَ جي فريب ڏئي ٿو، تنهن کي قيد نصيب ٿئي ٿو.

ٺمڪٺو: قيدي ته سارو زمانو آهي، جنهن ۾ اوهان جهڙن بدمعاشن جو ٽڪاڻو آهي.

جج: او، پاءَ ۽ پيءُ سان هيءَ ڪج ادائي،
لعنت، لعنت، او قصائي!

جميل (علحدو): افسوس، اگر هن پوليٽيڪلي ڪان خبردار ٿيان ها، ته پيءُ جي خون وهائڻ لاءِ تيار ٿيان ها ۽ اڄ هن مصيبت ۾ گرفتار ٿيا ها. (جج سان) ليڪن حضور انهيءَ جو به ڪو سبب ضرور هوندو، ڪنهن ٻئي جو فتور هوندو.

جج: پلا جلد جلد بيان ڪر، سارو قصو پبلڪ تي عيان ڪر.

جميل: مون کي ته هن شمشاد ناشاد شراب پياري، ڏناري، پيسا ڏيکاري، پيءُ جو خون ڪرايو آهي؛ هن ممتاز تي اجايو الزام ڏرايو آهي. مان ڏوهي، هي بي ڏوهي آ، اهو سڀ (اشارو شمشاد ڏانهن) هن مڪار جو ڏوهه آ.

شمشاد: اي جميل، اهڙيون ڳالهيون نه ڪر، ڪجهه خدا کان ڊڄ.

جج: اي ٺمبڪٽو، تو کي جيڪا خبر آهي سا جلد اظهار ڪر، هن ناحق خون جو قصو عالم آشڪار ڪر.

سپاهي: بڊائين نٽو حيوان.

ٺمبڪٽو: بڊايانءِ ڏو شيطان.

سپاهي ٢: جلد جلد بيان ڪر، او شيدي روسياه!

ٺمبڪٽو: هل هل، راوڻ جا قبلہ گاه! حضور، غريبن جا عيب زياده ظاهر ٿين ٿا. اميرن ۾ گرچ هزارها عيب آهن، مگر سندن زر و دولت سان گڏ صندوقن ۾ بند رهن ٿا.

فوجدار: حضور، ٺمبڪٽو ديوانو آهي.

ٺمبڪٽو: اوهان جو دماغ به گدوبندر جو پاڳل خانو آهي.

فوجدار: سرڪار هي روسياه گواه، ڪاذب ٿو ڏسجي، بلڪ فاسق ٿو ڏسجي.

ٺمبڪٽو: برابر حضور، ليڪن جهڙيءَ طرح خداوند پاڪ پٿر جي اندر لعل ڇپائي ٿو، اهڙيءَ طرح پيانڪ شڪل ۾ خوفناڪ چهري وارن جي سيني ۾ به نرم ۽ رحم واري دل عطا فرمائي ٿو. (جج سان) حضور، هي ممتاز صاف بيقصور آهي، هي جميل رذيل پنهنجي پيءُ جو قاتل آهي، جنهن

مان هي شمشاد ناشاد ڀي شامل آهي.
شمشاد: زنده حماقت، توکي هت کنهن موکليو، کنهن گهرايو؟
ٿمبڪنو: ايمان موکليو، انصاف گهرايو.
شمشاد: تنهنجي اچڻ جو ڇا ضرور هو.
ٿمبڪنو: هڪ بيکس کي ظلم کان ڇڏائڻ منظور هو.
فوجدار: ڇا ايمان توکي هت بدزباني لاءِ موکليو آهي؟
ٿمبڪنو: ته ڇا توکي خدا هت ٻي ايمانيءَ لاءِ موکليو آهي؟
شمشاد: ڇا تون منهنجو غلام ٿي، منهنجو شريڪ حال ڪين آهين؟
ٿمبڪنو: بيشڪ، هڪ مظلوم دشمن جي شراڪت منظور آهي، مگر ظالم مالڪ جي شراڪت جو ضرور نه آهي.
فوجدار: ڪير ٿو توکان اهڙيون ڳالهيون پڇي.
ٿمبڪنو: رحم ۽ نيڪي.
شمشاد: ڇا تون منهنجي غصي کان بي خبر آهين.
ٿمبڪنو: مون کي تنهنجي غصي کان زياده خدا جي غصي جو خوف آهي.
فوجدار: بدزبانن جي طرح بدزباني،
ٿمبڪنو: شيطانن جي طرح بي ايماني،
فوجدار: عقل اٿئي انجام تي نظر ڪر!
ٿمبڪنو: بندو آهين ته خدا جو ڊر ڪر! (علحده)، افسوس، هن آفيسر پوليس، فرعون جي ڏاڏي ابليس جي

دل الاجي چا مان جڙيل آهي. اگر پٿر جي هجي ها ته ڀاڄي ٿي پوي ها، اگر لوهه جي هجي ها ته ڀڳھري وڃي ها، مگر هن دوزخي دنبي جي دل شايد دوزخ جي آگ مان پيدا ٿيل آهي. مون کي يقين آهي ته قيامت ۾ به دوزخ جي دروازن تي اهي پهرو ڏيندا.

فوجدار: ٽمبڪٽو خاموش!

ٽمبڪٽو: مان سچ ٿو چوان.

فوجدار: نه چئو!

ٽمبڪٽو: جا تون سرڪاري عملدار ٿي مون کي ڪوڙ چوڻ لاءِ مجبور ڪرين ٿو، بهتر آهي ته مون کي پنهنجي تلوار عنايت ڪر، ته مان هيءَ زبان ڪپي اڇلايان.

فوجدار: اهو به جواب جهول آهي.

ٽمبڪٽو: نه ته اها ڳالهه مچ، ته زبان خدا سچ چوڻ لاءِ عطا فرمائي آهي، ورنه هن جو هڻڻ فضول آهي.

جج: اهو بحث جا تي آهي، (فوجدار سان) جا تون شمشاد جو وڪيل آهين؟ اهو بيشڪ خلاف ايمان آهي، سچ چوڻ ۽ سچ جي طرفان وڙهڻ، اهو خدا جو فرمان آهي.

فوجدار: ڪورٽ جي راءِ منظور آهي، مگر مشيرن جي صلاح جو به ضرور آهي.

جج: جنٽلمين، ڪورٽ اوهان صاحبن کان دريافت ٿي ڪري ته، اوهان هن جوابدار کي هن کان اڳ ڪنهن آدميءَ کي قتل ڪرائيندو ڏٺو آهي.

مشير: نه.

جج: ڪنهن سان وڙهندو ڏٺو آهي؟

مشير: اصل نه.

جج: ڪنهن تي حملو ڪندي ڏٺو آهي؟

مشير: ڪڏهن به نه.

جج: ٻيءَ جاءِ غور آهي ته جنهن بي گناهه فرشتي اڄ تائين ڪنهن ڏي غصي سان به ڪين ڏٺو آهي- ڇا هي ممڪن آهي، جو هو يڪدم رحم ۽ نيڪيءَ کان اهڙو بيزار ٿي ويندو، جو ناحق خون وهائڻ لاءِ تيار ٿي ويندو.

فوجدار: جڏهن ظلم جا انڌيرا ڇائجن ٿا، تڏهن فرشتا به هيڪر لوڪر ڪائن ٿا- پر پوءِ وري پڇتائن ٿا.

جج: جڏهن ظلم جو انڌيرو ڇائنجي ٿو، تڏهن ايمان جو چراغ به اتي پنهنجي روشني ڦهلائي ٿو.

فوجدار: انهيءَ ڳالهه جو عقل قائل ڪين آهي، ڇاڪاڻ ته جتي بي رحميءَ جي سياهي گهاٽيءَ گهري آهي، اتي ايمان جو چراغ ڇا، اگر آفتاب بہ چمڪي ته به انڌيري آهي.

جج: هي رڳو اوهان جو گمان آهي، دنيا ۾ چڱا ۽ برا پنهي طرحن جا انسان آهن. جهڙيءَ ريت صد ها اهڙا لالچي آهن جي پرايو حق دٻائن ٿا، اهڙيءَ ريت اهڙا هزارها ايماندار خدا جا بندا آهن، جي فاقن سان مرن ٿا مگر حرام جو مال اصلي نه کائن ٿا. تنهنڪري هڪ بي خطا کي سزا ڏيڻ، هيءَ ڳالهه انسانيت کان دور آهي، ڪورٽ کي نامنظور آهي- ممتاز صاف بي قصور آهي.

فوجدار: ڏا بٽي؟

جج: اول ته جوابدار جو معصوم چهرو جنهن مان

نيڪي ۽ رحم دلي ٽپڪي ٿي آهي؛ ٢. هن جي چال چلت؛ ٣. جوابدارن جي پاڪ ۽ صاف زندگي، جا آئيني وانگر چمڪي رهي آهي؛ ٤. جميل جو ڏوهه بابت اقراري ٿيڻ؛ ۽ ٥. ٺمبڪنٽي جي گواهي. تنهنڪري بموجب فرمان شاهي، جوابدار ممتاز کي آزاد ٿو ڪجي؛ عالم کي انصاف سان شاد ڏنو ڪجي. اي سپاهيو، قيديءَ جا زنجير يڪدم ڏوڙيو، رسا ڇوڙيو؛ باقي شمشاد ۽ جميل جو ڪيس تاريخ پندرهين تائين محمل رکيو ٿو وڃي.

(پڙدو ڪري ٿو)

پردو ٽيون

جهنگل

(اندر ٺمبڪنٽو)

زبانی

ٺمبڪنٽو: بلا چٽ، چٽا چٽ، صفا، چٽ هي به چٽ، هؤ به چٽ، صفا چٽ، يعني چٽ. بس نفرت — نفرت اصل نفرت — نقل نفرت — مطلب نفرت — اغيره نفرت، وغيره نفرت — اگر نفرت — مگر نفرت، مطلب نفرت، يعني ڪنتري عورت کان بلڪل نفرت!

واه واه، سبحان الله، اسان جو والد بزرگوار (خدا غريق رحمت ڪريس) اسان کي هميشه نصيحت ڪندو

هو، جيڪڏهن ايمانداريءَ سان ڪم ڪندؤ ته بک مرندؤ. مفلسي هر وقت هٿ ٻڌي اڳيان حاضر رهندؤ، بي عزتيءَ جو پهرو دروازي تي سٺو هوندو. خلق خدا جي ڌڪاريندؤ، پر جي بي ايمانيءَ سان هلندؤ ته عيش آڏائيندؤ، جشن ماڻيندؤ، ماڻهو عزت ۽ محبت جي نظر سان ڏسندؤ.

اي امانت برتو لعنت، از تو رنجي يافتم،
اي خيانت، بر تو رحمت، از تو گنجي يافتم.

گانو

مان دانا بيشڪ بينا، وه وا رنگي ڍنگي يارو،
چلتو پرزو سڀ ڪان سياڻو، آهيان حڪمت وارو!
حرڪت شرڪت سان دنيا ڪي، ڪيان والله فنافي الله،
چڙي سچائي، ڪيان لچائي، جوئي، ملي سو بسم الله!

(اندر رهزن)

رهزن: ها، ها، شڪار هٿان نڪري ويو، مگر ڪيڏانهن ويندو. اجهو، اجهو هي ڏو وڃي، پڪڙ– جڪڙ!

ڏمبڪنو: اڙي ڪٿي آهي ڏنهنجو شڪار،
شيطان جا ساٿي، نمرود جا يار!

رهزن: هڪ هرڻ پٺيان ڊوڙندو آيو آهيان، مگر خدا ڄاڻي ڪيڏانهن ڀڄي ويو.

ڏمبڪنو: ڇگو ڏڌهن هيٺر ڏشريف جي نوڪريءَ کي واپس ڪيو، وڏيڪ گوڙ نه ڪيو. ڏڪت و ڏو، جلد روانا ٿيو.

رهزن: مگر دل اجا شڪار لاءِ خواهشمند آهي.

ڏمبڪنو: اڙي بدو هتي شڪار هجي به ني، هت ته

رڳو ڪچرو گند آهي.

رهزن: ڇا هت شڪار ڪونهي.

ٺمڪڻو: هان هان، منهنجي شڪار جو خيال ته ڪونه آهي؟

رهزن: البت، تنهنجو نه ٻيو وري ڪنهن جو.

ٺمڪڻو: آخر مون ڪهڙو قصور ڪيو.

رهزن: قصور، قصور! او پر فتور، ٻڌاياءِ ڪهڙو قصور ڪيو اٿئي.

ٺمڪڻو: ساهه ته تنهنجي ڌمڪيءَ مان ڇڏي ويو، ٻڌندين ته خدا ڄاڻي ڇا ٿيندو.

رهزن: بس، خاموش، جيڪو پيسو ڏوڪڙ هٿ ۾ اٿئي، سو جلد باهر ڪڍ.

ٺمڪڻو: مون وٽ اٿئي الله جو نالو، صفا چٽ ميدان. گهر ۾ ٻڪ، اره ۾ آڪڙ، جيڪو جوٽ چوي، سو بي ايمان.

رهزن: جلد مال باهر سٽ، ورنه هن برجلوٽ بندوق مان تنهنجا پرزا اڏائيندس ۽ تنهنجي خرمن هستيءَ کي آڳ لڳائيندس. ڪڇ، ڇا ٿو چوين، حيوان!

ٺمڪڻو: جوان تون نه شيطان، مون وٽ اٿئي ذنو اڪر، مهربان!

رهزن: او ضدي، تون باز نه ايندين. ڏس، جڏهن مون ايڪ، دو، تين چوندس، تڏهن هن تمنچي جو فير ڪندس، ۽ تنهنجي مشتِ خاڪ کي هوا ۾ اڏائيندس. سنڀري ويهه، ايڪ، دو!

ٺمڪڻو: هان هان، لينا ايڪ نه دينا دو — بيهه بيهه،

ذرا دم ته پٽ.

رهزن: ته رپيا زمين تي سٽ.

ٽمبڪٽو: چڱو ترس ته دل ۾ سوچ ڪريان (سوچي ٿو). مون کي ته ننهنجي پڙ ڏاڏي جي ڏاڏي ۽ ٽنگ جو قسم آهي ته مون وٽ ته ڪجهه به نه آهي، باقي اسٽيشن يا لڪيدر تي وڃي ڪا ٽڪي چري يا ڪينچي ڪٽي ڏيهه، ته خدا ڪندو ته پئون پارنهن آهي.

رهزن: چڱو پلا تيار ٿي، ايڪ دو!

ٽمبڪٽو: هان هان، خواه مخواه ايڪ دو! هاڻي مسخري ڇڏ، ٺر کٽي. ماڻهو اڳڪلهه بي موت ٿا مرن، تون وري ايڪ دو جي ٽڪٽ سان موت جو ڦاٽڪ ٿو لنگهائين.

رهزن: تون مسخري سمجهي رهيو آهين، پلا اچهو مسخريءَ جو مزو ٿو چکايانءِ — ايڪ، دو، تين (ڪوڙو فير ڪري ٿو).

(ٽمبڪٽو فريب ڪري زمين تي ڪري ٿو)

رهزن: هينئر متان نڪري وڃن گهرجي، متان ڪنهن پلا ۾ نه گرفتار ٿيان.

(رهزن ايگزيٽ)

(ٽمبڪٽو آهستي آهستي اٿي ٿو)

زباني

ٽمبڪٽو: و الله، ايڪ، دو، تين ته نڪ ۾ دم ڪري ڇڏيو هو، مرڻ کان اڳي موت جو سرٽيفڪيٽ ڏيئي ڇڏيو هو، سگر آءٌ به آفت جو پتلو آهيان، اهڙو پيچ کيڏيم جو

ايڪ، ٻ، ٽي، ڪري چڏيم.

(اندر رهزن)

رهزن: ها ها، ايڪ، ٻ، ٽي کي ته رفوچڪر ڪري چڏيم، تو کي ته آئنت موتو قبل، يعني مرڻ کان اڳي به ياد آهي. تون ته وڏو استاد آهين.

ڏمبڪنو: مگر تون ته استاد جو به استاد نڪتين.

رهزن: ڀلا هينئر جلد ڏي رپيا ٻاهر ڪڍ، پنهنجي جان ڇڏاءِ، رهائي پاءِ — جلد ڪڍ، ڪڍ!

ڏمبڪنو: ملئي ته وٽ — وٽ، مون وٽ ته اڻئي صفا صفائي. پيارا سائين، ليکي کي الا، وصل کي وڃون.

رهزن: ته انهيءَ جي مون وٽ هڪڙي تدبير آهي.

ڏمبڪنو: اها وري ڪهڙي؟

رهزن: ايڪ، ٻ، ٽين!

ڏمبڪنو: يا رب العالمين!

رهزن: بس بس، تيار ٿي، ايڪ، ٻ، ٽين!

(رهزن ڪوڙو فير ٿو ڪري، ڏمبڪنو ڪري ٿو ۽ رهزن سندس ٿي چڙهي پيسا ڪڍي ٿو وڃي.)

(رهزن ايگزٽ)

ڏمبڪنو: (اٿي ٿو): ايڪ، ٻ، ٽين جي ميگزين ته ذري کهٽ ستياناس ڪري ڇڏي هئي. خير، هينئر اهو ايڪ، ٻ، ٽين به ياد ڪجي. ڪنهن ٻئي ڀلي ماڻس جو انهيءَ ترتيب سان خانو برباد ڪيان.

(اندر ۾ اندا فقير)

ڏمبڪنو: هان، هي وري ڪير! ذرا لکي هنن جو

تماشو ڏسي گهرجي.

فقير١ : اي فقير صاحب توکي خيرات ۾ ڇا مليو؟

فقير٢ : اڙي يار ڪجهه نه پڇ، مهيني ۾ فقط هڪ هزار — پلا تون ڏي خبر.

فقير١ : اڙي يار ڇا خاڪ ڪمايم، رڳا ٠٠١٦٠ سؤ رپيا پنڌرنهن آنا، ساڍي يون تيرهن پائون ۽ هڪ ڪينگر آني جو.

ٺمبڪنو (علحده) : يا الله، ايتري رقم تني به هنن ڪمبختن جو ڏيان نٿو پوي.

فقير١ : پار هي شهر وڏو ڪنجوس آهي.

فقير٢ : واقعي وڏو منحوس آهي، مڪي چوس آهي.

ٺمبڪنو (علحده) : هان، سچ آهي، اچڪله ڏينهن جي خيرات ڪان رات جي خيرات زياده ٿي پيئي آهي.

فقير١ : پار هينئر آءٌ ته پنهنجا پيسا ڪنهن درخت جي هيٺان دفن ڏو ڪريان.

ٺمبڪنو (علحده) : پيهه ته آءٌ تنهنجو ڪفن ڏو ڪريان. هنن رپين جي چڻ چڻ اڳي امان جو مسٽر ايمان ته رفو چڪر ڏو ٿئي. مون بي ايمانيءَ ڪان توٻهه ڪئي هئي، پر بزرگن جي وصيت تي هلڻ واجب آهي. اچ ته توبهه کي ڪٽي ڏا ٽوڙيون، وري ٻئي دفعي ڪٽي جوڙي وجهبي. پنيج - ڪهڙ پنهنجي وس جي ڳالهه آهي. گهر جو ڪارخانو آهي.

(ٺمبڪنو پيسا کسڪائي ڏو)

فقير١ : اڙي منهنجا پيسا الائي ڪيڏانهن ويا.

ٺمبڪنو : جهنم ۾ .

فقير ٢ : اڙي، ڪهوڙا ڙي، منهنجا ته غصب ٿي ويا.
ٽمبڪٽو (علحده) : ٻچا خيرات ٿيا!
ٻيئي فقير : هاءِ، هاڻي ته مري وياسون.
ٽمبڪٽو (علحدو) : مان ڏاڍيئي ٽبو پڙهان، ٻرچاڻي ڏو ڪريان.
فقير ١ : يار هينئر ڇا ڪرڻ گهرجي؟
ٽمبڪٽو (علحده) : ڪفن دفن جي تجويز.
فقير ٢ : هاءِ، هينئر ڪيڏانهن وڃون!
ٽمبڪٽو (علحده) قبرستان ۾ يا وڏي مسان ۾.
فقير ١ : آف، هينئر اسان جو حامي ڪير آهي ؟
ٽمبڪٽو (زور سان) : ملڪ الموت!
فقير : اڙي تون وري ڪير مردود؟
ٽمبڪٽو : واه ٻچا نمرود، مرگيا مردود، نه فاتح نه درود.
فقير : اڙي ٻڪڙ جکڙ، چور چور — سيئه زور — پليس پليس!
ٽمبڪٽو : فرياد فرياد، پليس، سپاهي — چور چور — گهوڙا — آٽ — گڏه، وغيره وغيره.
(اندر چند سپاهي)
سپاهي : اڙي هي ڇاجو شور آهي، ڪهڙو چور، ڪهڙو سيئه زور؟
فقير : حضور اسان انڌا آهيون، اسان کي ڪهڙي ڪل ته چور ڪٿي آهي.
سپاهي : ڇگو، پلا پنهنجا نالا ٻڌايو؟

فقير ١: جناب، منهنجو نالو ڏنڊي شاه آهي.

فقير ٢: حضور ٻندي جو نالو ڪونڊي شاه آهي.

ٺمبڪنو: ٻنده پرور هن غلام جو نالو سيد سوٽي شاه آهي.

سپاهي: چڱو ڀلا ٻڌايو ته اوهان انڌا ڪڏهن کان ٿيا آهيو؟

ڏنڊي شاه: حضور، اسين مادر زاد انڌو آهيان.

ٺمبڪنو: مان حضور هي پدر زاد انڌو آهي.

ڪونڊي شاه: نه نه، سائين آءٌ اصل اکين جنم کان انڌو آهيان؟

سپاهي (ٺمبڪنو سان): تون ڪڏهن کان انڌو ٿيو آهي.

ٺمبڪنو: جناب، ڪوئي ڏيڍ ڪلاڪ کن ٿيو (اکيون کولي) آءٌ ته يار مسخري ٿو ڪيان، مون هنن ڪمبختن جو سارو تماشو ڏٺو آهي. چوري پوري ڪجهه به نه آهي، هي خواه مخواه فتور آهي. هنن کي حوالات ۾ وڃڻ ضرور آهي.

سپاهي: بيشڪ هي سچ ٿو چوي، سڀ هنن انڌن جو من گهڙت فتور آهي، وڃي وڃو هنن کي پوري هيٺ رکو.
(سپاهي ايگزٽ)

ٺمبڪنو: جڏهن هو ڪمبخت ڪري پيو ايڪ، ڏو، ٽين، ته مسڪر ٺمبڪنو جي هيٺان نڪري ٿي وئي زمين.
خير، خدا مالڪ آهي، هينئر ته مال مفت، دل بي رحم—
ڪوئي بي ايماني جو ڪم مون ٿوروئي ڪيو. اڍ و منو،

ادي چائي، اسان اوتري جا اوترا. ڏھ ويھ رهيا ويا، مولا هزار ڏنا. هينئر وچي ڪا ولائتي وارنيش لڳل ليڊي تلاش ڪجي، هيءَ به ايڪ دو تين جي برڪت آهي- خدا حافظ!

(ايگزٽ)

پردو چوٿون

قبرستان

(انٽر ممتاز)

رباعي

ممتاز: زنده درگور همين ڪر گئے مرنے والے،
ڪيسے خاموش هو دنيا سے گذرنے والے.

هاءِ، هي انڌيري رات! هي خوفناڪ سين، نه ڪوئي مونس نه غمخوار آهي، دشت غربت ۽ تنهائي، گلي جو هار آهي.

جي يار نه آ ساقي، پيمانو آ تہ ڇا،
مخمور شرابين سان مئي خانو آ تہ ڇا!

هيءَ آها قبر آهي، جنهن ۾ منهنجي پياري مهلقا جو نازڪ بدن دفنيل آهي، هي آهي ٻڙر آهن، جن ۾ منهنجي معشوقہ جو مقدس روح ڇپيل آهي.

هاءِ محبت، محبت تون آها ناشگفتہ مکڙي آهين، جنهن جي آرزو ۾ هزارين بلبلين جا سر صياد جي ڪم آيا.
هاءِ مهلقا! مهلقا، تون هينئر ڪٿ هونديني، جنت

جي ڪنهن محل ۾ آرامي هوندي!
صبا چئجانءِ جي منهنجي ملين وچڙيل وري دل سان،
۽ تنهنجي آرزوءَ ۾ زندگي ڪاٽيان ڏو مشڪل سان.

گانو- ممتاز:

*ڏو جوي اڄ آسمان، هي سڀ زمانو ڪجهه ٻي نہ آ،
تلف گردش ۾ ڪيان سارو جهان، ڪجهه ٻي نہ آ،
جنهن جڳهہ هو جَمَ جو جلسو، ۽ محل نوشيروان،
چند قبرن کان سوا، اُت ٻيو نشان ڪجهه ٻي نہ آ.
تِني ڏڪيا جن جي نقارن سان زمين و آسمان،
چپ پيا آهن قبر ۾ اڄ، هون ۽ هان، ڪجهه ٻي نہ آ.
جن جي محلن ۾ هزارين رنگ جا فانوس ها،
قبر ڪاري ۾ پيا هن، چون ۽ چان، ڪجهه ٻي نہ آ.
جن جي سر تي تاج شاهي، ها ڪڏهن سايہ فگن،
انهن ”آغا“ ٿيا فنا بعد ازان، ڪجهه ٻي نہ آ.

ممتاز: آ شور فلڪ تي منهنجي هن نوح گريءَ جو،
هن سنگدل تي اثر ناهي، سوز جگريءَ جو،
هي حال آ يارو ڏسو هن بيخبريءَ جو،
والله، هي هنگامو آهي بي صبريءَ جو،
اي نالهٔ دل، وقت ناهي بي اثريءَ جو.
هاءِ سخت صدمو آ فراق يار جو،
آ خدا حافظ دل بيمار جو.
پيا سينئي ارمان پورا ٿيا مگر،
آرزو آ يار جي ديدار جو.

* طرز: ”ڪهہ رها هے آسمان!“

(قبر مان روح ظاهر ٿئي)

روح: هاءِ پيارا ممتاز، هي ڇا حال آهي، ڪهڙو ملال آهي؟ مرڻ وارن جي غم ۾ روئڻ، انهن جي ماتم ۾ جان کوئڻ، هي خيال خيام آهي، هن آه و زاريءَ ۾ اشڪباريءَ کان مسافران عدم موٽي ڪين ٿا اچن، ان ڪري انسان کي لازم آهي، ته حق جي رضا تي راضي رهي، ۽ صبر اختيار ڪري!

ممتاز: الله، هي ته مهلقا جو آواز! عجب سربسته راز آهي! يا خدا، مون کي بچاءِ، اي خيالي تصوير مون کي نه ڏڪاءِ!

روح: افسوس، اهڙي بي وفائي! هينئر منهنجي آواز کان به خوف معلوم ٿئي ٿو— ذرا مٿي خيال ڪر.

ممتاز (مٿي ڏسي): ڪير، مهلقا! هاءِ، آف!

روح: روح جنت مان هليو هڪ آه ساعت واسطي،
آئي هان هت تنهنجي صورت جي زيارت واسطي!

ممتاز: بعد مرڻ جي خيال رخ قاتل آ آهو،
جنهن کان مون اکڙيون چرايون ٿي مقابل، آ آهو.

اي منهنجي معشوقه جا مقدس روح، تنهنجن هنن ڳالهين کان منهنجي طبيعت گهبرائي ٿي— هن عاشق ناشاد کي پنهنجي آغوش ۾ جاءِ ڏي.

روح: پيارا ممتاز صبر کان ڪم وٺ، جو تقدير ۾ لکيل هو، اُن جو ٿيڻ ضرور هو. هينئر تون صبر جو پٿر دل تي رک، خدا کي ائين منظور هو— صبر، صبر، اي عاشق صادق صبر!

ممتاز: صبر ڪيان مگر ڪهڙيءَ اميد تي؟ ڪائي

آميد بر نٿي اچي، ڪائي صورت نظر نٿي اچي.
جيءَ جائي اس دواسي، جس دم ۾ دم نهين،
بوسه تيرا، علاجِ مسيحا سي ڪم نهين.
روح: چرخ، آف ظلم و ستم جو هاءِ مار يو تير آ،
سر جليو، سينو ڦٽيو، ۽ دل صفا نخچير آ؛
لوح دل تي دست قدرت هيءَ ڪئي تحرير آ؛
خاڪ جو پتلو بڻيو، ۽ خاڪ جي تصوير آ،
خاڪ ۾ و ينـدو ملي. ۽ خاڪ دامن‌گير آ.

پيارا تون روئين ٿو! رو، رو، اگر تو کي منهنجي قسمت تي روئڻ اچي ٿو، ته تون منهنجون اکيون وٺ. ۽ صبر ڪر.

ممتاز: منهنجي هستي جيستائين بستيءَ ۾ آهي، پنهنجي عمر جي هرهڪ گهڙي کي تنهنجيءَ ياد ۾ مبارڪ بڻائيندس؛ منهنجو روح جيستائين جسم ۾ آهي، پنهنجن رڳن جي تارن تي تنهنجو گيت ڳائيندس، ۽ جڏهن ظالم خنجر منهنجو گلو چاڪ ڪندو، تڏهن منهنجي خون جون ڦارائون به تنهنجن قدمن جي طرف وهي، تنهنجي قدم بوسي ڪنديون.

روح: صبر، صبر، اي وفاداريءَ جا روشن منار صبر! اگر ساري عمر جي واسطي نه، ته ٿورڙي عرصي جي لاءِ صبر!

ممتاز: آه، هرگز نه! جنهن عاشق تنهنجي پگهر جي بوند به زمين تي ڪرڻ ڪين ڏني، سو هينئر تنهنجي خون ۾ زمين کي رنگيل ڏسي، صبر ڪري سگهي ٿو؟ نه نه، ڪڏهن نه! تنهنجي هڪ لهو جي قطري جي عيوض آءٌ

جهان کي قتل گاهه بڻائيندس، تو جهڙي با وفا معشوقه واسطي روز روشن کي سياهه بڻائيندس.

روح: اگر هوا جو جهوٽو برف وانگر ڄمي وڃي، نظام شمسي، ستارن جي رفتار ٿي وڃي، زمين پورب کان پڇم جي طرف هلڻ لڳي، آفتاب ڏينهن جي بدلي رات جو چمڪي، مگر جنهن جو هن دارفانيءَ مان هيڪر ڪوچ ٿيو، ان جو وري واپس دنيا ۾ اچڻ خدا کي نامنظور ٿيو. ان ڪري هينئر تون به غم دور ڪر – صبر، پيارا منظور ڪر!

ممتاز: ته ڇا آءٌ تو کان نااميد رهان!

روح: بيشڪ، مون کان نااميد رهه؛ ليڪن خدا کان نااميد نه رهه.

ممتاز: نه نه، منهنجي جان منهنجي دل جا ارمان، ائين نه فرماءِ! مون کي پنهنجي آغوش ۾ سلاءِ، مون کان منهن نه موڙ، منهنجي شيشهءِ دل کي سنگِ مفارقت سان نه موڙ.

روح: پيارا، توُن ائين سمجهه، تہ مهلقا منهنجي مٿان صدقي ٿي، نثار ٿي؛ سندس وفا آشڪار ٿي؛ گرچه تيغ تن تي وهي، ته به توکان نه بيزار ٿئي. بس، هينئر آخري سلام، اي وفا جا پتلا آخري سلام!

نه پائيندين مرض غم جي دوا، منهنجي بعد،
ياد ايندي توکي، منهنجي وفا، منهنجي بعد.
(ايگزٽ)

(ممتاز جو قبر جي طرف ڊوڙڻ)

ممتاز: يا الاهي، هيءَ منهنجن اکين ڪهڙو هيبتناڪ نظارو ڏيکاريئي! افسوس، اي دنيا جي هستي ناپائيدار، تنهنجي رفاقت جو ڪهڙو اعتبار! اي موت، مون کي قيد هستيءَ کان آزاد ڪر، جلد پياري مهلقا جي پهلوءَ ۾ سمهار، منهنجي روح کي شاد ڪر!

اي فرشتو ٻڌو، اي زمين، اي دنيا، اي فلڪ، شهادت جا گواه رهجو! فرض ايمان حق عاشقي مون کان اڄ ادا ٿيو.

(ممتاز جو تمنچي سان پاڻ مارڻ، عاشق معشوق جي روحن جو ظاهر ٿيڻ، ۽ هوا ۾ اڏامي وڃڻ.)

پردو پنجون

مڪان تمبڪنو

(تمبڪنو جو چڪون ڏيندو اچڻ)

تمبڪنو: آ، چين — آ، چين — آ، چين. الاهي خير ڪر، هي چڪون آهن يا ٻندوقن جا فائر. يا ترڪن جي لڙائيءَ جون توبون.

صبح جو هن ڪمبخت مموءَ کي ڪڪڙ جي آنن واسطي پئسا ڏنا اٿم، مگر هن مهل تائين پتو ندارد. ٻک کان ساهه موٽلي جي سڱي وانگر منهو تي ويو آهي، اوڳرائي جي عيوض ٽٽ جو ٽهڪو ٿو پوي.

(ممو آڱرين تي حساب ڪندو ٿو اچي)

ممو: هڪ، ٻه، چار، ست سورنهن، ٻارهن، ويهه، ڏيڍ، اڍائي، ساڍا ٽي، سي ٽيا ساڍا سورنهن.

(گردن کي مروڙڻ)

ٺمبڪنو: ڪيئن ڙي سورنهن جا ٻچا، بيضا آندءِ؟

ممون: جناب، هت بيضا وري ڪٿان آيا، هت ته حساب ئي شش پنج ٿي پيو آهي، ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي.

ٺمبڪنو: اڙي ڪمبخت، ڪهڙو وڏو حساب هو جو سمجهه ۾ نٿو اچي! مان جو ايترو وقت لنگهڻ رهيس، سو آيو ويو، بيهه ته تنهنجي اهڙي تهڙي...

ممون: اي جناب عالي، اوهان جي حساب مون کي ذري گهٽ گهنچڪر بڻائي ڇڏيو آهي؛ والله ڪوڙو ئي نٿو اڳي — چڱو ڀلا اوهان ڪيترن آنن جو آرڊر ڏنو هو؟

ٺمبڪنو: چار.

ممون (علحده): تنهنجو نڪري آچار.

ٺمبڪنو (ٺڦڙ هڻي): هيئنت، تنهنجي ماسي مري!

ممون: ڀلا ٻڌايو ته درجن ۾ ڪيترا بيضا ٿيا؟

ٺمبڪنو: گهٽ ۾ گهٽ ويهه.

ممون: واه، هي ڪهڙي ڪاليج مان حساب سکي آيا آهيو! انهيءَ حساب سان ته واڻيان چٽن جي ستيا ناس ڪندا آهن. حضور، درجن ويهن جو ڪين ٿيندو آهي.

ٺمبڪنو: تڏهن ڪيتري جو!

ممون: جناب، درجن ۾ ١٢ بيضا ٿيندا آهن.

ٽمبڪٽو: هان هان، ڳالهه ساڳي آهي، تنهنجو ڪنٽري درجن جو حساب هو، منهنجو ولائتي درجن جو — چڱو، ڀلا ٻارهن ئي سهي!

ممون: چڱو، ڀلو، درجن جا ٻارهن، ۽ پيسي جا مليا اٺارهن؛ اٺارهن کي ٻارهن ۾ وجهو، ۽ ٻارهن مان ڪڍو، ته ڪيترا ٿيا؟

ٽمبڪٽو: اڙي آلو، گهنچڪر، هي ڪهڙي بڪوات لاتي اٿئي. سڌو ٿي، آڏئي جو حساب ڏي.

ممون: آڏيءَ سارو حساب ته ممون اوهان جي روبرو فيصل ڪري ڇڏيو.

(ٽمبڪٽو جو مارڻ، ۽ مموءَ جو ٽمبڪٽوءَ کي ڪيرائي پٺيءَ وڃڻ.)

(اندر دلال)

دلال: جناب تسليمات عرض!

ٽمبڪٽو: آداب عرض.

دلال: جناب اوهان جو نام مبارڪ؟

ٽمبڪٽو: اولڊ فيشن جو نالو پڙادايانءِ، يا نيو فيشن جو.

دلال: ڇا، نالا به پراڻي ۽ نئين فيشن جا ٿيندا آهن ڇا!

ٽمبڪٽو: هان هان، فيشن — فيشن، سوٽ فيشن، بوٽ فيشن، ڪالر فيشن، گائون فيشن، ليڊي فيشن، لينڊو فيشن- مطلب جتي ڏس اُتي فيشن ئي فيشن. اڄڪلهه حسينن جو ناز نخرو به نئين فيشن جو ٿي پيو آهي.

دلال: ڀلا نئين فيشن جو نالو اوڳاريو.

ٽمبڪٽو: مسٽر ٽمبڪٽو من آف ناسپاڙي اسڪائر، ۽ اوهان ڪهڙي جهنگل جي ٻلا آهيو؟

دلال: چا اوهان سون جهڙي مشهور معروف ماڻهوءَ کي ڪين ٿا سڃاڻو! منهنجو والد ته وڏي شان مان وارو آدمي هو — اوهان ڪونه ڏٺو هو؟

ٽمبڪٽو: ڇو نه، گهڻا دفعا، هر روز هو اسان جي محلي ۾ مڇي وڪڻڻ ايندو هو.

دلال: اڙي چپ ره، آهو ڪو بيو آلو هوندو.

ٽمبڪٽو: آلو هجي يا گڏهه، شڪل ته تنهنجي پيءُ جهڙي هيس.

دلال: خير، انهيءَ ذڪر کي دفع ڪيو. خبر ڏيو ته اوهان شاديءَ جي لاءِ "آفتاب سنڌ" اخبار ۾ ڪو اشتهار ڏنو هو؟

ٽمبڪٽو: جي هان، اڄڪلهه سياري جي ڏينهن ۾ مون کي زال جي سخت ضرورت آهي.

دلال: چڱو ته ٻڌو، منهنجي آفيس ۾ جيترين عورتن جي لسٽ موجود آهي، آهي پيش ڪيان ٿو: فلاڻي شهر جي پرئي مڙس کي ست ڏيڱرون آهن، مگر وڏو آدمي آهي ڏئي يا نه، آءٌ نٿو چئي سگهان.

ٽمبڪٽو: اڙي ديوانا، ڏيندو ڇو نه. ذات ۽ اشرافت اڳلي زماني ۾ ڏسندا هئا، اڄڪلهه ته فقط پيسي کي ڏسن ٿا. جتي آهن پيسا چار، اتي ڪمينا ٿين ٿا ڌيئون ڏيڻ لاءِ تيار.

دلال: مگر انهيءَ پرئي مڙس جون چار ڌيئرون ته صفا چٽ انڌيون آهن: هڪ ٽنڊي آهي، هڪ گنجي آهي ۽

جيڪا سڀ ڪان ذنڍي آهي، اها سو اوهان جي لائق آهي، ليڪن ڪڏهن ڪڏهن ڪي اک سو ذرا چلهه آڏس — انهيءَ ۾ ڪهڙو هرج آهي!

ٺمبڪنو: اڙي تو مون کي ڪوڪاڏو ڪوجهو سمجهيو آهي ڇا، جو ڪاڻي زال ڏو پرڏائين!

دلال: چڱو، تڏ هن ماشاالله، مامي جي مالي هو پيٽيو يو ڏلو اٿئي؟

ٺمبڪنو: هائو هائو، پٽس اسان جي گهوڙن جو مئيس هو.

دلال: ان جي همشيره حسين ۽ نهايت نيڪ عورت آهي. مزو ته اهو آهي جو هڪ گلاب جي گل جهڙو ٻچو به ساڻ اٿس.

ٺمبڪنو: اڙي ڏون ته ڪو ٿرڊ ڪلاس احمق ڏسو سجبين. اسان جهڙن شريفن ۽ جنٽلمين ڪي سيڪنڊ هئنڊ (واپرايل) مال ڏو ولي ڏين. شينهن به ڪڏهن لونبڙين جي اوبر کاڏي آهي؟

دلال: تڏهن ڀلا اوهان کي ڪهڙي قسم جي زال جي تلاش آهي؟

ٺمبڪنو: ڏس يار، نيڪ هجي، شريف هجي، حسين هجي، هوشيار هجي، وفادار هجي، چنچل هجي، بلڪ فيشن ايبل هجي.

دلال: اهڙي ته هڪڙي هاٿي در جي نزديڪ، هڪ ضعيف ٻڍي؛ ست ورهين جي ڪنواري ڇوڪري رهندي آهي.

ٺمبڪنو: اڙي مون کي زال جي ضرورت آهي يا ماءُ جي!

دلال: هي بہ نہ، هو بہ نہ، تڏهن اوهان کي زال ملڻ مشڪل آهي.

ٺمبڪٺو: اڙي ملنديءَ چو نہ، هي تہ اسان جي مهرباني آهي جو اسان زالن جي تلاش ٿا ڪيون، نہ تہ هن مهانگي زماني ۾ مرد ملن ڪٿي ٿا.

دلال: پلا عمر جي ڪيتري هجي؟

ٺمبڪٺو: بس ١٦ ورهين جي ڪافي آهي.

دلال: اگر سورهن ورهين جي نہ هجي، تہ آٺن آٺن ورهين جون بہ هجن؟

ٺمبڪٺو: ڇا آءٌ انهن کي ڏيئر ڪري پاليندس ڇا— ٻن جوئن جو ور، ڏنهن جو قبر ۾ گهر. مهربان مون کي ڏاڙهي پٽائڻي ڪين آهي.

دلال: چگو ٻيون ڪهڙيون ڪهڙيون خوبيون هجنس؟

ٺمبڪٺو: ٻڌ، نہ اهڙي بد صورت هجي جو ڏسڻ سان الٽي اچي؛ نہ اهڙي خوبصورت هجي جو سارو شهر منهنجي گهر زيارت واسطي اچي؛ نہ اهڙي ڏٻري هجي جو زور ڏيڻ سان ساهہ ڪري وڃيس؛ نہ اهڙي موٽي مشٽنڊي هجي جو ريل جي ڦاٽڪ ۾ بہ نہ سمائجي: يا چار چار ڪتولا هر روز پچي؛ نہ ايتري ڇوٽي هجي، جو جوءِ جي بدران ڏيءَ نظر پئي اچي؛ نہ ايتري ڊگهي هجي جو ڇپي وٺڻ وقت ڏاڪڻ جي ضرورت ٿئي، نہ اهڙي ڪنجوس هجي جو سالن جا سال ٻار نہ ڏئي؛ نہ اهڙي فياض هجي جو هر سال درجن ٻچن جو ڏيئي گهر گونهہ ڪري ڇڏي؛ نہ اهڙي تندرست هجي جو ڏينهن ۾ ڏهہ دفعا ڪاٺي مون کي ڏيوالو ڪيائي، نہ

اهڙي بيمار هجي، جو ڊاڪٽرن جا بل ڀرائي ڀرائي، منهنجي ستياناس ڪرائي. مطلب ته ٿورڙيون ٿورڙيون سڀ خوبيون منجهس هجن.

دلال: ٺيڪ، اهڙي هڪڙي عورت مون کي سجهي ٿي - سڀاڻي شام جو مون سان لکيدر تي ملجانءِ، ته اتي آن سان ملاقات ڪرائيندو سانءِ.

ٽمبڪٽو: ڏسجانءِ، مال عمدو هجي. آءٌ توکي ڪميشن به ڊبل ڏيندس؛ متان نئين ٽم ٽم سمجهي، پراڻو ڇڪڙو نه گهلي اچين.

دلال: فڪر نه ڪيو، اوهان سڀاڻي ڏيڍ پاءُ روغن ۾، پاءُ ڊامر ملائي، خوب پنهنجي منهن مبارڪ کي پالش مالش ڪري، لکيدر تي اچي، بلي‌ءَ واري 'مياؤ' ڪجو.

ٽمبڪٽو: مگر ذرا سستو ۽ سٺو ڪم ڪجانءِ.

دلال: چڱو سلام!

(دلال ايگزٽ)

ٽمبڪٽو: سلام، واه واه! ٻن چئن ڏينهن ۾ هڪ فيشن ايبل ولائتي ليڊي‌ءَ جو خاوند سڏائيندس. هينئر ته منگل کان ڊبل ٿي پياسون.

خدا حافظ (ايگزٽ)

پردو ڇھوڻ

ڪورٽ

(چپراسي جو ميزون صاف ڪرڻ، ۽ گھڙيال جو آواز ڪرڻ.)

(انٽر، منشي وغيره)

(انٽر جج جو گھنٽي وڄائڻ، ۽ پٽيوالي جو حاضر ڏيڻ.)

جج: جميل ۽ شمشاد حاضر ڪيو!

پٽيوالو: جميل پٽ پيءُ جو حاضر ٿئي!

شمشاد پٽ نامعلوم حاضر ٿئي!

(انٽر شمشاد ۽ جميل)

(منشيءَ جو ڪيس پڙھڻ)

جميل پنھنجي ڀيڻ جي خون جو اقراري آھي، جنھن سان شمشاد به مددگاري آھي. شمشاد پڪاري آھي ته جميل مٿس تلوار ڪڍي ڪيس خون ڪرڻ لاءِ ھلان ڪئي، ليڪن ھيٺين ماڻھن جي بروقت پھچڻ ڪري سندس حياتي بچي ويئي.

جج: انھن شاھدن جا نالا اظھار ڪر؟

منشي: ھندو آچار راءِ، پٽ پاپڙداس.

پٽيوالو: ھندو آچارراءِ پٽ پاپڙداس حاضر ٿئي!

(انٽر ھندو)

جج (اشارو ڪري): تون ھن کي سڃاڻين ٿو؟

ھندو: مالڪ، ھنس کي به ڄاڻان ٿو. اسان سان ڪنڌو

رکندو هو، اجا هجار کن رپين اسان جو قرج اٿن، کوبہ ڏين ئي نٿا.

جج: توکي جيڪا شمشاد ۽ جميل جي جهيڙي بابت سڌ آهي، سا صاف صاف بيان ڪر؛ سچي ڳالهہ ڪورٽ جي آڏيان عيان ڪر.

هندو: ٺيڪ ڪانود، اسان جو قرج (قرض) آهي سچي سچي ڳالهہ ڪرڻ. حجور اڌ رات جو گهورا گهورا ٿي ويئي، ڪنري جو ڏسان تہ هن قسيري (اشارو جميل) جي هٿ ۾ ڪنجر آهي. پوءِ تہ مالڪ اهڙي لڳدي ڪٽي ڪشيما ڏس، جو جڳهہ ئي آها، گروشون — پوءِ تہ ڀائي پليس ۽ ٻيا گهڻا ئي ڪوبہ قسيرا ليڙ پيا بہ اچي ويا. اجا بہ ٺينگوءَ ماءَ جهلي پيئي، نہ تہ ڪفا کون ڪري ڇڏيانس ها.

جج: ٻيو شاهد حاضر ٿئي!
منشي: جهنبيو پٽ ڪپيو!
پٽيوالو: جهنبيو پٽ ڪپئي جو حاضر ٿئي!

(اندر جهنبيو)

جج: اڙي چئو تہ خدا کي حاضر ناظر سمجهان ٿو.
چٽ: اڙي چريا، ناظرخان تہ اسان ٻروچن جي سردار جو نالو آهي؛ باقي حاضر خان ڪٿي خدا جو نالو هوندو. انهيءَ مڙس جي اڳي بہ ملڪن ۾ ريح ٻڌي اٿم، هرڪو ٿو انهيءَ مڙس کان ڊڄي.
جج: ڀلا هيءَ قران متي تي ڪٽي ڪلمو پڙهہ.
چٽ: اڙي سيٺ، هن ۾ تہ خدا سئون ديرئي ڪونهي،

هي نه ٻار ٻه ڪٽي وڃي، باقي ڪلمو منهنجي ٻڌران توڻ ئي پڙهه، توڻي اعتبار آهي.

جج: ڀلا تنهنجي عمر ڪيتري ٿيندي؟

چٽ: سهڻا سائين ٻه چار ورهيه ٿيندي.

جج: يو اسٽو پڊ فول!

چٽ: ادو، ڪاوڙ ٿو ڪرين نه ٻيا ڪٽي ٻه چار وڏاءِ، ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي.

جج: احمق، الوا

چٽ: ڀلا جوان ڪٽي سؤ ڪر، ٻه سو ڪر، ڏمهنجو ئي پيٽ ڳهاڙو.

جج: شمشاد ۽ جميل جي جهيڙي بابت جيڪا تو کي سڌ آهي، سا ڪورٽ جي اڳيان اظهار ڪر، سچي سچي ڳالهه، عالم آشڪار ڪر!

چٽ: سرڪار، منهنجون ريون وٺليون هيون، جيئن سائينءَ جا منشي وينا آهن؛ منهنجو ڪتو اٿين وينو هو، جيئن سائين وينو آهي. مان سائين جن جي ٻاجائي (يعني پنهنجي زال) سان ستو پيو هوس، اڌ رات ڌي ته خون خون جو آواز آيو. مون کي سائينءَ جي ٻاجائيءَ اٿاريو، چا ڏسان ته هن شخص کي (اشارو جميل طرف)، تلوار هٿ ۾ آهي— هي ڳاڙها پٽڪا جهليو بيٺا اٿس، اهي حال احوال— جيءَ، ڏي پنهنجا حال احوال.

جج: اڙي ادب سان بيهه، مٽي نه ڏس!

چٽ: جيڪو سائين کي ڏسي، سو سوئر کي ڏسي.

جج: چپ رهه، ڊيم فول پاڳل، (منشي سان)، بس يا

ٻنهي کو شاهد آهي.

منشي: حضور انور، باقي هڪڙو آهي – تپوس خان، پٽ خرّوس خان.

پٽيوالو: تپوس خان، پٽ خرّوس خان حاضر ٿئي!

جج: اڙي پٺاڻ توکي هن جهيڙي بابت جيڪا خبر آهي، سا بيان ڪر.

پٺاڻ: خو، هم تماري باپ کا نوڪر هون، هم نهين بتائيگا.

منشي: نادان، توکي ٻڌائڻو پوندو، نه ته توکي به مجرم ٺهرايو ويندو.

پٺاڻ: والله باالله مين خو مجرد نهين هون، همڪو ظالم ايڪ درجن عورت هي.

جج: اڇا، قسم کائو.

پٺاڻ: قسم ڪوئي برياني پلاءُ هي، يا ڪباب هي. خو، ڪيا بلا هي، ڪڌر هي، هم بيشڪ کائيگا، لائو، لائو ديوانا!

جج: ڊيم، پاڳل! پٽيوالا هن ديواني کي ڪورٽ مان ٻاهر ڪڍ.

پٺاڻ: او خو، تماري باپ کا گهر هي، هم نهين جائيگا.

(پٽيلوالي جو پٺاڻ کي ڌڪا ڏيئي ڪڍڻ)

جج: مون کي يقين آهي ته هن وحشيانه قتل بعد، خود قاتل جي به اکين مان آنسو وهي آيا هوندا.

جميل: حضور انور، دنيا جي مٿي خود غرضيءَ ۽ لالچ جي پاڻيءَ سان ڳوهي وئي آهي. جنهنڪري تحقيق –

هن آتش دوزخ ۾ گرفتار آهيان آءٌ،
اڄ سيني سزائن جو سزاوار آهيان آءٌ؛
دنياجي ساري پرديتي بدڪار آهيان آءٌ،
دنيا ۽ آخرت ۾، شرمسار آهيان آءٌ.

جج: جنهن صورت ۾ جميل پنهنجي پيٽ جي خون جو پاڻ اقرار ٿو ڪري، ۽ هرهڪ شاهد شمشاد تي جميل جي هلان جو اظهار ٿو ڪري، تنهن صورت ۾ قلم ٣٠٢، انڊين پينل ڪوڊ، موجب ڪيس موت جي سزا ٿي ڏجي.

شمشاد: ۽ مون مظلوم —

جج: مظلوم جي لاءِ بسيحا، تنهنجي لاءِ موت. جيڪڏهن تون جميل کي پيسا ڏيکاري ڪيس لالچ جي گهر ۾ گرفتار نه ڪرين ها، ۽ سندس مددگار نه رهين ها، ته شايد هن معصوم مهلقا جو خون سندس پاءٌ جي تلوار ذوش نه ڪري ها، ۽ نڪي جميل ايترو جوش ڪري ها. تنهنڪري قلم ٣٠٢، ١٠٩، انعڊين پينل ڪوڊ، هيٺ تنهنجو به سر سپاڻي جميل سان گڏ بر سر دار ٿيندو — سرڪار نامدار جو عدل عالم آشڪار ٿيندو!

جج ايگزٽ (پردو لهي ٿو)

پردو ستون

مڪان ٺمبڪٽو

(اندر ٺمبڪٽو)

ٺمبڪٽو: فڪر، فڪر، فڪر، فڪر، — مطلب فڪر. اغيره فڪر — وغيره فڪر — والله فڪر — باالله فڪر — پلا فڪر — مطلب فڪر — يعني جيترو فڪر مون کي آهي، اوترو جيڪڏهن ڪوئي شڪار پوري شاهوڪار ڪري ته مفلس بڻجي حصيدار بڻجي وڃي؛ اگر ڪوئي ڪنٽري ڊاڪٽر ڪري ته هفتي اندر گدوبندر جو جيل وسائي؛ اگر جناب آغا صاحب ڪري ته سندس هڪ نئون ڪيل تيار ٿي وڃي. مطلب ته هينئر سخت هلاڪ آهيان، ڪائي ٿوڙي ٿوڙي پراڻي سراڻي عورت به نٿي نصيب ٿئي. هن ڪمبخت دلال جو اڄ انجام هو، آهو به هن وقت تائين پڌرو ڪين ٿيو.

(اندر دلال)

دلال: سلام!

ٺمبڪٽو: سلام، جناب اوهان ته اچا خدا جي فضل سان جئيرا آهيو، اسان ته فاتح به پڙهي ويٺا هئاسون!

دلال: جناب، اوهان هت ذرا ترسو ته مان انهيءَ عورت کي ڪوٺي اچان.

ٽمبڪٽو: مگر يار.
دلال: يار!
ٽمبڪٽو: يار!
دلال: يار!
ٽمبڪٽو: يار، وارو ڪج، ڪو چنل چڪڙو گهلي نه اچج.
(دلال ايگزٽ)
(انٽر دلال ۽ نازبيگم)
گانو نازبيگم:
* مٺي نوشي ذرا مون سان جاني ڪيو، جاني ڪيو لاثاني ڪيو.
سيج وڇايو، عيش منايو، ذرا رلمل شاد ياني ڪيو.
آءُ ڪلي لڳي يار پيارا، مٺا "آغا" سان ڪا مهرباني ڪيو.
زباني
ناز بيگم: پيارا سائين، خوش آمدي!
ٽمبڪٽو: اڙي خدا خدا ڪر عورت، اسان خوشامدي ڪين آهيون، اسان سچي دل سان فدا آهيون.
(گانو ٽمبڪٽو)
ٽمبڪٽو: تون آن منهنجي جاني، تون آن منهنجي ناني. تون آن منهنجي امان جان، جان، جان، بي ايمان، بي مڪان، بي ڏيان!
هي پياريون پياريون باتيون، ساريون ساريون راتيون، پڌاءِ تون پياري مون کي جان.

* طرز: "ذرا ڪهدو نسوريا ڪو آيا ڪرو"

زبائي

تمبڪئو: يار منهنجي گلي ۾ آواز اٿڪي پيو.
دلال: آواز اٿڪي پيو ته اول چونه جمال گهوٽي جو جلاب ورتئه.
تمبڪئو: ڀلا پياري، سوڊي ڪان اڳ هڪ چمي ته بيانيءَ ۾ ڏي.
نازبيگم: نه نه، پيارا نڪارا نڪاح ڪان پوءِ.
تمبڪئو: بظاهر آ نفرت بباطن آ چاه،
عيان آه آه، و نهان، واه واه!
ٺيڪ ٺيڪ مان آهيان ڏوري، تون خاڪي؛ مون سان گلي لڳڻ ۾ توکي ٿيندي هلاڪي. جيڪڏهن پياري تون منهنجي اصلوڪي صورت ڏسندينءَ، ته يقين آهي ته ضرور اندڻي ٿي پوندينءَ، نه ته به ڪاڻي ضرور ٿيندينءَ.
نازبيگم: چڱو پيارا، منهنجا شرط قبول اٿئي يا نه؟
تمبڪئو: يار.
دلال: يار.
تمبڪئو: يار.
دلال: يار!
تمبڪئو: يار هي ته شايد موچڙن کائڻ واري قيل و قال آهي.
دلال: جناب، محبت جي خاطر ته ماڻهو جتين جا هار پائن ٿا. معشوقن جي هٿان پادر کائڻ، گويا گلن جا هار پائڻ آهن — چئي ڏي منظور.
تمبڪئو: اڙي يار تڪليف ٿيندي.

دلال: چاهي سر جا وار آڏاري وڃن، مگر تڪليف مطلق ڪين ٿينديءِ.

ٺمبڪنو: ڀلا مائي منظور!

ناز: چڱو نئون اوڪڙو ٿي ويهه، مان موچڙا هڻندي ٿي وڃان ۽ تون تعريف ڪندو وڃ

ٺمبڪنو: مگر پياري، ذرا آهستي ڪم لاهج. منهنجي سرڪيڪني‌ءَ جو ڦرهو يا صدقي جو ٻڪرو نه ڄاڻج.

(نازبيگم جا پادر هڻڻ)

ناز: ايڪ، دو، تين...

ٺمبڪنو: يارب العالمين! مائي‌اِها تنهنجي ٽين پين آڙدوءَ جي منهنجي سمجهه ۾ نٿي اچي، مهرباني ڪري سنڌيءَ ۾ ڳڻيندي وڃ.

ناز: هڪ، ٻه، ٽي، چار...

ٺمبڪنو: اڙي نڪري تنهنجو آچار (آٿي ٿو).

ناز: آٿ نه، سنيال!

ٺمبڪنو: بس، باقي ڪائيندو منهنجو دلال.

ناز: مٺا تو وچ ۾ چو ڳالهايو، مان ڀلجي ويس. وري شروع ڪان پادر جهل.

ٺمبڪنو: هل هل، هي هيترا موچڙا جو لڳا، سي ڪنهن جي ڪنڌي؟ مان ته وري ڪين ڪائيندس، ڪا ٽڪڻ مفت جي آهي ڇا؟

ناز: نٿو ڪائين ته مان هلي ٿي وڃان.

ٺمبڪنو: چڱو ڪاوان ٿو مائي، ڪاوان ڏو!

ناز: هڪ، ٻه، ٽي، چار، پنج...

ٺمبڪنو: پيارا، ياد رکج متان ڀلجي نه وڃين.
ناز: وري وچ ۾ ڇو ڳالهايئي — هڪ، ٻه، ٽي، چار، پنج، ڇهه...

ٺمبڪنو اهڙي عورت ته خدا شل منهنجن دوستن کي به ڏئي. ڏسو ته ٻه چار سال حجامت کان ڇڏائي ڇڏيائين — ڪمبخت پادر ۾ سر، پيٽي بي غيرت آهن.
ناز: ماريا وري تو ڳالهائين.
ٺمبڪنو: جيڪو مون کي ڏسي هسي، خدا ڪري اهو به اهڙي آفت ۾ ڦسي.

مڇ موچڙن کان ڪوئي ڪم عالي نٿو ٿئي،
عزت آهو خزانو آ، جو خالي نٿو ٿئي.

ناز: هڪ، ٻه، ٽي، چار، پنج...
ڪنيز: بانو، بانو! اوهان جو والد صاحب اچي ٿو.
ٺمبڪنو: اڙي هن جو والد صاحب ڪو وڏو احمق الوءِ جو پٽو آهي. ڪمبخت موچڙن مهل مري ويو هو، جو شاديءَ جي وقت وچ ۾ ڪڏي پيو. هي وري ڪباب ۾ هڏي ڪٿان آئي؟ (دلال سان) جناب هينئر ڇا ڪرڻ گهرجي؟
دلال: هينئر ڪوئي شعر وير ٻڌائي، نازبيگم جي والد جي دل مسرور ڪر، نه ته ٻه ورهيه جيل، ۽ ٽن مهينن جي قاسي منظور ڪر، جو پرائي گهر ۾ گهڙيو آهين ٻچا!
ٺمبڪنو: اڙي يار شير ته ڇڏ، مون ته ڪڏهن ٻڪري به نه ٻڌائي آهي.
دلال: ڀلا ڇڱو سڀ شاعر نظم ۾ تعمف ڪندا آهن، تون

نثر ۾ ڪٿي ڪر.

تمبڪتو: مون کي ته اهو ٻه ڪين اچي.

دلال: پهرين جيئن مان چوندو وڃان، تيئن تون به چوندو وڃ.

تمبڪتو: چڱو شروع ڪر.

دلال: اي لک چتر جا شاه.

تمبڪتو: اي لت ٺپڙ جا لائق شاه،

دلال: اڙي ٺپڙ نه چتر،

تمبڪتو: اڙي چتر نه ٺپڙ،

دلال: اي جنگين جا سردار!

تمبڪتو: اي ڀنگين جا سردار!

دلال: سلطان خاص و عام،

تمبڪتو: سلطان جا خاص حجام،

دلال: اوهان جي گلي ۾ موتين جا هار!

تمبڪتو: اوهان جي گلي ۾ موچڙن جا هار.

دلال: اڙي موچڙن جا نه، موتين جا،

تمبڪتو: اڙي موتين جا نه موچڙن جا.

دلال: اوهان سڀ جا سرتاج،

تمبڪتو: اوهان سڀ جا محتاج.

دلال: تمام زمانن جا شاه،

تمبڪتو: تمام زنانن جا شاه.

دلال: زنانن جا نه زمانن جا،

تمبڪتو: اڙي بيوقوف، زنانن جا ٺيڪ آهي. چؤ، اڳتي چؤ!

ڏلال: اڳتي چا چوان تنهنجو مرا
ٽمبڪنو: اڳتي چا چوان تنهنجو مرا
ڏلال: چپ بڪ نہ ڪر
ٽمبڪنو: چپ بڪ نہ ڪر۔
ڏلال: هان، هي چا!
ٽمبڪنو: ها، هي چا۔
ڏلال: پلا تنهنجي ناني مري۔
ٽمبڪنو: پلا تنهنجي ناني مري!
ڏلال: قصيدو تمام، بابا قصيدو تمام۔
ٽمبڪنو: يار ڪيئن نازبيگم مون کي چاهي ٿي؟
ڏلال: جناب ناز تہ توکي پنهنجو پيءُ ڪري ڏسي ٿي۔
ٽمبڪنو: تہ دوست مان بہ ڪيس پنهنجي ماءُ کان بہ زياده پيار ٿو ڪيان۔

ناز: پيارا سائين هينئر رفوچڪر ٿيو، وري ٻئي دفعي زيارت ڪرائجو، متان منهنجو والد نہ اچي وڃي— ڪٿي قيامت نہ مچي وڃي۔

ٽمبڪنو: تنهنجي پيءُ جي اهڙي تهڙي، نڪاح مون مان وجهنديئہ يا پيءُ مان— مال منهنجو يا پڻهي جو!

ناز: سيني اندر هجي ها جي منهنجي هزار دل،
هرهڪ ڪيان ها توتان مان پيارا نثار دل!

ٽمبڪنو: جسم مان آهيان، ۽ منهنجي جان آهين تون،
قبلئہ مقصود، دين ايمان آهين تون۔

مان تہ پياري توکي پنهنجي دل جي مندر جي ديوي بڻائيندس، مگر هينئر ڪا نڪاح جي تدبير ٿئي تہ اسان

جي ته البت توقير ٿئي.

ناز: واه واه، هي به هڪ نرالو سوال آ — عشق به ڪوئي آنو يا دال آ، تڏهن تون به پيارا ايترو دماغ رکين ٿو.

ٺمڪٺو: پياري، ڪٿي انڌو به گهر ۾ چراغ رکي ٿو؟ اي نازنين، جيڪي تنهنجي عشق جو دل ۾ دماغ رکن ٿا، سي ڪٿي مڪان ۾ پنهنجو چراغ رکن ٿا.

ٺمڪٺو — نازبيگم

گانو

* تنهنجي جلوي آجاني ڪئي دلڙي ديواني،
ڪيان صدقي مان توتان پياري، ساري جان!
تنهنجو نخرو آ عاليٰ، تنهنجو جوڀن آ ٻالا،
ذرا نيڻن سان نيڻان ملاءِ يو، پياري جان!
آءُ آءُ مهربان، ناحق نه ستايو جان،
سگهو شربت وصلت پلاءِ يو، پياري جان!
ڪيو پيارا پيار، نڪري دل جو بخار،
ڏيان توتان نثار پيارا، واه، واه، واه!
واه، واه، واه! واه، واه، واه!

(انٽر دلال ۽ قاضي)

قاضي جو نڪاح پڙهڻ

ڪاٺ جو ڪوڙو نڪر هي منجي، کوهلو گهوٽ ته ڪنوار گنجي — زال جو نالو نحس بيگم، مراد اسٽوپڊ فول

* طرز: "تيري چل بل هے پياري ڪرو باتين نه مجسي"...

ڪيئن مائي نڪاح قبول؟ حق مهر، هزارگوز، دماغ سوز نه ڏئي، ته زال هن جي ماءُ لڳي. ڪيو رپيا پنج ڪلدار، نه ته ڪنڌو ساڌو ڪورڙن ۾ خوار. بس، پنجي ويو نڪاح، خدايا شل ٻيئي ائين رهن، جيئن ٻيئي ۽ ٻاءُ. پڙهو فاتح— اڪروت العلائڪ قيت پڙوڪ الذين — آمين!

(نازبيگم جي پيءُ جو ڀوت جي شڪل ۾ اچڻ)

ڀوت: بس خبردار!

ٺمبڪڻو: بچاءِ پروردگار! اڙي بابا، تون ڪير آهين؟

ڀوت: مان راڻوڻ راڪاس! تون ڪير آهين؟

ٺمبڪڻو: مان بڙم باڪاس.

ڀوت: چپ، تنهنجي ستياناس. ٻڌاءِ، هت ڇا ڪرڻ آيو هوئين؟

ٺمبڪڻو: موچڙا کائڻ آيو هوس، ٻيو ڇا ڪرڻ آيو هوس.

ڀوت: تون ته ناز سان شادي ڪرڻ آيو هوئين!

ٺمبڪڻو: اڙي يار ڇو ٿو ٻنان مصالح جوٽ بڪين، ناز ته منهنجي ماءُ لڳي، بلڪ هن وقت ڏاڏي ڪولبس ته ٻه فڪر ڪونهي. اهڙي ڪوڙي روغن سان ته تنهنجو منهن ڪارو ٿيو آهي.

ڀوت: ٻلا ست دفعا آت ويهه ڪر، نه ته مان توکي ڪچو ڪائي ويندس.

ٺمبڪڻو: ڪچو کائين يا مصالح سان — حاضر، ڪيان ٿو، هڪ ٻه، ٽي (ترسي ٿو).

ڀوت: اڙي هي ڇا!

ٺمبڪڻو: ذرا ساهه ٿي پٽيم.

ڀوت: ساهه ته پٽيئي ته وري اول کان شروع ڪر.
ٺمبڪنو: اڙي، هي به ڪو نازجو سڳوسئوت ٿو ڏسجي، چڱو بابا هڪ، ٻه، ٽي، چار (وجي ٿو).
ڀوت: اڙي ڪيڏانهن ٿو وڃين؟
ٺمبڪنو: پائخني ڏانهن ٿو وڃان، ٻيو ڪيڏانهن.
ڀوت: چڱو ڀلا، وٺ هي ڪاغذ اٿئي؛ لک ته ناز منهنجي ماءُ ٿئي.
ٺمبڪنو: ائين ته مان ڪڏهن نه لکندس.
ڀوت: نه لکندين، ته مان توکي ڪچو کائيندس.
ٺمبڪنو: اڙي يار ماءُ پنهنجي پٽ جي ٿئي، منهنجي وري ڪيئن ٿيندي.
ڀوت: ڪمبخت نٿو لکين!
ٺمبڪنو: چڱو بابا، ناز تنهنجي ماءُ ٿئي.
ڀوت: اڙي منهنجي نه، تنهنجي.
ٺمبڪنو: يار تنهنجي منهنجي ڳالهه مڙئي ساڳئي آهي.
ڀوت: نه نه، جيڪي مان فرمايان سو لک.
ٺمبڪنو: چڱو لکان ٿو - ناز منهنجي ماءُ لڳي (لکي ٿو).
ڀوت: هينئر انجام ڪر ته وري هٿ ڪين ايندس.
ٺمبڪنو: اڙي ٻيڙي ٻڏي هن چنڊال دلال جي، جنهن مون کي هٿ آندو؛ منهنجي ڏاڏي به وري هٿ اچڻ کان توبهه ڪئي.
ڀوت: چڱو، ڀلا هليو وڃ.

(ڀوت ايگزٽ)

(ٺمبڪنو وڃي، وري اچي ٿو.)

ناز: منهنجي هن غمڪدي ۾ اوهان جو اچڻ مبارڪ.
ٺمبڪنو: اوهان کي پادر هٽڻ مبارڪ، اسان کي ڪاڍڻ مبارڪ.

* ڳائو ٺمبڪنو:

ٺمبڪنو: وڃڻ اسان جو ياد رکجان!
ناز: پادر اسان جا ياد رکجان!
دلال: دلالي منهنجي ياد رکجان!
ٺمبڪنو: چپ ٻي سرا،
وڃڻ اسان جو ياد رکجان!

(ايگزٽ)

پردو اٿون

ڦاسي

(جلاد ڦاسي تيار ٿو ڪري)

(انٽر ٺمبڪنو)

ٺمبڪنو: ڪلجگ نهين، ڪر جگ هي يهي، اب
دن ڪودي، اور رات لي، دنيا ڪا سودا
نقد هي، اس هاٿ دي، اس هاٿ لي.
شايد اڄ جميل رزيل ۽ شمشاد بدبنياد جي موت جي

* طرح — چلا همارا ياد رکنا

سامان جي تياري آهي، هن ڪمبخت جلاد کي به هنن جي انتظاري آهي.

جلاد: اڙي هي ڇا جي بڪ بڪ لاتي اٿي؟

ٺمبڪٺو: هي ڇا جي ٺڪ ٺڪ لاتي اٿي؟

جلاد: توکي خبر نه آهي ته مان ڪير آهيان؟

ٺمبڪٺو: شيطان جو ڏاڏو هامان.

جلاد: او ديـوانا، مان هڪ انساني جامي ۾ موت آهيان!

ٺمبڪٺو: امان امان، معاف ڪر ميان، مهربان!

(ٺمبڪٺو جو ڏڪڻ)

(اندر فوجدار)

فوجدار: ميان منگرمان هئو.

ٺمبڪٺو: آو، هو، مان ته نٺو هئان.

فوجدار: ٺمبڪٺو پڌ ين ٿو.

ٺمبڪٺو: مان پڌان ٿو، پر مسٽر ٺمبڪٺو نٺو پڌي.

فوجدار: ته پلا ڪڙو رهه.

ٺمبڪٺو: تون به اڙهيو رهه.

(اندر جميل ۽ شمشاد گرفتار ٿيل)

شمشاد: دورنگي زماني جي مشهور آ،
ڪٿي آهه ساڙي، ڪٿي نور آ،

جميل: دنيا آ دورنگي، مٺاري سراءِ،
ڪٿي خير خوبي، ڪٿي هاءِ هاءِ!

افسوس، هو آزادي جي راحت، ۽ هي قيد جي مصيبت هو مختياري جو عالم، ۽ هي محتاجي جو ماتم، هو عيش

خوشي جي بهار، اڄ هن حال تي ڦٽڪار، يقين هو تہ قيامت ۾ خطا جي جزا ملي ٿي، پر نہ نہ، هن دنيا ۾ بہ بدڪاريءَ جي سزا ملي ٿي.

شمشاد: يا خدا ڪو تو بنا فرياد رس نہ آ،
افسوس منهنجي حال تي، ڪنهن کي ترس نہ.

ٺمبڪٽو: اڄ بدشعار ستم ڪيش،" اهل ڪين نڪتا،
پليا ها گود ۾، پر مار آستين نڪتا.

جناب هي انقلاب زماني جو دستور آهي، بهار جي بعد خزان جو اچڻ ضرور آهي.

شمشاد: جوٽ بڪين ٿو سربسر.

ٺمبڪٽو: في النار و سقر- هلو هلو سنگل ڊاڍون آهي. لائين ڪلير وڃو.

جلاد: اي بدنصيب خوني، اوهان جي زندگيءَ جو پيمانو لبريز ٿي چڪو، يعني سرڪار نامدار مان ڦاسي جو حڪم ملي چڪو. هينئر ڀيو چار ڪونهي، اوهان کي بچائڻ وارو ڪونهي. جيڪڏهن پنهنجن ڪيلن گناهن جي معافي پنڻ جو خيال ڪيو، تہ درگاهہ رب ۾ سر نمائي، عجز مان سوال ڪيو.

(شمشاد گوڏن تي ويهي گادو ڳائي ٿو)

* گادو شمشاد:

شمشاد: ڪنيم بوج سر تي گناهن جو باري — الاهي توبهہ، الاهي توبهہ!
وڃايو جو مون وقت پاڻ ۾ سارو،
خطا جي سزا اڄ ملي ٿي هي يارو،

---

* سر ٽوڙي، "طرز: ڪتي گناهون ۾ ساري عمر".

عذابِ قيامت دنيا ۾ خواري— الاهي توبهه، الاهي توبهه!
آ شيطان بي پير مون کي ڀلايو،
رکي نفس بد ساڻ يـاري اجايو،
هي لعنت ملامت کنيم سرتي ساري— الاهي توبهه، الاهي توبهه!
جڏهن پيش "آغا" مان مولا جي ٿيندس،
روئي نياز سان پنهنجي خالق کي چوندس:
مان عاجز گهنگار، کر تون ستاري— الاهي توبهه، الاهي توبهه!

زهاڏي

شمشاد: يا الرحم الراحمين، پناه! امان! بخشش، بخشش!
هي طلسمي امتحان عجب غفلت ۽ عبرت سان معمور آهي،
جنهن ظلم جي کوچي ۾ قدم رکيو، تنهن جلد ذلت جو مزو چکيو.
فرعون ظلم جو خنجر هلايو، روز الست جو اقرار ڀلايو.
هاءِ، مان عاصي گنهگار، حشر ۾ مولا کي کهڙو منهن ڏيکاريندس!

جميل: يا خدا نازل بـلائـي آسماني ٿـي وئي،
هر گلي کوچي اندر، منهنجي کهاني ٿي وئي،
کجهه نه سامان آخرت جو تو کيو بخت سياه،
غم کان جان ناتوان، افسوس فاني ٿي وئي!

(ڦاسي تي چڙهڻ)

تمبکنو: آءِ عجب مون کي ته يارو هن بني انسان تي،
فعل بد پنهنجا کري، لعنت کري شيطان تي.